# پيش لفظ

اٹويهين ۽ ويهين صدي حقيقت ۾ قوم پرستي جي تحريڪن جي صدي آهي. يورپ ۾ قوم پرستي جي بنياد تي ننڍيون ننڍيون رياستون انهيءَ دوران ئي وجود ۾ آيون. انهن تحريڪن دوران، انسانن، قوم پرستي جي نظريي خاطر ۽ پنهنجي قوم جي ڳاٽ کي اونچي ڪرڻ لاءِ ايتريون ته قربانيون ڏنيون، جو تاريخ ان جو مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهي. لڪين انسانن قوم پرستي خاطر ديوانه وار پنهنجون جانيون قربان ٿي ڪيون ۽ رت جون نديون ٿي وهايون. قوم پرستي جو جذبو اڃان به ماڻهن جي خون کي گرمائي رهيو آهي ۽ مختلف ملڪن ۾ اهي تحريڪون زور شور سان اٿنديون رهيون آهن ۽ هلي رهيون آهن. سوال هي آهي ته قوم پرستي جي نعري ۾ آخر اها ڪهڙي ڪشش، طاقت ۽ جان آهي، جنهن جي آڌار تي انهيءَ نعري لڳڻ سان قومن جو خون ٽهڪڻ لڳي ٿو ۽ اهي پنهنجي پياري کان پياري شيءِ يعني جان ۽ جسم قربان ڪرڻ لاءِ پڻ تيار ٿيو وڃن. اهو جسم، جنهن سان دنيا ۽ زندگي جي رونق وابسته آهي ۽ جنهن کي آسائشون ۽ لذتون فراهم ڪرڻ خاطر انسان تمدن کي هن عروج تي پهچايو آهي.

انهيءَ سوال تي غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته ان جو بنيادي سبب هڪڙو ئي آهي، اُهوِاهو ته جڏهن قوم جي محبت ٻين سڀني محبتن تي غالب اچيو وڃي ۽ قوم کي مظلوميت، افلاس ۽ غربت جي اوڙاهه مان ڪڍي، آزاد ڏسڻ ۽ ترقي جي عروج تي پهچائڻ جو جذبو چوٽ چڙهيو وڃي ته پوءِ ائين ئي ٿيندو آهي ۽ پوءِ محبت جي تڪميل خاطر وڏي کان وڏي قرباني به هيچ سمجهي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ انسان لاءِ سڀ کان وڌيڪ طاقتور شيءِ جنهن جي مطالبن ۽ تقاضن کي هو روڪي نٿو سگهي، اها ڪنهن نظريي جي محبت آهي، توڙي جو اهو نظريو غلط ۽ باطل ڇو نه هجي.

هن صدي ۾ روس ۽ چين ۾ ڪميونسٽن، ڪميونزم جي نظريي خاطر جيڪا قرباني ڏني ۽ جنهن انداز سان پنهنجا هزارها ماڻهو مارايا، ان مان به ظاهر ٿئي ٿو ته انسان جي جنهن گروهه جي اندر ڪنهن نظريي سان محبت پيدا ٿيو پوي ته اها محبت هن کي خون جون نديون وهائڻ تي آماده ڪري ٿي ڇڏي.



مسلمانن خدا جي محبت ۾ اچي اسلام جي فروغ لاءِ وقتا فوقتا جيڪي بي مثال قربانيون ڏنيون آهن ۽ پاڻ کان ڏهوڻي طاقتور دشمن جو جهڙي طرح مقابلو ڪيو آهي، اهو به حقيقت ۾ محبت جو ئي ڪمال ۽ ڪرشمو آهي. هينئر جيڪڏهن قومن پرستي جي جذبي ۾ اچي ڪري هتي به ماڻهو جان ۽ مال جون قربانيون ڏيڻ لڳن ٿا ته اهو به دراصل محبت جو اٿاهه جذبو ئي آهي. محبت ۽ عشق جو منطق نهايت عجيب آهي، ان جو تعلق عقل کان وڌيڪ جذبات سان آهي.

مسلمانن لاءِ محبت جو مرڪز ڪهڙي شيءِ هئڻ گهرجي، خدا، دين، يا ٻي ڪا شي؟ ان جو جواب هر شخص پنهنجي دل ۽ ضمير کان پڇي سگهي ٿو. هن ڪتاب جو موضوع قوميت، قوم پروري ۽ قوم پرستي آهي، قوم پروري ۽ قوم پرستي جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي. اسلام ۾ انهن ٻنهي جو مقام ڪهڙو آهي، قوميت ۽ قوم پروري جون حدون ڪٿان شروع ٿين ٿيون ۽ ڪٿي وڃي ختم ٿين ٿيون. ڪتاب ۾ ان موضوع تي نهايت تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

سنڌي ٻوليء ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ قوميت جي مسئلي تي روايتي انداز جي بجاءِ علمي طريقي سان ڀرپور ۽ سير حاصل گفتگو ڪئي وئي آهي.

اي ڪاش! سنڌي ٻولي ۾ هن قسم جا ڪتاب گهڻو اڳ شائع ٿين ها ۽ پڙهڻ پڙهائڻ جو انتظام ٿئي ها، پر وقت گذرڻ جي باوجود جيڪڏهن هينئر به ڪي اهڙا ادارا وجود ۾ اچي وڃن، جيڪي ههڙن موضوعن تي پڙهندڙن کي سٺو، قيمتي ۽ همه پهلو مواد فراهم ڪن ته جيڪر پوئين ڪسر پوري ٿي سگهي ٿي.

**محمد موسيٰ ڀٽو**

**١٢ آڪٽومبر ١٩٨٥ع**

# تعارف

سنڌي ٻولي ۾ نظرياتي ڪتابن پڙهڻ جو لاڙو ڪافي وقت کان وٺي موجود آهي، جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي ٿو ۽ اسان جي ٻولي خالص فڪري ۽ نظرياتي ڪتابن جي لحاظ سان شاهوڪار ٻولي ليکجي وڃي ٿي. سيڪيولرزم، ترقي پسندي، انسان – ڪائنات، تخليق ڪائنات ۽ خالق، ڪائنات بابت سنڌي ٻولي ۾ مختلف ادارن جي پاران ڪافي ڪتاب شائع ٿيندا رهن ٿا. اسان جو ادارو ”تنظيم فڪر ونظر“ بہ خالص علمي وادبي اداري جي حيثيت سان وجود ۾ آيو هو. شروع ۾ ان ڏس ۾ ڪافي ڪتاب ڇپيا، پر پوءِ مختلف سببن جي ڪري ڪم رڪجي ويو. هينئر اسان نئين سري سان خالص علمي ۽ ادبي نوعيت جي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. اسين محترم محمد موسيٰ ڀٽو صاحب جا ٿورائتا آهيون، جنهن اسان جي هن ڪم جي سرپرستي ڪرڻ ۽ ڪتابن جي اشاعت جي ذميواري کڻڻ قبول ڪئي آهي، سنڌ نيشنل اڪيڊمي جي تعاون سان ان شاء الله، اسان جي ڪتابن جي اشاعت جو هي سلسلو جاري رهندو.

اسان جي ڪتابن جو موضوع سنڌ جي نسلن کي صحتمند فڪر ڏيڻ، کين پنهنجي پاڪيزه تهذيب ۽ قدرن کان آشنا ڪرڻ، جديديت ۽ جديد فڪر جي اوڻائين کي نروار ڪرڻ ۽ انسانيت جي نالي خالق ڪائنات جي پيغام کي پيش ڪرڻ هوندو.

سنڌي ٻولي ۾ نظرياتي ڪتابن جي مطالعي جو لاڙو هڪ اعتبار سان سٺي علامت آهي تہ زندگي بابت صحيح نظريي ۽ حق ۽ صداقت جي صحيح پيغام کي سمجهڻ لاءِ مطالعي جو اهو رجحان وڏو لاڀائتو ثابت ٿيندو. پر ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪنهن خاص نظريي، خاص طور سان خالص مادي نظريي تي ٻڌل ڏيڻ ۽ ٻين نظرين جي نوعيت ۽ حقيقت جي فهم لاءِ ذهن ۽ دل جي دروازن کي بند نہ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان فڪري جمود پيدا ٿي وڃي ٿو. سمجهدار ۽ ڏاهن فردن جي هميشہ اها ئي روش رهي آهي تہ اهي ذهن ۽ دل کي کليل رکي، حق ۽ سچ کي هر وقت



قبول ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اهو حق ۽ سچ چاهي هنن کي ڪٿان بہ ملي. اسلام جو موقف پڻ اهو آهي تہ صحيح ڳالهہ مومن جي گم ٿيل ميراث آهي، اها ميراث کيس جتان بہ ملي، اتان کيس حاصل ڪرڻ ۾ ڪيٻائڻ نہ گهرجي.

اسلام، انساني عقل کي بنيادي اهميت ڏي ٿو ۽ عقل کان ڪم نہ وٺندڙن کي ننڌي ٿو. قرآن ۾ جهنمين بابت چيو ويو آهي تہ اهي چوندا، ڪاش اسين دنيا ۾ عقل کان ڪم وٺون ها. هڪ حديث شريف ۾ عقل کان ڪم نہ وٺندڙ فردن کي موت سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. اهو عقل جڏهن، سالم ۽ سليم عقل بڻجي وڃي ٿو تہ اهو انسانيت لاءِ رحمت جو باعث بڻجي ٿو. عقل ذريعي غور فڪر کان ڪم وٺڻ ۽ عقل کي سالم ۽ سليم عقل جي صورت ڏيڻ ۾ لٽريچر اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. لٽريچر ذريعي صحتمند فڪر کي فروغ ڏيڻ ۽ صحتمند ڪردار تخليق ڏيڻ، اهو اسان جي مقصدن ۾ شامل آهي.

اسين اميد رکون ٿا تہ تنظيم جي پاران شايع ٿيندڙ ڪتابن کي نظرياتي تعصب کان مٿي اٿي، پڙهيو ويندو ۽ خالص علمي، تحقيقي نظرياتي ڪتابن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو.

**اصغر مجاهد مهر**

**پروفيسر محمد علي راڄپر**

**خواجہ جليل احمد**

محمد موسيٰ ڀٽو

# قوميت، قوم پروري ۽ قوم پرستي

## هڪ تجزيو – هڪ مطالعو

اڄ اسان وٽ قوميت، قوم پروري ۽ قوم پرستي ۾ ڪو فرق نٿو ڪيو وڃي، قوميت ۽ قوم پروري کي به قوم پرستي جي معنيٰ ۾ ورتو وڃي ٿو ۽ پوءِ قوميت ۽ ان جي حقن ۽ مفادات جي ڳالهه کي اهو چئي رد ڪيو وڃي ٿو ته اها سراسر غير اسلامي سوچ آهي. مسلمانن کي مختلف نسلي ۽ علائقائي گروهن ۾ ورهائڻ ۽ سندن ڏار ڏار مفادن جو راڳ الاپڻ اهو يورپ جي قوم پرستي جو نتيجو آهي، جيڪو هتي پڻ اختيار ڪيو وڃي ٿو.

جن قوميتن کي بالادست ۽ اڪثريتي لساني قوميت کان ڪي شڪايتون آهن ۽ انهن جو اظهار ڪيو وڃي ٿو ۽ پنهنجي حقن جي بازيابي لاءِ پڻ ڪوشش ڪئي ٿي وڃي ته انهيءَ ڪوشش کي ڪنهن به صورت ۾ غير اسلامي نٿو چئي سگهجي بلڪ خلاف اسلام ڳالهه ته اها آهي ته اڪثريتي آبادي پنهنجي گهڻائي جي ڏِڍ تي ننڍين ذيلي قوميتن ۽ علائقن جا حق ڦٻائي وني ۽ مٿان وري ستم اهو ته انهن کي دانهون ڪرڻ جي به اجازت نه ڏني وڃي.

اسين يقيناً مسلمان آهيون، مسلمان جي حيثيت سان اسان کي قوميتن ۽ نسلن جي ڳالهه انهيءَ طريقي سان هرگز نه ڪرڻ گهرجي، جنهن مان جهيڙي جهڳڙي لڙائي ۽ ڦڏي فساد جو خطرو پيدا ٿي پوي. مثبت انداز سان پنهنجي علائقائي حقن جو مطالبو ڪرڻ انهن لاءِ آواز اٿارڻ ۽ پڻ تحريڪ هلائڻ اهي اهڙا طريقا آهن جن بابت ڪو به معقول انسان اهو چئي نٿو سگهي ته اهي طريقا اسلام يا اخلاقي آداب جي خلاف آهن.

حقيقت ۾ قوميت، قوم پروري ۽ قوم پرستي جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. قوميت ۽ قوم پروري نه فقط جائز شيءِ آهي بلڪ مسلمانن کي



اهو حڪم پڻ ڏنو ويو آهي ته اهي پنهنجي عزيز اقارب ۽ نسل ۽ قوم جي ماڻهن سان وڌيڪ محبت ڪن. خير خيرات ڏيڻ، زڪواة ڪڍڻ، يا مائٽيون ڪرڻ وقت اهي وڌيڪ ترجيح پنهنجن عزيزن کي ڏين جيڪڏهن هو مائٽن کي نظر انداز ڪندا ۽ معاملات ۽ تعلقات ۾ ساڻن بهتر، سٺو ۽ رحم دلانه رويو اختيار نه ڪندا ته اهي خدا وٽ ڏوهي سمجهيا ويندا، روايت ۾ اچي ٿو ته هڪ شخص حضور ڪريم ﷺ جن کان پڇيو ته پنهنجي قوم جي ماڻهن سان (ٻين جي ڀيٽ ۾) ڪجهه سرس محبت ڪرڻ ڇا عصبيت آهي؟ پاڻ فرمايائون ته نه، عصبيت اها آهي ته پنهنجي قوم جي محبت ۾ ٻين سان نفرت ڪئي وڃي.

قوميت، قوم پروري ۽ قوم پرستي جي وچ ۾ فرق نه ڪرڻ جا هميشه اڳرا نتيجا نڪتا آهن. قوميت جي جائز وجود ۽ حيثيت کي اسلام پوري طرح تسليم ڪري ٿو. اهو تصور ته قوميت ۽ نسلن کي فنا ٿيڻ گهرجي ۽ سيئي نسلون ۽ قوميتون پنهنجو انفرادي وجود ۽ تشخص (سڃاڻپ) مٽائي اسلامي ملت ۾ شامل ٿي وڃن، اهو دراصل يورپي قوم پرستي جي خطرناڪ نتائج ۽ اثرات جو رد عمل آهي. ان کان انڪار ناهي ته اسلام ملت اسلاميه جي اتحاد تي وڏو زور ڏئي ٿو انسانن کي مختلف ٽڪرن ۽ حصن ۾ ورهائي هڪ ٻئي سان دشمني ڪرڻ ۽ حالت جنگ ۾ رکڻ جو هو سخت مخالف آهي. پر اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته اسلام مسلمانن جي مختلف نسلن ۽ لساني قوميت جي وچ ۾ اتحاد جو جيڪو رشتو قائم ڪرڻ چاهي ٿو اهو انفرادي حيثيت ۽ تشخص جي قيمت تي نه بلڪ ان کي برقرار رکندي قائم ڪرڻ چاهي ٿو. اسلام جي نگاهه ۾ انسانن جو مختلف نسلن، زبانن ۽ علائقن ۾ پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. قدرت پنهنجي عظمت، وجود ۽ حيثيت کي مڃائڻ لاءِ ئي اهي نسل ۽ قوميتون آثار ۽ نشانين جي طور پيدا ڪيون آهن. جڏهن نسلن ۽ قوميتن جي پيدائش قدرت جي رازن ۽ حڪمتن کي سمجهڻ خاطر آهي ته ان مان ظاهر آهي ته خود قدرت جي پنهنجي منشا اها آهي ته نسلن ۽ قوميت جا اهي اهڃاڻ زنده رهن ۽ ترقي ڪن تانته انهن

سان خدا کي سڃاتو وڃي. قرآن پاڪ انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو: "ومن آياته خلق السموات والارض وختلاف السنتكم والوانكم." آسمانن ۽ زمينن جي پيدائش ۽ توهان جي زبانن ۽ رنگن جو ڌار ڌار هجڻ اهو الله جي نشانين منجهان آهي.

قوم پروري ۽ قوم پرستي جي لفظن ۽ معنائن کي هڪ ٻئي سان اهڙو تہ سلهاڙيو ويو آهي جو قوميت جي نالي وٺڻ سان ئي ذهن عام طور تي قوم پرستي ڏانهن مڙيو وڃي ٿو ۽ ملڪي سطح تي لساني قوميتن جي ڳالهہ انتهائي معيوب سمجهي وڃي ٿي. بلاشڪ انهن جي ڪارڻن مان هڪڙو ڪارڻ اهو آهي تہ عام طور تي اسان وٽ قوميتن جي حقن جو آواز اهي ماڻهو بلند ڪندا رهيا آهن جن جو مقصد مسلمانن کي وڙهائڻ ۽ لادين نظريات لاءِ راهہ هموار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين هوندو آهي. ان جو ٻيو سبب اهو بہ آهي تہ جديد دور جي سياست اصطلاح ۾ قوميت مان مراد قوم پرستي ئي ورتي ويندي آهي. قوم پرستي (جنهن جو ذڪر تفصيل سان اڳتي ايندو) اها حقيقت ۾ يورپ ۾ ڪليسا ۽ انهن جي قائم ڪيل جڙتو مذهبي نظام جي ناڪامي جو نتيجو آهي. اسان واري قوم پروري ۽ انهيءَ قوم پرستي جي وچ ۾ مشرق ۽ مغرب ۽ زمين آسمان جو مفاصلو آهي. قوم پرستي پنهنجي جاءِ تي خود هڪ معبود ۽ خدا آهي. جڏهن تہ قوم پروري پنهنجي قوم سان محبت ڪرڻ ۽ قوم جي ماڻهن جي ڀلائي چاهڻ جي مفهوم ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي يعني پنهنجي قوم سان معمول کان وڌيڪ محبت ڪرڻ، اهڙي محبت جنهن ۾ ٻين سان نفرت جو ڪو شائبو نہ هجي ۽ جنهن ۾ انساني وقار ۽ شان موجود هجي. اسلام هڪ فطري دين آهي، فطري دين ۾ افراط ۽ تفريط، گهٽ وڌائي ۽ عدم توازن نہ هوندو آهي ۽ نہ وري فطري دين ڪڏهن فطري حقيقتن کان منهن موڙيندو آهي جيڪڏهن اسلام ڪليسا وانگر نسلن ۽ قوميتن جي انفرادي سڃاڻپ جو قائل نہ هجي ها تہ پوءِ تہ اهو چئي سگهجي ها تہ اسلام فطري حقيقتن کي ڪا اهميت نٿو ڏئي.



پر مٿين گفتگو مان واضح ٿيو تہ اهو حقيقت جي برخلاف آهي. اسلام نہ صرف نسلن ۽ قوميتن جي وجود کي مڃي ٿو بلڪ انهن جا حق پڻ تسليم ڪري ٿو. نسلن ۽ قوميتن جي بنيادن تي قائم ادارن ۽ تنظيمن کي بہ برو تصور نٿو ڪري، جيستائين ڪہ انهن ادارن ۽ تنظيمن جي پروگرام ۾ ٻين نسلن جي حيثيت کي گهٽائڻ، نقصان پهچائڻ يا انهن سان نفرت ڪرڻ شامل نہ هجي. آئون هتي ضروري ٿو سمجهان تہ ان موضوع تي عالم اسلام جي ڪن دانشورن جا خيالات پيش ڪريان تہ جيئن ڳالهہ وڌيڪ پڌري ٿي سامهون اچي ۽ اهو پڻ معلوم ٿئي تہ قوم پروري ۽ قوميت جي جائز حدن ۽ مثبت قوميت بابت اهي خيالات محض راقم الحروف جا ئي ناهن، بلڪ مجيل ۽ چوٽيءَ جا عالم اهي خيالات پيش ڪندا رهيا آهن.

هن صدي جو مجدد حسن البناء لکي ٿو: اسين پراڻي مصر جي تاريخ، ان جي تهذيبي ۽ تمدني نشانين، پراڻي علوم فنون ۽ تحقيقي ڪوشش کي قدر ۽ عزت جي نگاهہ سان ڏسون ٿا. اسين انهيءَ اعتبار سان بہ پراڻي مصر جو قدر ڪريون ٿا تہ اها هڪ شاندار تهذيب آهي اهڙي تهذيب جيڪا علم ۽ فن سان سينگاريل آهي البتہ اسين انهيءَ نظريي جا مخالف آهيون تہ انهيءَ تهذيب کي نظام زندگي جي حيثيت سان اختيار ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ڏانهن ماڻهن کي سڏيو وڃي ۽ مصري تهذيب کي انهيءَ رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي."

جي وطنيت (محدود معنائن ۾ علاقائيت) جو روح اهو آهي تہ وطن (يا پنهنجي علائقي) سان محبت ڪئي وڃي، ان جي هر ذري سان عشق جي حد تائين تعلق رکيو وڃي طبيعت ان ڏانهن ميلان رکندي هجي، ان جي در و ديوار ۾ اکين کي ٺار ۽ دل کي سڪون ملندو هجي تہ اها محنت تہ مورڳو هر انسان جي فطرت ۾ داخل آهي اسلام انهيءَ محبت کي هرگز ختم ڪرڻ نٿو چاهي بلڪ ان کي وڌائڻ گهري ٿو. حضرت بلال رضي الله عنه جيڪو دين ۽ عقيدي ۾ فنا هو، مديني ۾ رهندي مڪي جي محبت سان تڙپي اٿي ٿو ۽ سندس بنا اختيار جي زبان مان هي شعر نڪري وڃن ٿا:

الاليست شعري هل ابيتين ليله
بواد وحولي اذخر و جليل

"ڪاش! مون کي اها خبرهجي ها تہ آئون انهيءَ وادي ۾ بہ رات گذاري سگهان ٿو جنهن وادي ۾ منهنجي چوڌاري اذخر ۽ جليل هوندا."

وهل اردن يوماً سياه محبته
وهل يبدون لي شامه وطفيل

"۽ ڇا ڪو اهڙو ڏينهن بہ ايندو جنهن ۾ مان محبت جي چشمن کي پهچي سگهان, ۽ ڇا شامہ ۽ طفيل بہ مون کي نظر ايندا.؟"

اهڙي طرح رسول الله ﷺ جن "اصيل" کان مڪي جي تعريف ٻڌن ٿا تہ سندن شوق ۽ محبت وچان اکين مان ڳوڙها ڪري پون ٿا ۽ فرمائين ٿا تہ "اصيل! دل کي قرار ونڻ ڏي."

"جي وطنيت (محدود معنائن ۾ علائقي) مان مراد اها آهي تہ اتي جي باشندن جا هڪ ٻئي سان تعلقات مضبوط ٿين ۽ اجتماعي خير ۽ ڀلائي جي ڪم ۾ مدد ملي تہ اسين ان سان بہ متفق آهيون بلڪ اسلام تہ ان کي فرض قرار ڏي ٿو."

"جي وطن (يا علائقي) سان محبت جو مطلب اهو آهي تہ امت مختلف گروهن ۽ پارٽين ۾ تقسيم ٿي وڃي, پاڻ ۾ وڙهندي رهي ۽ لڙائين ۾ مبتلا ٿيندي رهي ۽ نفساني خواهشن, ذاتي اغراض و مقاصد جي آڌار تي ڪشمڪش جاري رهي تہ اسلام اهڙي محبت کي هرگز برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي." (تفصيل لاءِ ڏسو اخوان المسلمون جو تربيتي نظام مصنف علامہ يوسف قرضاوي- مترجم عبيدالله فهد فلاحي صفحہ 151-152)

اخوان المسلمون جو هڪ ٻيو ممتاز دانشور عبدالبديع صفر لکي ٿو: "جيڪڏهن قوميت مان مراد انهيءَ سر زمين سان محبت ڪرڻ آهي جنهن سر زمين ۾ قوم رهي ٿي تہ اها هڪ سني شيءِ آهي" (وطن جي محبت ايمان جو جزو آهي)



جي قوميت مان مراد قوم سان محبت ڪرڻ ۽ ان ڏانهن پنهنجي نسبت ظاهر ڪرڻ آهي تہ اها بہ هرگز اعتراض جوڳي ڳالهہ ناهي, اعتراض جوڳي ڳالهہ ٻي قوم سان زيادتي ۽ ظلم ڪرڻ آهي يا ان کي پنهنجو دشمن بڻائڻو آهي.

جي قوميت مان مراد ٻولي جي ترقي آهي تہ بلاشڪ ٻولي هڪ ٻئي جي خيالن کي سمجهڻ جو هڪڙو اهم ذريعو آهي ۽ پنهنجي هم زبان ماڻهن سان محبت ڪرڻ فطري شيءِ اهي. پر جي ان جي برعڪس قومي فلسفي کي انهيءَ ڪري اختيار ڪيو وڃي تہ جيئن ان کي ڪتب آڻي اسلام ۽ عالم اسلام کي نقصان پهچايو وڃي ۽ مسلم قوم کي سندس عظيم الشان مقصد کان هٽائي محدود مقصد طرف آندو وڃي, قوميت کي بذات خود مقصد بنايو وڃي تہ ظاهر آهي اهو سڀ غلط ۽ باطل آهي. (ملاحظہ ٿئي: ہم دعوت کا کام کيسي کرين مصنف: عبدالبديع صفر- مترجم جاويد احمد فلاحي صفحہ 141. اداره مطبوعات طلبہ 1- اي زيلدار پارڪ لاهور)

ان ڏس ۾ پاڪستان جو هڪ مڃيل عالم مولانا محمد طاسين صاحب لکي ٿو تہ: "جيئن تہ اها حقيقت آهي تہ زبانن ۽ رنگن جي اختلاف سان انسانن جي وچ ۾ مختلف تنظيمون وجود ۾ اينديون رهن ٿيون, هڪڙي زبان ڳالهائيندڙن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان جيڪو گهاٽو تعلق قائم ٿئي ٿو ساڳيو تعلق ٻي زبان ڳالهائيندڙن سان نٿو قائم ٿئي. اهڙي طرح سفيد رنگ واري کي پنهنجي گوري پاءُ سان جيڪو لڳاءُ پيدا ٿئي ٿو اهڙو لڳاءُ ڪاري رنگ واري سان پيدا نٿو ٿئي. جيئن تہ زبان ۽ رنگن جو اختلاف مٽائي نٿو سگهجي تنهنڪري انهن اختلاف جي بنياد تي قائم ٿيندڙ تنظيمن کي بہ مٽائي نٿو سگهجي ۽ ان جو انڪار ڪرڻ گويا اهم حقيقت جو انڪار ڪرڻ آهي. پيغمبر ﷺ جي مشهور خطبي حجة الوداع جي لفظن تي غور ڪيو ويندو تہ معلوم ٿيندو تہ انهيءَ خطبي ۾ نسل, رنگ ۽ زبان جي بنياد تي پيدا ٿيندڙ قدرتي تنظيمن جو رد يا انڪار ڪونهي. يعني انهيءَ خطبي مان اهو ثابت نٿو ٿئي تہ عربي ۽ غير عربي ۽ گوري ۽ ڪاري جي صورت ۾

انسانن جي وچ ۾ جيڪا قدرتي تقسيم آهي اها سري کان صفا غلط آهي تنهنڪري ان کي متائڻ گهرجي. بلڪ ان مان جيڪي ڪجھ ثابت ۽ پڌرو ٿئي ٿو اهو هي آهي تہ رنگ ۽ نسل فضليت ۽ مان مرتبي جو ڪارڻ ناهن. نہ ڪنهن عربي کي غير عربي تي فضيلت حاصل آهي ۽ نہ ڪنهن غير عربي کي عربي تي فضيلت آهي، نہ سفيد رنگ وارو ڪاري رنگ واري تي فوقيت رکي ٿو نہ وري ڪاري رنگ وارو گوري تي ڪا فضيلت رکي ٿو. يعني انهن شين جي وجود ۽ اهميت کان انڪار ناهي بلڪ اعتراض جوڳي ڳالھ اها آهي تہ انهن شين کي فضيلت ۽ مان مربتي جو درجو ڏنو وڃي ۽ رنگ، نسل يا زبان جي آڌار تي عزت ڪئي وڃي. اها حيثيت صرف ۽ صرف تقويٰ کي ڏني وئي آهي.

قرآن مجيد نسلي بنياد تي وجود ۾ ايندڙ خانداني ادارن کي پنهنجي پيش ڪيل انساني معاشري ۾ هميشہ قائم رکڻ چاهي ٿو. ان جو ثبوت اهي آيتون آهن جن ۾ خاندان ۽ ان جي مختلف مسئلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن آيتن ۾ نہ رڳو خاندان جي جوڙجڪ تي زور ڏنو ويو آهي بلڪ ان جي استحڪام ۽ مضبوطي لاءِ پڻ تاڪيد ڪئي وئي آهي. خانداني معاملات کي قرآن مجيد جيڪا اهميت ڏني آهي تنهن کي ڏسندي اندازو ٿئي ٿو تہ قرآن مجيد پنهنجي مثالي معاشري ۾ هن اداري کي اها حيثيت ڏيڻ چاهي ٿو جا ڪنهن عمارت ۾ سرن کي ڏني ويندي آهي. جيئن عمارت جي پختگي لاءِ ضروري آهي تہ سرون پڪيون ۽ مضبوط هجن، تيئن قرآن مجيد بہ اسلامي معاشري جي استحڪام خاطر خانداني اداري کي تمام وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ چاهي ٿو.“

علامہ اقبال جنهن جا جي ايم سيد صاحب پنهنجي ڪتاب ”پيغام لطيف“ ۾ قوميت جي رد ۾ بي شمار اشعار ڏنا آهن، اهو پڻ قوميت جي فطري ۽ جائز حدود کي تسليم ڪري ٿو ۽ ان جي اهميت کي مڃي ٿو. لکي ٿو: ”اسين سڀ هندي آهيون ۽ هندي سڏرايون ٿا ڇاڪاڻ تہ اسين ڌرتي جي انهيءَ حصي ۾ رهون ٿا جا هندستان جي نالي سان سڏجي ٿي اهڙي طرح



چيني، عربي جاپاني ۽ ايراني وغيره. وطن جو لفظ جيڪو هتي استعمال ٿيو آهي اهو محض هڪڙي جاگرافيائي اصطلاح آهي ۽ ان حيثيت سان اهو اسلام جي خلاف ناهي. انهيءَ معنيٰ ۾ هر شخص فطري طور تي پنهنجي وطن يعني پنهنجي پيدائش واري هنڌ سان محبت ڪري ٿو ۽ پنهنجي سگهہ مطابق ان لاءِ قرباني ڪرڻ تي بہ تيار ٿي وڃي ٿو. ڪي نادان وري اهڙا آهن جيڪي پنهنجي علائقي سان محبت لاءِ دليل طور حب الوطن من الايمان جي مقولي کي حديث طور پيش ڪندا آهن. جڏهن تہ ان جي ڪابہ ضرورت ناهي. ڇاڪاڻ تہ وطن سان محبت ڪرڻ اهو انسان جو هڪ فطري جذبو آهي، اهو جذبو ڪنهن خارجي دٻاءُ جي بجاءِ از خود پيدا ٿئي ۽ وڌي ٿو. (ڏسو مقالا اقبال صفحہ 232)

هندستان جو ممتاز دانشور عالم دين مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي لکي ٿو: ”قوميت مان مراد اهي عادتون ۽ خلصتون آهن جيڪي ڪنهن جماعت جي شعار يعني سڃاڻپ جو اهڃاڻ بڻجي ويون هجن ۽ جن جي ڪري اها جماعت ٻين جماعتن يا قومن جي مقابلي ۾ ڌار ۽ نمايان سمجهي وڃي.

شاهہ ولي الله لکي ٿو تہ: ”شريعت سڳوري ڪنهن قبيلي جي ماڻهن جي عادتن ۽ علائقي جي مخصوص حالتن کي پوري اهميت ڏي ٿي. اهو مشهور قول بلڪل صحيح آهي تہ شريعت زمان ۽ مڪان جي ويڇن کان بلند آهي، ان جو مثال مينهن وانگر آهي جو آسمان مان بلڪل صاف ۽ لطيف صورت ۾ وسي ٿو پر پوءِ زمين تي پوڻ کان پوءِ ان ۾ هوا ۽ معدنيات جو اثر پيدا ٿي پوي ٿو تنهنڪري زمين جي هڪ پاڱي ۽ ٻئي پاڱي جو پاڻي هڪ جهڙو نہ هوندو آهي.“

شاهہ ولي الله هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو: ”شريعت جو مقصد فقط ماڻهن جي انهن عادتن ۽ طور طريقن جي اصلاح هوندي آهي، جيڪي طريقا انهن ۾ رائج هوندا آهن. شريعت اهڙين شين سان بحث ئي نہ ڪندي آهي جن کان ماڻهو آشنائي نہ هجن. ان جو مثال قرآن مجيد جو اهو ارشاد آهي، تہ

اسان قرآن کي عربي ۾ نازل ڪيو آهي تہ جيئن توهين قرآن کي سمجهي سگهو يا فرمايو ويو آهي تہ جيڪڏهن قرآن کي ڪنهن ٻي ٻولي ۾ نازل ڪيون ها تہ ماڻهو چون ها تہ آيتن جي تفصيل ڇو نہ نازل ڪئي وئي، اهو عجيب معاملو آهي تہ رسول عربي هجي پر قرآن غير عربي ۾ هجي. خدا جو اهو بہ چوڻ آهي تہ اسين جڏهن ڪنهن قوم ۾ رسول موڪليون ٿا تہ اهو انهيءَ قوم جي زبان ئي ڳالهائي ٿو. اهو تہ رسالت جو هڪ پهلو آهي رسول الله ﷺ جن جي رسالت جو ٻيو پهلو هي آهي تہ پاڻ روءِ زمين جي انسانن لاءِ موڪليا ويا آهن.

حضرت شاهہ ولي الله حجة الله البالغہ ۾ اصلاح الرسوم جي نالي سان جيڪو باب ٻڌو آهي تنهن ۾ هن مسئلي تي نهايت تفصيل سان روشني وڌي اٿائين. ڀهريائين انبياء جي شريعت ۽ اصلاح جي طريقي جو ذڪر ڪن ٿا. تہ نبي پنهنجي قوم ۾ اچي ڪهڙي طرح جائزو وٺن ٿا تہ قوم ۾ ڪاڏي پيتي جو ڪهڙو طريقو رائج آهي. پوشاڪ پائڻ وغيره جا آداب ڪهڙا آهن. زينت جون شيوون ڪهڙيون آهن. نڪاح ۽ طلاق جا طريقا ڪهڙا آهن. خريد فروخت، سزا ۽ مقدمن جي فيصلن وغيره ۾ ڪهڙا اصول اختيار ڪيا وڃن ٿا. اگر اهي سمورا معاملا بهتر طور سان انجام ڏنا وڃن ٿا تہ پوءِ انهن مان ڪنهن کي بہ پنهنجي جاءِ تان هٽائڻ يا تبديل ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي نہ وري ڪنهن ٻي شيءِ کي اختيار ڪرڻ جي ڪا ضرورت آهي. بلڪ جيڪڏهن اهڙي صورت ۾ ڪا تبديلي آندي ويندي تہ ان جو مطلب انهيءَ قوم کي اشتعال ڏيارڻ هوندو تہ اها پنهنجن رسمن ۽ طور طريقن کي مضبوطي سان جهلي وٺي. پر ها جيڪڏهن اهي طور طريقا، رسم رواج ۽ معاملات غلط ۽ فاسد هجن يا اهي ماڻهن جي اذيت ۽ تڪليف جو سبب بڻجن يا اهي ڪين دنيا جي لذتن ۾ مبتلا ڪرڻ ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائين کان محروم ڪرڻ جو ذريعو بڻجن تہ پوءِ انهيءَ صورت ۾ انهن کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. (مولانا عبيدالله سندهي اور اس کي ناقدين. ص122 کان 127 مصنف مولانا احمد سعيد اڪبر آبادي)



ان ڏس ۾ ممتاز اسلامي فلاسفر محمد حنيف ندوي لکي ٿو: "انساني ايڪي ۽ وحدت بابت هڪ اهم سوال جيڪو ذهن ۾ اڀري ٿو تہ ڇا اسلام قوميتن جي وجود کي تسليم ڪري ٿو ۽ ڇا اسلام قومن ۽ ملڪن جي انهن تهذيبي خصلتن کي مڃي ٿو جيڪي تاريخ جي مسلسل عمل سان تهي تيار ٿين ٿيون. ڇا انساني ايڪي ۽ ٻڌي جو مطلب اهو آهي تہ نہ فقط سيني جي زبان هڪڙي هجي ۽ سيني جو لباس ساڳيو هجي، بلڪ طور طريقن ۽ رسم ورواج ۾ بہ يڪسانيت هجي ۽ ماڻهو پنهنجي علائقائي ۽ مقامي تهذيبي خاصيتن تان هٿ کڻن. ان سلسلي ۾ مختصراً اهو سمجهڻ گهرجي تہ اسلام انساني ايڪي ۽ ٻڌي تي زور ڏيڻ سان گڏ مختلف قومن جي ڌار ڌار تهذيب ۽ تمدن کي وڏي اهميت ڏي ٿو تنهنڪري قرآن مجيد مختلف قبيلن ۽ نسلن جي وجود ۽ فرق کي واضح طور تسليم ڪيو آهي.

ڪير آهي جيڪو هن تاريخي حقيقت کان واقف نہ هجي تہ دنيا ڀر ۾ جيڪي بہ قومون اسلام جي جهنڊي هيٺ آيون ماضي ۾ وڌڻ ويجهڻ ۽ قبوليت جو اهو شرف ڪنهن کي بہ حاصل ڪونہ ٿيو پر ايڏي مقبوليت هوندي بہ اسلام قومن جي انهن خاصيتن کي اپنائڻ يا جذب ڪرڻ ۾ بخل کان ڪم ڪين ورتو جن ۾ افاديت يا حسن ۽ خوبي موجود هجئي. مصر ۾ قبطي قوم، مغرب اقصيٰ ۾ بربر قومن، ايران ۾ عجمين ۽ هندستان ۾ اتي جي رهواسين جڏهن اسلام قبول ڪيو تہ پنهنجي تهذيبي خاصيتن کان دستبرداري اختيار ڪين ڪيائون بلڪ اسلامي تهذيب ۾ نئون رنگ ڀري ان جي اصولي روپ ۾ پنهنجي مخصوص تابناڪين کي اجاگر ڪيائون. (اساسيات، اسلام صفحہ 224-125 مصنف: مولانا محمد حنيف ندويہ ثقافت اسلاميہ لاهور)

قوميت جي اثراتي پهلو تي هيڏي ساري تفصيل پيش ڪرڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي جو بد قسمتي سان اسان جو دانشور طبقو نسلن ۽ قوميتن جي انفرادي تشخص (سڃاڻپ) جو مخالف پئي رهيو آهي، ۽ هن اسلامي ملت جو جيڪو تصورپيش ڪيو آهي اهو اهوئي آهي تہ قوميتن ۽

نسلون پنهنجيون جداگانه (ڌار ڌار) حيثيتون ختم ڪري پنهنجا سمورا اهڃاڻ ۽ قومي خصلتون ۽ خصوصيتون مٽائي اسلامي ملت ۾ شامل ٿي وڃن. ان تصور ۾ اعتدال پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري هو ته ان بابت ممتاز اسلامي دانشورن جا اقوال ۽ تحريرون پيش ڪجن.

هاڻي سوال هي آهي ته اسلام جتي نسلن ۽ ذيلي قوميتي جي اهڃاڻن ۽ انهن جي انفرادي وجود کي تسليم ڪري ٿو ڇا اهو اتي انهن جي حقن ۽ مفادات جو به تحفظ ڪري ٿو، يا ننڍن ذيلي قوميتن کي طاقتور ۽ اڪثريتي نسلن ۽ قوميتن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏي ٿو انهيءَ سوال جي جواب جو هڪ پهلو اهو آهي ته حقيقت ۾ وڏن قومن جي استحصال ۽ ننڍن قوميتن جي حق تلفي ۽ مفادات جي تحفظ جو مسئلو پيدا ئي اتي ٿئي ٿو، جتي اسلام جي عادلانه ۽ منصفانه تعليم تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو وڃي ٿو ۽ جتي اسلام کي پنهنجي مفادات جي تڪميل لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن عملاً اسلام جي عادلانه سياسي ۽ معاشي پاليسين کي اختيار ڪيو وڃي ته هوند ذيلي قوميتن کي استحصال، ظلم ۽ زيادتي جي ڪا شڪايت ئي پيدا نه ٿئي، استحصال، ظلم، زيادتي، ٻين جي محنتن سان عيش ڪرڻ، ٻين جا حق غضب ڪرڻ، ٻين جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ، وڏ ۾ وڏ دولتمند ٿيڻ جو حرص وغيره، اهي سڀئي بيماريون خدا ۽ آخرت جي خوف جي ڪمي جي ڪري ئي پيدا ٿين ٿيون ۽ وڌنديون رهن ٿيون. انسانن جي جنهن به طبقي ۾ خدا خوفي جيتري گهٽ هوندي اهو گروهه پنهنجي دائري اندر طاقت ۽ سگهه آهر اوترو ئي وڌيڪ ظالم ۽ قاهر ثابت ٿيندو. توڙي ان جو تعلق ڪنهن به قوم ۽ نسل سان ڇو نه هجي. سنڌي وڏيرو ۽ سنڌي تاجر خدا جي خوف کان جيترو خالي هوندو، پنهنجي قوم جي ماڻهن جي لاءِ اهو ايترو ئي وڌيڪ ظالم ثابت ٿيندو ۽ انهن جي ڪل پيو لاهيندو رهندو انهيءَ سوال جو هڪ پهلو ته اهو هو ٻيو پهلو هي آهي ته اسلام بنيادي طور تي غير پڙوسي جي مقابلي ۾ پاڙيسيري جي حقن جو پري رهندڙ جي پيٽ ۾ وڌيڪ تحفظ ڪري ٿو. پاڙيسيري هڪ ته اهو آهي جو محلي ۾ يا



پرسان رهڻ جي ڪري پاڙيسيري هجي. پاڙيسيري جي ٻي معنيٰ اها آهي ته جنهن علائقي ۾ رزق جا وسيلا موجود هجن، انهن وسيلن تي پهريون ۽ اولين حق ويجهو رهندڙن جو آهي.

(ان موضوع تي تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب ”سنڌ جا مسئلا“ جيڪو وڏي سائيز جي 29 صفحن تي مشتمل پمفلٽ جي صورت ۾ شايع ٿيو آهي)

قوم پروري جو جذبو انتهائي صورت ۾ ڇو ٿو اختيار ڪري، ان جا داخلي ۽ اندروني اسباب ۽ ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ هتي تفصيل سان ان موضوع تي روشني وجهڻ جو موقعو ناهي، مختصراً اهو چئي سگهجي ٿو ته جيئن ته قوم پروري ۽ عصبيت جا جذبا انسان جي جبلت ۾ شامل آهن، تنهنڪري جڏهن نسلي ۽ لساني قوميتن جا صحيح ۽ فطري جذبا مجروح ٿين ٿا ۽ انهن کي ڌڪ لڳي ٿو ۽ سندن ڪلچرلي ۽ لساني دائري ۾ اڳتي وڌڻ ۽ معاشي ميدان ۾ ترقي ڪرڻ جا رستا بند نظر اچن ٿا ته نتيجي ۾ قوم پروري جو جذبو جاڳي پوي ٿو ۽ عصبيت ۽ نفرت پيدا ٿيڻ لڳي ٿي جيئن ته هر قوم جو اهل قلم طبقو نهايت حساس هوندو آهي ان ڪري اهو تحريرون ۽ ڪتابن جي ذريعي ان جذبي کي چوٽ تي چڙهائڻ ۽ قوم جي اندر نفرت جو ٻج ڇٽڻ جي انتهائي ڪوشش ڪرڻ لڳندو آهي قوم پروري جو جذبو جڏهن هڪ ڀيرو پنهنجي فطري دائري کان ٻاهر نڪري پوندو آهي، ٻين لفظن ۾ جن بوتل کان ٻاهر نڪرندو آهي ته پوءِ ان کي بوتل ۾ واپس بند ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي پوندو آهي.

جيئن ته اسان وٽ قوم پروري، عصبيت ۽ نفرت جو مسئلو هڪ نظري، فطري ۽ تخيلائي قسم جو ناهي، بلڪ عملي مسئلو آهي. ان ڪري ان مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ محب وطن دانشورن کي غور فڪر کان ضرور ڪم وٺڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ قوم پروري جڏهن نفرت ۽ عصبيت جي مرحلي ۾ داخل ٿي وڃي ٿي، جي عصبيت اڃا ابتدائي مرحلن ۾ آهي ته ان کي حد اعتدال تي آڻي خطرناڪ صورت اختيار ڪرڻ کان روڪي

سگهجي ٿو ۽ ان جو طريقو اهو آهي تہ حڪمران ۽ دانشور طبقا حڪمت، تدبر ۽ عقل کان ڪم وٺي قوميتن جي دل جوئي جي ڪوشش ڪن. قومي وحدت ۽ ايڪي جو مفهوم اهڙو نہ ورتو وڃي جنهن ۾ لساني قوميتن جي سڃاڻپ جي نشانن ۽ حقن جو انڪار هجي بلڪ قوميتن کي پنهنجي پنهنجي دائري ۾ هر طرح ترقي ڪرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو وڃي، قومي وحدت جو مقصد نئين لساني قوميتن جي اطمينان، خوشحالي ۽ ترقي سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

اهو تہ بحث قوميت، قوم پروري ۽ قومي اهڃاڻن جي فطري ۽ مثبت جذبن متعلق هو هينئر اسين قوم پرستي جي موضوع ڏانهن اچون ٿا. قوم پروري ۽ قوم پرستي جا لفظ بظاهر هڪ ٻئي سان مِلن جُلن ٿا. انهن ٻنهي لفظن جي ادائگي ۾ بہ ڪو گهڻو فرق ڪونهي، پر حقيقت ۾ معنيٰ، مطلب ۽ مفهوم جي لحاظ سان انهن ٻنهي لفظن جي وچ ۾ ايڏو وڏو فرق آهي جنهن جي ڪا حد ناهي. قوم پروري هڪ ديني جذبو آهي، پر ان جي برعڪس قوم پرستي نالو آهي، پنهنجي قوم ۽ ان جي مفاد کي خدا، دين ۽ مذهب وغيره تي ترجيح ڏيڻ ۽ ان کان مٿانهون مقام ڏيڻ جديد قوم پرستي پنهنجي ساخت جي لحاظ سان مڪمل طور ڪافرانہ قومن جي خاصيت آهي. جديد دور ۾ قوم پرستي جو تصور يورپ ۾ مذهب جي ناڪامي کان پوءِ پيدا ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اهو تصور سموري يورپ ۾ ڦهلجي ۽ پڪڙجي ويو ۽ قومن پنهنجي رياست جي تعمير، اتحاد ۽ ٻڌي جو بنياد قوم پرستي کي بنائڻ شروع ڪيو . ان جا تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين ان وقت جي يورپي ماحول ۽ اتان جي حالتن تي هڪ نظر وجهون ۽ اهو ڏسون تہ يورپي قومن کي ڪليسا ايڪي جي جنهن ڪڙي ۾ پُرويو هيو اها لڙي ڪيئن ٽٽي، انجي ٽٽڻ کانپوءِ نئين لڙي جي تلاش ۾ هنن ڪهڙي طرح قوم پرستي کي معبود جي حيثيت ڏياري ڇڏي.

مغربي دنيا عيسائيت کان اڳ يوناني ۽ رومي تهذيب جو مرڪز هئي. اهي ٻئي تهذيبون ڪفر، شرڪ ۽ باطل، بت پرستي ۽ ماده پرستي مان ڦٽي



نڪتيون هيون . يوناني تهذيب ۾ البتہ اهو هو تہ انهن وٽ وڏا وڏا دانشور ۽ مفڪر موجود هئا، پر انهن فلاسفرن جي سوچ جو انتهائي ڇيڙو عقل هيو ، عقل کان مٿي اهي ڪنهن شيءِ کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هيا. انساني عقل جي پرواز ڪيڏي بہ اوچي ڇونہ هجي پر تنهن هوندي بہ بهرحال عقل ويچارو محدود ۽ مختصر ئي آهي. ڪائنات جي هيڏي ساري نظام ۽ خدا جي قدرت ۽ ان جي مرضي ۽ مقصد کي تنها عقل جي ذريعي سمجهي سگهن اهو ناممڪن آهي. يوناني تهذيب جيئن تہ عقل کان مٿانهين حقيقتن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي، ان ڪري اها مادي ترقي ۽ تمدن جي عروج جي باوجود انسان ذات کي سک، آرام ۽ اطمينان فراهم ڪري نہ سگهي، نتيجتا اها تهذيب تباه ٿي وئي، انجي جاءِ رومي تهذيب اچي والاري. رومي غور فڪر ۽ عقل جي معاملي ۾ تہ يونانين کان گهٽ هئا، انهن ۾ ڪي ڳاڻ ڳٽيا بہ دانشور پيدا نہ ٿيا، پر رياست جي عروج، مادي آسائشن ۽ جسماني لذتن جي معاملي ۾ اها تهذيب يوناني تهذيب کان بہ وکون اڳتي هئي. غريب ۽ امير جي وچ ۾ زمين آسمان جو فرق، عورتن ۽ مردن جي وهنجڻ جا گڏيل تالاب، ناچ، گاني کي فروغ ڏيڻ جون ڪوششون، غلامن جي محنتن سان عيش عشرت ڪرڻ، هن تهذيب ۾ اهي سڀئي شيون چوٽ تي چڙهيل هيون.

انهيءَ جو اندازو مشهور مغربي ليکڪ ڊاڪٽر ڊريپر جي ڪتاب "معرڪ مذهب و سائنس" مان لڳائي سگهجي ٿو . لکي ٿو: "جڏهن رومي رياست جنگي طاقت ۽ سياسي اعتبار سان مضبوط ٿي وئي تہ ان وقت مذهبي ۽ دنياوي لحاظ کان ان جي اخلاقي حالت فساد ۽ تباهي جي آخري ڇيڙي تي وڃي پهتي. رومين جي عيش پرستي ۽ عياشي جي ڪا انتها نہ رهي، زندگيءَ بابت انهن جو نظريو اهو هو تہ انسان کي گهرجي تہ هر قسم جون لذتون ماڻي. سندن دسترخوان سون ۽ چاندي جي برتنن سان سينگارجي ويندا هيا، سندن ملازم زرق برق جو لباس اوڙهي هر وقت خدمت لاءِ تيار بيٺا هوندا هيا، حسين عورتون جيڪي عصمت جي نالي کان بہ ناآشنا هيون، سي انهن جي وندر لاءِ هر وقت خوبصورتي جو مجسمو بڻجي

آڏو هونديون هيون، عاليشان حمام، دل کي وڻندڙ تفريح گاهون، ۽ مقابلي جا دنگل جن ۾ پهلواڻ ڪڏهن پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ته ڪڏهن وري وحشي درندن سان تيستائين وڙهندا رهندا هيا، جيستائين انهن مان ڪو هڪڙو خون ۾ رتوڇاڻ ٿي مري نه ويندو هو . تجربي جي ذريعي هنن کي اها ڳالهه معلوم ٿي چڪي هئي ته عبادت ۽ پوڄا جي لائق جيڪڏهن ڪا شيءِ آهي ته اها طاقت ئي آهي، چاڪاڻ ته طاقت جي وسيلي ئي سموري اها دولت حاصل ڪري سگهجي ٿي جا محنت ۽ تجارت مان ڪمائي وڃي ٿي، جنگن جي ذريعي مال ۽ ملڪيتن تي قبضو ڪري سگهجي ٿو ۽ نون ملڪن ۽ علائقن کان وڏيڪ ٽيڪسون اڳاڙي سگهجن ٿيون. روم حقيقت ۾ انهن ڏاڍ ۽ قوت جو نشان ۽ علامت هئي.“

اها هئي اها اخلاقي حالت جنهن ۾ مسيحيت (عيسائيت) شام ۽ فلسطين کان ٿيندي يورپ ۾ اچي پهتي. يورپ تي مسيحيت جو وڏو احسان جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي اهو هي آهي ته هن اهل يورپ کي خدا ۽ آخرت جو تصور ڏنو ، ۽ ماده پرستانه زندگي کان هٽائي خدا جي محبت کان روشناس ڪيو ۽ منجهانئن آخرت جو فڪر ۽ احساس ڏنو. اها اها نعمت هئي، جنهن کان يورپ اڳ صفا محروم هيو ، انهيءَ نعمت جي ڪري يورپ وارن کي تمام گهڻو فائدو پهتو .

مسيحيت جي دعوت ۽ پيغام جي اثرات جو ذڪر ڪندي ”تاريخ اخلاق يورپ“ جو مصنف ”ليڪي“لکي ٿو : ”اخلاقي تعليمات کي مؤثر بنائڻ لاءِ عيسائيت سڳوريءَ بلڪل نوان طريقا اختيار ڪيا. اهي طريقا ٻه هيا، هڪ اهو ته هن ماڻهن کي موت کان پوءِ جي زندگي ۽ حساب ڪتاب جو يقين ڏياريو. مشرڪن وٽ اهو تصور انتهائي ڏنڌلو ۽ سطحي هو ۽ عيسائيت پوري وضاحت ۽ اٽل طور اهو تصور پيش ڪيو . مسيحيت سڳوريءَ ٻي ڳالهه اها ٻڌائي ته انسان کي فردا فردا پنهنجن ننڍن توڙي وڏن عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو ۽ خراب عملن جون جيڪي سزائون ملنديون سي عارضي ۽ ٿوري وقت لاءِ نه هونديون، بلڪ هميشه لاءِ هونديون.



دنيا جي لاءِ ذهني ۽ عملي تربيت جا اهي ٻه طريقا بلڪل نوان هئا، تنهن ڪري عام دلين تي ان جو وڏو اثر ٿيو. ان وقت اڪثر ماڻهو آخرت کان غافل ۽ بي فڪر هئا، پر هينئر انهن کي يقين ٿي ويو ته سندن ڪو به عمل، آخرت جي باز پرس کان بچي نٿو سگهي.

”مسيحيت جو ڪارنامو خالي اهو ئي نه هو ته هن ماڻهن کي ذاتي ۽ شخصي خود غرضانه جذبات تي ڪنٽرول ڪري سندن اخلاق درست ڪيا، بلڪ عيسائيت جو ان کان به وڏيڪ ڪمال هي آهي ته هن ماڻهن ۾ رضاڪارانه طور تي نيڪي ڪرڻ ۽ نيڪ رستي تي هلڻ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ اهو جذبو محض مسيحيت سان محبت جو نتيجو هو . اشراقيه جو چوڻ هو ته خدا جي تابعداري ڪريو ، رواقيه چوندا هيا ته عقل جي ٻڌايل رستي تي هلو ، پر مسيحيت اچي ڪري چيو ته مسيح سان محبت ڪريو ، توهان جا اخلاق ازخود نيڪ ٿي ويندا. محبت جو اهو پهريون آواز هو ، جيڪو دعوت اخلاق جي سلسلي ۾ بلند ٿيو ، ۽ ان جو جيڪو اثر ٿيو ، اهو دنيا تي روشن آهي.

اهو ئي مصنف وڏيڪ لکي ٿو ، ”جن ماڻهن مسيحي تاريخ پڙهي آهي تن کي تاريخ جي هر سٽ ۾ مسيحي محبت جا ڪرشما نظر ايندا. سينٽ اگسٽائين جي هن جملي مان اهي ئي ماڻهو پوري طرح لطف وٺي سگهن ٿا ته مسيحي اخلاق حقيقت ۾ فلسفه اخلاق ناهي، بلڪ هڪ نظام محبت آهي.“

سچي ڳالهه اها آهي ته يورپ ۾ عيسائيت پنهنجي آمد کان تقريبا ٻن سو سالن تائين اخلاقي پاڪيزگي جو جيڪو نمونو پيش ڪيو ، تنهن جو مثال ته ملي سگهي ٿو پر ان کان بهتر نمونو ڪٿي نٿو ملي، رومين جي وچ ۾ رهندي انهن جي بگاڙ ۽ شر کان بچڻ، سياسي اٿلن پٿلن کان پري، مقدمن کان پاسيرو جنگي ۽ فوجي شغلن کان بيگانه، آقا جي ظهور جو شوق، پنهنجي مذهبي تعليمات جي جوش ۽ وڏاءُ ۾ سرشار.“

عيسائيت اهل يورپ کي مذهبي ۽ اخلاقي ميدان ۾ ڪيئي مفيد شيون ڏنيون، خير خواهي، رحمدلي، غلامن سان نرمي جو برتاءُ ، دنيا ۽ مادي سامان

جي بجاءِ آخرت جو فڪر ڪرڻ، خدا جي محبت کي دل ۾ جاءِ ڏيڻ، انسانن سان محبت ڪرڻ، وغيره وغيره. جيئن ته اهي صفتون ۽ خاصيتون يوناني ۽ رومي تهذيب ۾ ڪين هيون، جي ڪٿي هيون ته به نالي ماتر. عيسائيت پنهنجي انهن خوبين جي ڪري يورپ ۾ نهايت تيزي سان ڦهلي، پر جيئن ته عيسائيت هڪ مڪمل دين نه هو . بلڪ حضرت عيسيٰ ان لاءِ آيو هو ته جيئن بني اسرائيل جي مذهبي زندگي ۾ رياڪاري، ڏيکاءُ ۽ نافرماني جا جيڪي عناصر (جزا) پيدا ٿي پيا هئا، تن کي ختم ڪري، انهن جي جاءِ تي منجهن اخلاق، يقين ۽ انسان ذات سان محبت جون صفتون پيدا ڪيون وڃن. تنهن ڪري عيسائيت کي باقاعده اها حيثيت نه اها حڪومت ۽ سياست جي ميدان ۾ به رهنمائي ڪري، ڪيس اهو مقام ڪڏهن به حاصل نه رهيو . تنهن ڪري عيسائيت اهل يورپ کي جتي تهذيبي ۽ تمدني زندگي ۾ اخلاق، يقين ۽ محبت جون وصفون ڏنيون، اتي انهن جي زندگين ۾ عظيم خال پڻ پيدا ڪيا ۽ زبردست نقصان رسايو . اهڙو نقصان جنهن جي ڪري يورپ مذهب کان منهن موڙي لادين ۽ ماده پرست قوميت ۽ قوم پرستي کي پنهنجو معبود بنائي ڇڏيو . جيئن ته قوم پرستي جي تحريڪ کي سمجهڻ لاءِ يورپ جو اهو پس منظرپيش ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. تنهن ڪري اسين ڪنهن حد تائين انهيءَ ڏيگهه ۾ وڃڻ تي مجبور آهيان. جيئن ته مٿي عرض ڪيو ويو ته سياست جيڪا انسان جي عملي زندگي جي هڪ اهم بنيادي شيءِ آهي، عيسائيت جي نظريه انسان وڪائنات ۾ يا ان جي باني جي عملي زندگي ۾ ان بابت ڪابه رهنمائي نٿي ملي، ڇو ته حضرت عيسيٰ انسان جي سچي زندگي جي هدايت لاءِ پنهنجي زندگي کي نموني طور پيش ڪرڻ لاءِ آيا ئي ڪين هئا. سندس تعليم ۾ پنهنجي پيروڪارن کي دنياوي ۽ مادي عظمت کان همڪنار ڪرڻ شامل ئي ڪين هو . اهو ئي سبب آهي جو ماڻهن جڏهن ڪيس پنهنجو بادشاهه بنائڻ چاهيو ته پاڻ پهاڙ ڏانهن نڪري هليا ويا. عيسائيت ۾ نقص جو ٻيو سبب اهو پڻ آهي ته حضرت عيسيٰ ع کي پنهنجي تعليمات پيش ڪرڻ جو موقعو ملي سو ملي، ان کان



اڳ ئي ڦاسيءَ جي سزا طئي ڪئي ويئي. جنهن ڪري حضرت عيسيٰ ع ان وقت جي حالتن جي مناسبت سان بني اسرائيل کي جيڪا تعليم ڏيڻ چاهي پيو ، سا پڻ اڌوري رهجي وئي. بعد ۾ حضرت عيسيٰ ع جي ڪن نڪتن کي بنياد بنائي مذهبي طبقي عيسائيت کي مڪمل طور تي دنيا کي ترڪ ڪرڻ، راهبانه زندگي اختيار ڪرڻ، غارن ۾ لڪي اتي عبادت ڪرڻ ۽ انهن شين ۾ معراج حاصل ڪرڻ کي ئي عيسائيت جو منشا ۽ مقصود قرار ڏنو .

الغرض ته عيسائيت جي پهرين ڪمزوري اها هئي ته اها سياسي ۽ اجتماعي زندگي لاءِ ڪو نظريو ڏيڻ يا رهنمائي ڪرڻ کان قاصر هئي، ٻي ڪمزوري جيڪا شروع کان عيسائيت ۾ داخل ڪئي وئي ( جنهن هن مذهب کي انسانيت جو الميو بنائي ڇڏيو) سا علم ۽ عقل دشمني جي روش هئي، هر اها شيءِ جا عقل، منطق ۽ مشاهدي سان ٽڪرائجي پئي اها عيسائيت وٽ مقدس سمجهي وئي. مذهبي طبقي تنگ نظري ۽ علم وعقل دشمني جي اها روش شروع کان اختيار ڪئي هئي، ظاهر آهي جيڪو مذهب غور و فڪر ۽ نون نون علمن ۽ کوجنائن جي مخالفت جي شڪل اختيار ڪري وٺندو ۽ عالمن ۽ دانشورن جو وجود برداشت نه ڪندو اهو پنهنجي تمام تر خوبين جي باوجود عملي دنيا ۾ انسانن جي رهنمائي هرگز نه ڪري سگهندو .

ٽين شيءِ جنهن عيسائيت کي تباهيءَ تائين پهچايو ، اهو هن جو خانقاهي نظام هو . خانقاهيت سان وابستگي مذهب جو حصو ۽ جزو سمجهيو ويو . خانقاهن جي نالي تي جائدادن ۽ ملڪيتن کي وقف ڪرڻ نجات جو ذريعو سمجهيو ويو ، ۽ اهي خانقاهون وري مذهبي طبقي جون ذاتي جاگيرون بنجي ويون. انهن جي بدولت مذهبي طبقو صدين تائين يورپ جو مختيار ڪل بڻجي ويو .

اهي ئي شيون آهن جن گڏجي ڪري يورپ ۾ ماڻهن کي خدا، مذهب، ۽ مذهبي اقتدار کان مايوس ڪري وڌو ۽ رياست جي بنياد لادين نيشنلزم

تي رکڻ تي مجبور ڪيو. ضروري آهي تہ عيسائيت جي انهن ٽن ڪمزورين بابت ڪجهہ تفصيل ڏنا وڃن. اهي تفصيل اسين پنهنجي طرفان پيش ڪرڻ جي بجاءِ مشهور مغربي دانشورن جي ڪتابن مان پيش ڪريون ٿا.

”ليڪي“ تاريخ اخلاق يورپ ۾ لکي ٿو ”عيسائيت جي عروج جي زماني ۾ مسيحيت مفيد علوم ۽ فنون کان صفا پري هئي. البتہ فقهي اختلافات تي پوري قوت صرف پئي ڪئي وئي، جيڪو شخص ڪنهن طبعي ۽ فلسفياڻي نڪتي تي تحقيق ڪرڻ پيو چاهي، ان تي جادوگر، الحاد ۽ بي ديني جو الزام لڳائي ڪيس خاموش ڪيو ٿي ويو. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ مسيحيت تحقيق ۽ تنقيد جي هر طريقي تي بندش وجهي ڇڏي هئي، ڪنهن مسئلي تي هڪ شڪ شبهو ڪرڻ، موافق ۽ مخالف دليل ٻڌي راءِ قائم ڪرڻ، ڪنهن عقيدي لاءِ دليل طلب ڪرڻ،خالي ذهن ٿي ڪري ڪنهن مسئلي تي غور ڪرڻ اهي سڀ شيون حرام ۽ ڪفر قرار ڏنيون ويون هيون. اهو ئي سبب آهي جو يورپ تي صدين تائين جهالت، وهم ۽ ضعيف الاعتقادي جا ڪڪر ڇانيل رهيا، اها صورتحال مسلمانن جي پاران سائنسي تعليم ۽ اشاعت تي زور ۽ خانقاهن جي بجاءِ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي کلڻ ۽ تعليم جو يونيورسٽين ۾ منتقل ٿي وڃڻ ۽ قديم يوناني ۽ رومي ڪتابن جي پکڙڻ کان پوءِ مس مس ختم ٿي. (صفحہ 184)

”منهنجي تحقيق مطابق عيسائيت جا اصول شروع کان تمدني ترقي جا مخالف هيا، تمدن شائستگي ۽ علم جو پاڻ ۾ گهاٽو سڳند آهي. اهو ناممڪن آهي تہ ڪا قوم جاهل هجي ۽ ان سان گڏوگڏ اها متمدن ۽ ترقي يافتہ بہ هجي.“

مذهبي تنگ نظري، جيڪا علم ۽ عقل دشمني جو ئي نتيجو آهي، ان ۾ عيسائيت جو مذهبي طبقو ايترو اڳتي وڌي چڪو هو جو ممتاز مغربي دانشور ليڪي لکي ٿو ”عيسائيت ۾ رفتہ رفتہ اسي نوي فرقا ٺهي ويا، هڪڙي فرقي جا ماڻهو ٻئي فرقي جي ماڻهن جي پاڇن کان بہ پرڇڻ ٿي لڳا، انهن فرقن جي بنياد جن اختلافي مسئلن تي هوندي هئي، اهي مسئلا نهايت



خصيص ۽ معمولي قسم جا هيا، مثلا هڪ گروهہ جو چوڻ هو تہ خدا ۽ مسيح متحدا لما هيت (يعني هڪ ئي ذات) آهن. جڏهن تہ ٻئي جو چوڻ هو تہ نہ مشترڪ الماهيت (يعني صفتن ۾ هڪجهڙا) آهن. انهن هيرا ڦيرين ۽ بي فائده ۽ منجهائيندڙ مسئلن جي ڪري جيڪي اختلاف پيدا ٿيندا هيا انهن جي آڌار تي وڏا وڏا هنگاما ۽ جهڳڙا برپا ٿيندا هيا، شهر ۾ وڏي پيماني تي ڦرلٽ ٿيندي هئي ۽ باهہ ٻري ويندي هئي، هڪ پيري قسطنطنيہ ۾ اختلاف جي باهہ ايڏي تہ ٻري وئي جو ٽي هزار ماڻهو انهيءَ جو شڪار ٿي ويا، هڪڙي بادشاهہ راءِ جي اختلاف سبب اسي پادرين کي درياءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو . هڪ طاقتور پادري صاحب پنهنجي مخالف عيسائين جي زالن کي درا لڳرايا ۽ ڪنوارين عورتن کان پوشاڪ لهرائي ۽ اگهاڙو ڪري باهہ ۾ تيل تڙڪائي ان ۾ اڇلائي ڇڏيو . يروشلم ۽ قسطنطنيہ ۾ ڪيترائي پيرا مخالف عيسائي ڌريون هڪ ٻئي جي آمهو سامهون ٿي بيٺيون. ٽين صدي عيسوي کان اها هوا ڦهلي تہ مخالف فرقن جي عبادت گاهن کي قانونا بند ڪرايو وڃي.

”جڏهن اسين انهي روش جي پيٺ ۾ يونانين ۽ رومين کي ڏسون ٿا، ۽ ڪانئن پنهنجن مخالفن سان هلت ڏسون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ يونانين ۽ رومين جو اخلاق ڪيڏو نہ بلند ۽ مٿيرو هيو . انهن جي پيٺ ۾ ان وقت جا عيسائي تہ گويا ماڻهپي کان ئي محروم ۽ تنگ نظري جو نمونو هيا.“

اها تہ ٽين چوٿين صدي جي صورتحال هئي، علم ۽ عقل خلاف مذهبي طبقي جيڪي ڪات، ڪهاڙا پندرهين صدي عيسوي کان ڪٺڻ شروع ڪيا هيا، تنهن جي پروڙ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏسو امريڪي پروفيسر علامہ ڊريپر جو ڪتاب ”معرڪہ مذهب و سائنس“ چار سئو پنجن صفحن جو اهو ڪتاب عبرتناڪ واقعن سان پريل آهي، اهو ڪتاب اردو ۾ مولانا ظفر علي خان ترجمو ڪيو آهي، 1901ع ۾ اهو پهريون پيرو رفاه عام پريس لاهور مان شائع ٿيو هو. ڪي حوالا ملاحظ ٿين:

”يورپ ۾ 1478ع ۾ (مجالس تفتيش و احتساب) جي ملي سان هڪ محڪمو قائم ٿيو . جنهن جو مقصد هو تہ جيڪي شخص علم ۽ سائنس

سان ڪا معمولي دلچسپي بہ رکندا هجن تہ انهن کي ڳولي ڳولي مجلس احتساب آڏو پيش ڪيو وڃي ۽ کين سزائون ڏنيون وڃن. انهيءَ محڪمي جي گرفت مضبوط ڪرڻ لاءِ پوپ اهو حڪم پڻ جاري ڪري ڇڏيو هو تہ هر ڪو عيسائي پنهنجي خيالن ۽ عملن جو حساب پيش ڪرڻ لاءِ روزانہ پنهنجي حلقي جي پادري وٽ حاضري ڏئي، جيڪو شخص پنهنجي صحيح خيالن ۽ عملن کي ظاهر تہ ڪندو اهو مسيح جي برڪتن کان محروم رهجي ويندو.

ان حڪم جو نتيجو اهو نڪتو تہ زال مڙس جي، مڙس زال جو، پيءُ پٽ جو ۽ پٽ پيءُ جو مخالف ۽ جاسوس ٿي بيٺو . محڪمہ احتساب جي ڏهڪاو ۽ ڏاڍاين جو اندازو ڪريو تہ هن 1481ع کان 1808ع تائين تائين تي لک چاليهہ هزار انسانن کي عبرتناڪ سزائون ڏنيون. اهڙن بدقسمت انسانن مان ويهہ هزار ماڻهو اهي هيا، جن کي باهہ ۾ اڇلائي ساڙيو ويو . اسپين جي محڪمہ احتساب پنهنجي پهرين ورسي هيئن ملهائي جو ٻارنهن مهينن جي اندر ٻن هزار ماڻهن کي جيئرو جلايو ويو ، ۽ سترنهن هزار ماڻهن تي ڀاري جرمانا عائد ڪيا ويا ۽ عمر قيد جون سزائون ڏنيو ويون. پادري تار ڪوئي ميڊا ڪيٽل اورليان جو صدر محتسب هيو ، هن شخص ارڙهن سالن جي عهدي جي عرصي دوران ڏهہ هزار بہ سئو ويهن ماڻهن کي باهہ ۾ وڌو، ستانوي هزار تي سئو ايڪيهہ ماڻهن کي خوفناڪ سزائون ڏنيون.

معروف سائنسدانن ۽ علامہ گليلو کي جيل ۾ اذيتون ڏيئي ماريو ويو. اٽلي جي علامہ برونو کي انهيءَ ڏوهہ ۾ پڪڙيو ويو جو هو ڪائنات بابت اهو عقيدو رکندو هو تہ هن ۾ اڪيچار دنيائون موجود آهن، عدالت ڪيس انهيءَ ڏوهہ ۾ باهہ جي اوڙاهہ ۾ اڇلي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ، اهو حڪم ٻڌي علامہ برونو عدالت کي هنن لفظن سان خطاب ڪيو ”يقين ڪريو توهان جو حڪم ٻڌي منهنجي دل ۾ انهيءَ خوف جو ڏهوئون حصو بہ پيدا نہ ٿيو آهي جيڪو خوف اهو حڪم جاري ڪرڻ وقت اوهان جي دلين ۾ پيدا ٿيو هوندو ، چنانچہ کيس 16 فيبروري 1600ع تي باهہ ۾ وڌو ويو .



علم، عقل ۽ مذهبي طبقي جي وچ ۾ هلندڙ انهي جنگ کھڙي صورت اختيار ڪئي، ۽ ان جي نتيجي ۾ قوم پرستي ڪيئن جنم ورتو اهي تفصيلات ٿورو اڳتي هلي پيش ڪبيون هتان اسين وري واپس موٽون ٿا، ۽ عيسائيت جي ترڪ الدنيا ۽ راهبانہ زندگي جا وچور پيش ڪريون ٿا. جيئن مٿي عرض ڪيو ويو تہ عيسائيت جي هڪ وڏي ڪمزوري ۽ گهٽتائي اها هئي تہ هن خدا جي محبوب هجڻ ۽ آخرت ۾ نجات حاصل ڪرڻ جو جيڪو طريقو ۽ رستو ڏسيو هو ۽ معمار پيش ڪيو اهو راهبانہ قسم جو معيار هو ، يعني جيڪو شخص دنياوي معاملات ۽ لذتن کان جيترو پري هوندو ، جسم جي تقاضائن ۽ نفس جي خواهشات کي جيڏو گهٽو پامال ڪندو اهو جنت ۾ اوترا وڏيڪ بلند درجا حاصل ڪندو . ان ڪسوٽي موجب عيسائين جي اندر دنيا کان بيزاري ۽ راهبانہ زندگي جا اهڙا تہ انسانيت سوز ۽ ڀوائتا واقعا ۽ نمونا پيش ٿيا جو تاريخ ان جو مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهي، ليڪي انهي ڏس ۾ لکي ٿو:

”دنيا جي تاريخ اخلاق ۾ شايد ئي ان کان وڌيڪ گوشہ نشيني ۽ پاڻ کي دنياوي نعمتن کان محروم ڪرڻ جا ڪي مثال ملندا هجن، بہ چار سال نہ، بلڪ متواتر بہ سئو سالن تائين جسم ۽ ان جي تقاضائن کي ميسارڻ ئي اخلاق جو معراج پئي سمجهيو ويو ، هڪ راهب ٽيهن سالن تائين صرف رکي نان ۽ ميري پاڻي تي گذارو ڪندو رهيو، هڪ ٻئي پادري صاحب جي حالت اها هئي تہ سال پر ۾ صرف هڪ دفعو ايسٽر (عيسائين جي عيد جو ڏينهن) تي سيرب ٺهرائيندو هو نہ ڪپڙا ڌوئيندو هو، نہ وري پوشاڪ تبديل ڪندو هو، تان جو ڪپڙن جو وڳو ليڙون ليڙون ٿي پاڻ مرادو جسم کان ڌار نہ ٿي وڃي. اهڙي طرح سينٽ ميڪيريس اسڪندري جي باري ۾ مشهور آهي تہ اهو مسلسل ڇهن مهينن تائين برپٽ ۾ ليٽي پيو، تہ جيئن سندس اگهاڙي جسم کي زهريلي مکيون ڪاٽين، ۽ جسم کي سزا ڏيڻ لاءِ اهو سدائين هڪ مڻ جو بار پنهنجي مٿان چاڙهيو ڪٽندو وتندو هو . سندس مريد سينٽ پوسپيس ان کان بہ اڳتي وڌي ويو، جو هو ٻن مڻن جو لوڊ ڪٽندو وتندو هو . هو

ٽن سالن تائين هڪ سڪل کوھ ۾ رهيو . سينٽ سيبينس سدائين اهڙو اناج کتب آٽيندو هو جيڪو مهينو پر پاڻي ۾ پئي پئي سڙي ويندو هو . سينٽ ببرين صاحب چاليھ راتيون ۽ ڏينهن خاردار جھاڙين جي اندر پئي گذاريا، ۽ چاليھ سالن تائين ائين ئي ڪندو رهيو. هڪ ٽولي جي باري ۾ تہ مشهور آهي تہ اهو مسلسل هفتي تائين ڪابہ شيءِ نہ کائيندو هو .

اها هئي اها عيسائيت جنهن کان يورپ آشنا ٿيو ۽ جنهن لڳ ڀڳ ڏيڍ هزار سالن تائين يورپ ۾ حالت، تاريڪي پڪڙ پچاڙ علم ۽ عقل دشمني جو ثبوت پئي ڏنو . پروٽسٽنٽ فرقي جي باني ۽ عيسائيت جو عظيم مصلح مارٽن لوٿر بہ دراصل عيسائيت جي بعض بنيادي ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ ئي اٿيو هو.

جيتوڻيڪ مارٽن  لوٿر  بہ هڪ کان وڌيڪ خدائن (تثليثي عقيده) جو قائل هو ۽ هو سائنس جو پڻ مخالف هو، تنهن هوندي بہ بهرحال عيسائيت ۾ تديد و اصلاح جو جيڪو مقام  هن کي حاصل ٿيو، تنهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، مارٽن لوٿر کي ڪليسا کان جيڪو اختلاف هو، (جنهن اڳتي هلي خوفناڪ جنگ ۽ آخرڪار يورپ تان مذهبي گرفت جو خاتمو آندو) سو معافي نامن جي پروانن تي هو، جنهن جا ڪجھ وچور هي آهن:

پو لوئي ڏهين کي اچي اهو شوق جاڳيو تہ هڪ عاليشان گرجا تعمير ڪيو وڃي، انهيءَ لاءِ هن ماڻهن کي  گناهن کان عام معافي ڏيڻ جا پروانا جاري ڪرڻ شروع ڪيا. معافي نامن جون قيمتون پڻ مقرر ڪيون ويون، انهن معافي نامن کي فروخت ڪرڻ لاءِ نہ فقط پادرين ڪم شروع ڪري ڏنو، بلڪہ تاجرن ان لاءِ باقاعده ايجنسيون پڻ قائم ڪري ڇڏيون هيون، گناهن جا اگهہ مقرر هيا، مثلاً حمل ڪيرائڻ لاءِ 3، 4 شلنگ، عدالت ۾ ڪوڙي قسم کڻڻ لاءِ 9 شلنگ، چوري لاءِ 12 شلنگ، ڪنهن پاڪباز عورت جي عصمت لٽڻ جي گناھ جي معافي لاءِ 9 شلنگ، زنا جي ٻين شڪلن تي ....... شلنگ ۽ قتل لاءِ .....  شلنگ وغيره وغيره.

ماڻهو اهي معافي ناما نہ فقط پنهنجن شخصي گناهن جي معافي لاءِ



خريد ڪندا هيا، بلڪہ مري ويلن جا پويان پنهنجن مائٽن جي گناهن جي بخشش لاءِ پڻ اهي خريد ڪندا هيا. ايجنٽ گاهڪن جو توجہ ڇڪائڻ لاءِ بلند آواز سان هوڪو ڏيندا هئا تہ اچو اڳتي وڌو ۽ جنت جون ٽڪيٽون خريد ڪيو، اگر توهين اجان بہ جنت ۾ داخل نہ ٿيندؤ تہ پوءِ آخر ڪڏهن داخل ٿيندؤ. 12 پنس جي عيوض پنهنجن پيئرن جي روح کي جهنم مان ڪيڊرائي سگهو ٿا، ڇا توهين ايڏا نالائق آهيو جو پنهنجي پيئرن جي نجات خاطر سستو سودو بہ نٿا ڪري سگهو.

معافي نامن تي جيڪا لکت هوندي هئي، اها بيحد دلچسپ هوندي هئي، لکيل هوندو هو ”توهان تي خداوند يسوح مسيح جي رحمت هجي، ۽ اهو پنهنجي مقدس رحم وچان تنهنجا گناھ معاف ڪري. انهيءَ ۽ ان جي بابرڪت شاگرد پطرس پولوس ۽ مقدس پوپ جي هن سند موجب جا هن مون کي عطا ڪئي آهي آئون توکي آزاد ڪريان ٿو. مان توتان اها سزا معاف ڪريان ٿو جا گناهن جي بدولت توکي جهنم جي صورت ۾ ملڻ واري هئي.“

مارٽن لوٿر جيڪو جرمني جو باشندو هو، تنهن معافي نامن جي انهن پروانن کي سراسر عيسائيت ۽ ان جي تعليمات  جي خلاف قرار ڏنو، ان تي ڪتاب لکيا، ۽ قوت گڏ ڪري ڪليسا سان مقابلو ڪيو، ڪيٿولڪ ۽ لوٿر جي تحريڪ  پرٽسٽنٽ جي وچ ۾ 1618ع کان 1648ع تائين يعني ٽيهن سالن تائين خوني جنگيون هلنديون رهيون. انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا جي مطابق انهن جنگن ۾ ست لک ماڻهو موت جو شڪا ٿيا، ۽ اربها روپئي جي جائداد تباہ ٿي. پروفيسر فشر پنهنج ڪتاب ”يورپ جي تاريخ“ ۾ لکي ٿو تہ انهيءَ جنگ ۾ زبردست ڦرلٽ ۽ آدم ڪشي جو مظاهرو ٿيو. ٻوٽن جا ٻوٽ تباھ ٿي ويا، اخلاقي ضابطا ٽٽي پيا، ۽ سڄو مڪ حيواني شهوت پرستي جي نذر ٿي ويو.

(لوٿر پروٽسنٽ جي تحريڪ) ۽ ڪليسا جي وچ ۾ انهيءَ جنگ جا يورپ تي نهايت گهرا منفي اثرات پيا، اهڙا خطرناڪ اثرات جنهن صدين

تائين يورپ ۾ مذهب جو مستقبل تاريڪ بنائي ڇڏيو ۽ اربها انسانن کي خدا ۽ مذهب کان پري ڪري ماده پرست ۽ نفس جو بندو بنائي ڇڏيو. جيئن عرض ڪيو ويو ته هڪ خراب اثر ته اهو ٿيو ته پاپائيت جي ڏهڪاء واري نظام جي ٽٽڻ ۽ عيسائيت جي مٿين ڪمزورين جي ڪري يورپ ۾ خدا ۽ مذهب کان باغي ذهن پيدا ٿي پيو. اهو ذهن هينئر عيسائيت ۽ مذهب جي حوالي سان ڪابه ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو. چنانچه ان کان پوءِ يورپ ۾ جيترا به دانشور ۽ فلاسفر پيدا ٿيا، انهن سڀني ڪائنات ۽ انسان جي باري ۾ اهڙا فلسفا پيش ڪرڻ شروع ڪيا، جن ۾ خدا ۽ روح جو انڪار ۽ مادي کي ئي سڀ ڪجهه قرار ڏنو ويو. ڊارون چيو ته ڪائنات ۽ اخلاق جي پيدائش ۽ قدرت جي بجاءِ انڌن عناصر (جزن) جي جوڙجڪ ۽ ميلاپ کي عمل دخل حاصل آهي. ترڪيب و امتزاج جو هٿ، اهي انڌا عناصر (جزا) پاڻ خود بي شعور مادي مان ڦٽي نڪتا آهن تنها اهي ئي ڪائنات جي اصلي حقيقت آهن. مشهور ماهر نفسيات ميڪڊوگل چيو ته انسانن جا لاڙا ۽ رجحان حقيقت ۾ حيواني جبلت جو نتيجو آهن، اها حيواني جبلت ئي انسان جي اصل ۽ حقيقي شيءِ آهي. سندس ”سوشل سائيڪالاجي“ جي نالي سان ڪتاب نه رڳو يورپ ۽ مريڪ جي يونيورسٽين ۾ بلڪ برصغير هند جي يونيورسٽين ۾ پڻ نفسيات جو سڀ کان اهم ڪتاب ليکيو ويندو آهي. فرائڊ ان کان به هڪ قدم اڳتي وڌي چيو ته انسان جا احساس، جذبا ۽ خواهشون شهوت ۽ جنسياتي جذبي جي ئي تابع آهن. اڄ ڪيترن ئي علوم ۽ فنون جو بنياد فرائڊ جي انهيءَ نظريي تي رکيو ويو آهي. انساني علاج معالجي سان واسطو رکندڙ علم جي هڪڙي شعبي جو ته تعلق ئي انهيءَ نظريي سان آهي، ادب ۽ آرٽ ۾ ته اهو نظريو اڳتي وڌي چيو ته اسان جي تمام خواهشات ۽ اعمال جو اصل دارومدار مٿانهين جذتي تي ٻڌل آهي، يعني انساني فطرت جي بنيادي تقاضا اها آهي ته اهو هر شيءِ تي غالب اچي وڃي.

گويا اهڙي طرح ڊارون وارو انسان جسماني لحاظ سان هڪ ترقي يافته



حيوان آهي ته ميڪڊوگل جو انسان ذهني اعتبار سان حيوانيت جي اعليٰ شڪل آهي ۽ فرائڊ جو انسان حيواني جبلت، شهوت ۽ جنسيات جو نمونو آهي. ۽ ايڊلر جو انسان وري پورو پورو شيطان آهي ۽ اهو هر شيءِ مٿان غالب ٿيڻ چاهي ٿو. مارڪسي فلسفو وري پوري انسان کي محض پيٽ جو پڄاري سمجهي خدا، مذهب اخلاق، قيامت ۽ روح وغيره کي پيداواري وسائل تي قابض انسانن جو گهڙيل تصور قرار ڏي ٿو.

عيسائيت جي تثليث جي عقيدي، يعني ٽن خدائن جي تصور، ڏهڪاءُ واري سرشتي، علم ۽ عقل دشمني ۽ خانقاهيت انسان ذات کي هڪ وڏو ڦل ته اهو ڏنو ؟؟؟؟ انسان مورڳو مزهب کان ئي بيزار ٿي ويا، ۽ ماده پرستي ۽ انڪار خدا جي فسلفي ذهنن ۾ اچي گهر ڪري ورتو. دنيا ۾ بدقسمتي ۽ پروپيگنڊا جا هزارها جديد ذريعا انهيءَ فلسفي کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن.

عيسائيت جي ناڪامي جو ٻيو وڏو خطرناڪ نتيجو جيڪو يورپ ۽ ان جي حوالي سان آخرڪار انسان ذات کي ڏسڻو پيو اُهو اهو هو ته ڪليسا جي مضبوطي ۽ گهري سرشتي جي ڪري يورپ جون سوين قومون نسلي، لساني ۽ گروهي وابستگين ۽ جذبات جي باوجود اهي مٿانهين سطح تي ڪليسا جي اثرهيٺ هيون ۽ مذهبي اعتبار سان سندن ڪليسا جي دائري تي مضبوط اعتقاد ۽ يقين ويٺل هون، ان ڪري پر ڪليسا جي پنهنجن غلطين ۾ مارٽن لوٿر جي اصلاحي تحريڪ جي ڪري رومي ڪليسا جي مرڪزي ۽ طاقتور حيثيت ختم ٿي وئي. ذهنن تان ڪليسا جي رعب ختم ٿيڻ کان پوءِ يورپي قومن اڳيان اهو مسئلو پيدا ٿيو ته هاڻي هڪ ئي ملڪ ۾ رهندڙ مختلف نسلي ۽ لساني قوميتن جي اتحاد جو ذريعو ۽ بنياد ڪهڙي شيءِ هئڻ گهرجي، ۽ انهن کي هڪ ٻئي سان پاڻ ۾ ڪيئن ملائي رکجي، يا قومن جون رياس سان جذباتي وابستگيون ڪيئن برقرار ۽ قائم رکجن. اهو هو اهو زبردست سوال جيڪو ڪليسا جي ڪمزور ٿيڻ جي نتيجي ۾ يورپ ۾ پيدا ٿي پيو هو. خوش قسمتي چئو يا بدقسمتي ته اهوئي اهو دور هو جڏهن

ٻاڦ تي ڪنٽرول ڪيو ويو ۽ مشين وجود ۾ اچي وئي. مشين جي وجود ۾ اچڻ سان صنعت ۽ ڪاروبار ۾ اضافو ٿيو بنيادي ضرورت جو سامان وڏيو ۽ ڪيئي آرائش جون شيون وجود ۾ آيون. ۽ گهڻي مقدار ۾ پيداوار ٿيڻ لڳيون. پيداوار وڌڻ لڳي تہ نون ملڪن جي منڊين جي ضرورت پيش آئي، اهڙا ملڪ ۽ علائقا جن وٽان ڪچو مال تہ سستي اگهہ ۾ ملي سگهي پر جت تيار مال مهنگو کپائي سگهجي.

ٻين قومن ۽ ملڪن کي پنهنجي مال جي کپت جو ذريعو بنائڻ لاءِ ضروري هو تہ پنهنجي قوم جي اندر قوم پرستي جو جنون پيدا ڪيو وڃي، تا تہ قوم جنگي جذبي سان سرشار ٿي ٻين قومن تي غلبو حاصل ڪرڻ کي پنهنجو فطري حق سمجهڻ لڳي.

اهو آهي اهو پس منظر جنهن ۾ يورپ جي مرڪزيت ٽٽڻ پئي ۽ اهو بيشمار قومي رياستن ۾ ورهائجي ويو. اٺويهين صدي کان ويهين صدي جي نصف تائين يورپي قومون جهڙي طرح هڪ ٻئي سان وڙهنديون رهيون. تاريخ ۾ ان جون تفصيلات پڙهي انساني ذهن اچرج ۾ اچيو وڃي. انهيءَ پوري عرصي ۾ يورپي قومن آرام سک ۽ اطمينان جو ساهہ پٽيو هجي، تاريخ سندن قوميت جي بنياد تي هڪ ٻئي سان ٿيندڙ انهن لڙائين جي نهايت تفصيل سان هزارها صفحات ۾ قلمبند ڪيو آهي.

يورپي قومن جي انهن لڙائين خوفناڪ شڪل ان ڪري اختيار ڪئي هئي جو اهي ڪاهون فوجي نوعيت کان هٽي قومي لڙائي جي شڪل اختيار ڪري چڪيون هيون، يعني قومن جو خون ٻين قومن کي غلام بنائڻ جي جذبي سان ٿهڪي رهيو هو جيڪي قومون تعدادي گهٽائي ۾ هيون، منظم پڻ هيون، جن کي ليڊر شپ پاڻ حاصل هئي، اهي تہ جنگين ۾ سوڀون حاصل ڪنديون رهيون، پر ان جي مقابلي ۾ جيڪي ڪمزور قومون هيون، اهي پسجي ويون. هتي قوميت جي بنياد تي اٺويهين صدي ۾ ٿيندڙ جنگين جا وچور پيش ڪرڻ تہ مشڪل آهي، ان جي لاءِ تاريخ يورپ جو ڪوبہ ڪتاب ڏسي سگهجي ٿو. البتہ ڪي حوالا پيش ڪجن ٿا، جن مان يورپ جي ان وقت



جي حالتن جو ٿورو گهڻو اندازو لڳائي سگهبو.

"انقلاب فرانس مغرب کي جمهوريت جو جيڪو سبق ڏنو ان ۾ هر قوم لاءِ هڪ قومي رياست جو تصور بيحد مقبول ٿي ويو پر قومي رياستن سان گڏوگڏ يورپ ۾ ٿورائي وارين قومن جو بہ مسئلو پيدا ٿي پيو. 1815ع ۾ ويانا جي ڪانگريس ۽ 1878ع ۾ برلن جي ڪانگريس ۾ ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر جوڳو نتيجو نہ نڪتو مهاڀاري لڙائي کان پوءِ جيڪي قومي رياستون قائم ٿيون، ان جي ڪري هي مسئلو اجا وڌيڪ منجهي پيو. ڇاڪاڻ تہ اهي رياستون ڪنهن هڪ قوم تي مشتمل نہ هيون، بلڪ جنهن جي ڪري اهو مسئلو ويتر سنگين ٿي ويو. ٿورائي جي مسئلن ۾ سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪن مسئلو جرمن ٿورائي جو هو. جو "ورسائي معاهدي" جو پيدا ڪيل هو. ان معاهدي موجب جرمني جي مقبوضہ علائقن ۾ شلوگ ڊينمارڪ کي مليو ماليڊي ايوپن ۽ مارسينٽ جا علائقا بيلجئم کي ڏنا ويا، العسالس ۽ لورين فرانس کي واپس ڪيا ويا، بالائي سليشيا، پورن ۽ برون برگ، اهي علائقا پولينڊ ۾ شامل ڪيا ويا. ميسل شهر ۽ علائقو ليٿونيا کي مليو. ان کان علاوه سينٽ جرمن معاهدي موجب بوهيما ۽ موراد يا جا جرمن پرڳڻا چيڪو سلواڪيہ ۾ شامل ڪيا ويا، ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ مختلف ملڪن ۾ جرمن جي ٽوٽل تعداد قريباً هڪ ڪروڙ ٿي وئي، جيڪي جرمني کان الگ ڪيا ويا هيا، ۽ جن کي شامل ڪري عظيم تر جرمني جي تشڪيل ۽ جوڙجڪ هٽلر جو مقصد هو ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هٽلر جيڪي تدبيرون اختيار ڪيون انهيءَ جي ڪري جرمن ٿورائي قوم جو مسئلو دنيا جي امن لاءِ هڪ سنگين مسئلو بڻجي ويو ۽ آسٽريليا ۽ چيڪوسلواڪيہ جي اتحاد کان پوءِ جڏهن هٽلر پولينڊ تي حملو ڪري ڏنو تہ ٻي مهاڀاري جنگ ڇڙي پئي.

پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جي باري ۾ سڀ ڄاڻين ٿا تہ اهي ٻئي جنگون قومن جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ خاطر قوم پرستي جي بنياد تي لڙيون ويون هيون انهن ٻنهي جنگين ۾ خود وطن پرست سيڪولر قومن جو جيڪو

نقصان ٿيو. تنهن جو اندازو هيٺ ڏنل انگن اکرن مان لڳائي سگهجي ٿو.

**پهرين مهاڀاري جنگ ۾ ٿيل نقصان**

| ملڪن جا نالا | مئلن جو تعداد | ملڪن جا نالا | ملڪن جا نالا |
|---|---|---|---|
| روس | 17 لک | آسٽريا، هنگري | 12لک |
| جرمن | 17 لک | آسٽريا، هنگري | 12 لک |
| فرانس | 14 لک | اٽلي | 7 لک |
| برطانيه | 9 لک | آمريڪا | 1لک26هزار |
| بلغاريه | 10 لک | سريا | 3 لک |

**ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ ٿيل نقصان**

| ملڪن جا نالا | مئلن جو تعداد | ملڪن جا نالا | ملڪن جا نالا |
|---|---|---|---|
| روس | 75 لک | فرانس | 2لک |
| جرمني | 35لک | آمريڪا | 3لک |
| جاپان | 12 لک | اٽلي هنگري | 78 هزار |
| چين | 22 لک | | ڏيڍ لک |
| برطانيه | اڍائي لک | | |

**(اقبال ۽ عالمي سياست – صفحه: 34،32 مصنف: ميان محمد افضل)**

ان تفصيل مان اها ڳالهه پڌري ٿي سامهون آئي ته يورپ ۾ قوميت دراصل قوم پروري جي صورت ۾ ڪين اڀري، بلڪ اها قوم پرستي جي شڪل ۾ نمودار ٿي، ۽ انهيءَ قوم پرستي جي پٺيان مذهب بيزاري ۽ لادين افڪار ۽ نظريات به پوري قوت سان موجود هيا، بلڪ اهي سمورا باطل نظريا قوم پرستي جي اندر سمايل هيا، اهوئي سبب آهي جو يورپ ۾ قوم پرستي اهڙي ته خوفناڪ شڪل اختيار ڪر ورتي جو اتان جا وڏا وڏا دانشور ۽ ڏاها دانهون ڪري اٿيا، ۽ انهن قوم پرستي کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو فتنو ۽ انسانيت جي لاءِ چيلنج قرار ڏنو يقينا قوم پرستي ۾ اها خاصيت موجود آهي ته اها ماڻهن کي قوم جي مفاد جي جذبي ۽ نعري جي آڌار تي گڏ



ڪري ٿي، ۽ کين وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ تي اڀاري ٿي، دشمن سان مقابلي ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي، قومي اسپرٽ ۽ جذبي کي تيز ڪري ٿي، قومي رياست کي مضبوط ڪري ٿي، پر قوم پرستي ۾ جيڪا جارحيت، ۽ ٻين لاءِ نفرت، ۽ پنهنجي قوم کي ٻين قومن تي غلبو ڏيارڻ جو جيڪو جذبو سمايل آهي، اهو ايڏو خطرناڪ جذبو آهي جيڪو قوم پرستي جي تمام خوبين کي غارت ڪريو ڇڏي. مسلمان جي حيثيت سان ته اسين قوم پرستي جي ڪنهن به شڪل کي قبولڻ لاءِ تيار ناهيون، پر جيڪڏهن ٿوري دير لاءِ اهو مڃيو وڃي ته قوم پرستي رياستن جي مضبوطي جو ذريعو آهي ته بهرحال هن ۾ جيڪي اوڻائيون آهن اهي تمام گهڻيون آهن.

اچو ته هاڻي اهو ڏسون ته مغربي مفڪر ۽ دانشور قوم پرستي بابت ڇا ٿا چون، جيئن ته اسان وٽ مغربي دانشورن جي ڳالهه کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي، ان ڪري هنن دانشورن جا بيان ڏيڻ تمام ضروري آهن.

مشهور برطانوي مورخ برٽرينڊ رسل جو چوڻ آهي ته جيئن قوم پرستي پکيڙڻ ۾ سرمائيدارن ۽ صنعتڪارن جو وڏو حصو آهي ڇاڪاڻ ته قوم جي ايڪي ۽ ٻڌي ۽ رياست جي پلي ۽ واڌ لاءِ قرباني قوم پرستي جي جذبي سان ئي ڏئي سگهجي ٿي. اهڙي طرح سرمائيدارن ۽ صنعتڪارن کي ٻين قومن جون منڊيون ملي وڃن ٿيون، تنهنڪري سرمائيدار طبقو مختلف طريقن سان قوم پرستي جي جذبي کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان مقصد لاءِ هو پبلسٽي جي ذرائع کان به ڪم وٺندو آهي ۽ ٻين طريقن کان پڻ، غرض ته هو ڪروڙها روپيه خرچ ڪري ڇڏيندو آهي، برٽرينڊرسل لکي ٿو:

”وطني قوميت (نيشنلزم) جو ذاتي ملڪيت سان نهايت اونهو تعلق آهي، جيتوڻيڪ ان جا ٻيا سبب به آهن، موڙي سيڙائيندڙ شخص جي نقطه نگاهه کان پنٽي پيل ملڪ ٻن سببن جي ڪري سندس لاءِ نفعي بخش آهن، هڪ مال جي کپت جي منڊي جي حيثيت سان ٻيو ڪچي مال جي حاصلات جي ڪري، اهي ملڪ جڏهن موڙي سيڙائيندڙ شخص جي پنهنجي ملڪ جي تسلط هيٺ هوندا آهن تڏهن ته اهي وڌيڪ مفيد ثابت ٿيندا آهن.

فرانسيسي دولت لاءِ افريقه، امريڪي دولت لاءِ وچ امريڪا، انگريزي سرمايي لاءِ هندستان بهترين مرڪز آهن. اهڙي طريقي سان جيڪو شخص پنهنجي وطن کان ٻاهر پئسا سيڙائي ٿو ان کي علائقائي لحاظ کان نہ سهي معاشي لحاظ کان ضرور شهنشاهيت سان دلچسپي هوندي آهي. هو محسوس ڪندو آهي تہ اگر قوميت جي موزون تبليغ ڪئي وڃي تہ سندس اخراجات جو چڱيرڙو حصو ٽيڪس ڏيندڙ جي سر مڙهي سگهجي ٿو.

طاقتور قومن جي قومي جذبي (نيشلزم) جو اصل سبب اهوئي هوندو آهي، عام شهري جيڪي قوم پرستي جي نشي ۾ چور هوندا آهن. اهي ويچار (سرمائيدارن جي) انهن ناپاڪ ارادن کان لاعلم هوندا آهن جن جي ڪوشش سان هو قوم پرستي جي وهڪري ۾ وهي ويندا آهن.

”قوم پرستي ۾ جيڪي رابيون آهن توڙي انهن جو تعلق طاقتور قومن سان هجي يا ڪمزور ۽ پٺتي پيل قومن سان، بهرحال اهي خرابيون ذاتي ملڪيت جي ڪري پيدا ٿيڻ ٿيون. قومن جي مشڪلات جو تعلق يا تہ ظلم ۽ استحصال سان آهي يا استحصال جي تدارڪ سان. تنهنڪري اها تجويز نهايت معقول آهي تہ جي ذاتي سرمايو ڪتب آندو وڃي يعني دولت ميڙي نہ رکي وڃي تہ جيڪر تعليم ۾ قوم پرستي جو جذبو اڀارڻ جي باوجود ڪافي حد تائين اهو جذبو جهڪو ٿي سگهي ٿو.

انهيءَ ڏس ۾ پروفيسر هيرلڊلاسڪي پنهنجي ڪتاب ”يورپ مين آزادي افڪار ڪا عروج“ ۾ لکي ٿو: ”هڪ تاجر قوم پرستي جي نظريي جو آڌر ڀاءُ ان ڪري ٿو ڪري جو ان جي بدولت ملڪ جي اندر مڪمل اتحاد، اتفاق، ۽ امن امان قائم ٿئي ٿو اهڙي طرح هو پرسڪون ماحول ۾ دل جي خاطري سان ڏيتي ليتي ڪري سگهي ٿو. ٻيو اهو تہ انهيءَ طريقي سان تاجرن جي برداري ۽ انجمن جي قانونن ۽ ضابطن کان سندس آزادي حاصل ٿيندي. هو دل و جان سان چاهي ٿو تہ مذهب ۽ ڪليسا جو اقتدار ۽ اثر (صفا) ختم ٿي وڃي. ڇاڪاڻ تہ ان جي ڪمزور پئجي وڃڻ سان حلال ۽ حرام جون پابنديون بہ ختم ٿي وڃن ٿيون.“



فلسفہ اجتماعيات جو ماهر پروفيسر وليم برينڊ پنهنجي ڪتاب (foundation of human conflicts) جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو: ”غالب گمان اهو آهي تہ موجوده جنگ (ٻي مهاڀاري لڙائي) کان پوءِ يورپ جون قومون چند سالن تائين هڪٻئي سان وڙهڻ ڇڏي ڏينديون. ڇاڪاڻ تہ انهن مان ڪي تہ ٽڪيل هونديون ۽ ڪن کي وري فاتح قومون دٻائي رکنديون. پر قوم پرستي يعني اهو جذبو جيڪو جنگ جو اصل ذميدار آهي، سو باقي رهندو تنهنڪري آئنده جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ اڄ جي سياستدانن جي پرک اها آهي تہ موجوده جنگ جي خاتمي کان پوءِ هو قوم پرستي جي جذبي کي گهٽائڻ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪن ٿا.“

ساڳيو پروفيسر وڌيڪ لکي ٿو ”اڄ هڪ ڪنڌ زرخيز کيت جي مثال جيان آهي، جنهن ۾ انسانن نهايت غلط طريقي سان ديوارون بيهاري ڇڏيون آهن. يعني وادين جي پاسن کان، رستن ۽ نهرن جي صورت ۾ انهن ديوارن جو ڪم ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي تہ اهي هڪ گروهہ کي ٻئي گروهہ کان ڌار ڪري ڇڏين.“ صفحہ 57)

”وطنيت جو جذبو انساني اتحاد جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. انسان جي آڏو هاڻي بہ رستا ئي باقي بچيا آهن. يا تہ هو پنهنجي قومي وڏائي کي قائم رکي، اهڙي طرح دنيا ۾ جنگ جو سلسلو جاري رهي، يا وري مورڳو بين الاقوامي اتحاد جو رستو اختيار ڪري.

مشهور ماهر سياست مسٽر هيرالڊ چوي ٿو: ”موجوده دؤر ۾ دنيا بد امني جي دائمي خطري ۾ مبتلا ٿي چڪي آهي. نيشنلزم اقتدار تي فائز ٿيڻ شرط ئي دنيا جي امن لاءِ خطرو بڻجي وڃي ٿو.

وڌيڪ چوي ٿو ”اوهان اهو سوال ضرور ڪندؤ تہ آخر جنگ برپا ڪيئن ۽ ڇو ٿئي ٿي. ٻڌو! مردن، عورتن ۽ ٻارن کي اها سکيا ڏني وڃي ٿي تہ قومي گيت ڳائيندا رهو. وطن پرستي جي نالي تي انهن کي سيکاريو وڃي ٿو تہ ٻين قومن سان نفرت ڪريو ۽ انهن جي خلاف جذبات کي ڀڙڪايو. نيشلزم هڪ اهڙي تہ خوفناڪ ۽ نقصان رسائيندڙ شيءِ آهي جنهن خدا

جي وسيع ڌرتي کي انسان ذات لاءِ سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. قوم پرستي منجهان ئي عداوت ۽ دشمني پيدا ٿئي ٿي ۽ پوءِ جنهن جا نتيجا سڄي دنيا کي برداشت ڪرڻا پون ٿا.

Aldous Huxleg پنهنجي ڪتاب The perennial philosophy ۾ لکي ٿو ته "نيشنلزم هڪ بت پرستانه ۽ مشرڪانه مذهب جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي، اهو نئون مذهب انسانن جي وچ ۾ فساد ۽ انتشار پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ ايڏو ته طاقتور ٿي چڪو آهي جو توحيد پرست، ۽ انسانيت جي ڀلائي چاهيندڙ مذهب ان فتني جي روڪ ٿام ئي نٿو ڪري سگهي. نيشنلزم يا نسل پرستي حقيقت ۾ پاگلن (چرين) جو مسلڪ آهي."

مشهور انگريز دانشور لارڊ لوٿين چوي ٿو "دين جيڪو انسان جو حقيقي رهنما، اخلاقي مقصدن جي حاصلات جو ذريعو ۽ انسان جي عزت جو سبب آهي، جڏهن کان ان جو زوال ٿيو آهي تنهن ڏينهن کان مغربي دنيا قومن ۽ نسلن جي بتن کي پنهنجو دين قرار ڏنو آهي.

برٽرينڊرسل لکي ٿو "سڀني مغربي ملڪن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي اهو سيڪاريو وڃي ٿو ته سندن سڀ کان وڏيڪ اهم سماجي وفاداري انهيءَ رياست سان آهي، جنهن جا اهي شهري آهن، ۽ سندن رياست جي پاران اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته حڪومت جيئن چوي تيئن ڪيو وڃي، انهيءَ خيال سان ته شايد اهي انهيءَ مسئلي تي اعتراض ڪرڻ لڳن. ڪين تاريخ، سياست ۽ اقتصاديات جي غلط تعليم ڏني ويندي آهي. ڪين ٻين ملڪن جا عيب ٻڌايا ويندا آهن. ۽ ڏسيو ويندو آهي ته اهي لڙائيون جن ۾ انهن رياستن پاڻ حصو پئي ورتو آهي اهي دفاعي قسم جون هيون، پر ٻين ملڪن جون لڙائيون دفاعي نه جارحانه قسم جون هيون. ڪين ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي ته جڏهن انهن جو ملڪ ڪنهن ٻئي ملڪ کي فتح ڪري وٺندو آهي ته ان جو مقصد، تمدن جي ترقي، انجيل جي روشني، سٺن اخلاقن جو ڦهلاءِ، نشن کي ختم ڪرڻ وغيره هوندو آهي. ڪين اهو به ٻڌايو ويندو آهي ته ٻين



ملڪن وٽ اخلاق جي ڪا به ڪسوٽي موجود ڪونهي."

"قوم پرستانه جذبو اصل ۾ هڪ هسٽيريا آهي جنهن ۾ بدقسمتي سان ماڻهو مبتلا ٿي وڃن ٿا. هسٽريسا جي انهيءَ ڪيفيت کان بچڻ لاءِ ماڻهو مبتلا ٿي وڃن ٿا. هسٽريسا جي انهيءَ ڪيفيت کان بچڻ لاءِ ماڻهن کي ذهني ۽ اخلاقي طور تي مستحڪم ڪرڻ گهرجي. بلاشبه قوم پرستي اسان جي دور جي سڀ کان خطرناڪ برائي آهي، جيڪا شراب نوشي ۽ ٻين نشي آور شيون، ڪاروباري بد ديانتن وغيره کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. انهيءَ کان محفوظ رهڻ رسمي اخلاقي تعليم جي پڻ تقاضا آهي. اهي ماڻهو جيڪي جديد دور جو جائزو وٺڻ جي اهليت رکن ٿا سي پڌري پٽ چاڻين ٿا ته قوم پرستي جي ڪري اسان جي تهذيب خطري ۾ پئجي وئي آهي، آئون چوان ٿو ته انهيءَ حقيقت کان لڳ ڀڳ اهي سڀئي ماڻهو واقف آهن. جيڪي معاملات تي ڳوڙهو نگاهه رکن ٿا پر تنهن هوندي به حالت اها آهي ته هر هنڌ قومي دولت کي انهيءَ تباهه ڪن برائي جي اشاعت ۽ پروان چڙهائڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو."

"جيستائين قوم پرستي جو زهر گهٽ نه ٿيندو ايستائين تمدن جي باقي رهڻ جي ضمانت نٿئي ڏئي سگهجي. قوم پرستي جي تعليم تي ٻيو اعتراض اهو آهي ته جنهن اداري ۾ فردن کي انسانن جي قتل جي سکيا ڏني ويندي هجي، ساڳي جاءِ تي مهذب انساني مقصدن جي تعليم ڏيڻ بيحد مشڪل آهي. ان تي ٽيون اعتراض اهو آهي ته نفرت جي تعليم جيڪا قوم پرستي جو لازمي حصو ۽ نتيجو آهي. اها بذات خود هڪ بري شيءِ آهي، پر انهن اعتراضن کان علاوه قوم پرستانه تعيلم جي خلاف هڪڙو خالص عقلي اعتراض به آهي، يعني قوميت جي تعليم ڪيترن ئي غلط سلط ۽ واهيات ڳالهين تي مشتمل هوندي آهي. دنيا جي هر ملڪ ۾ ڇوڪرن کي پڙهايو ويندو آهي ته سندن ئي ملڪ هڪ بهترين ملڪ آهي. ۽ ظاهر آهي سواءِ هڪ ملڪ جي باقي ٻين سمورن ملڪن جي باري ۾ اها ڳالهه غلط آهي، جيئن ته مختلف قومون ان ڳالهه تي متفق نٿيون ٿي سگهن ته آخر اهو

کهڙو ملڪ آهي جيڪو بهترين آهي، باقي سڀ خراب آهن. تنهنڪري بهتر اهو ٿيندو تہ ٻين ملڪن کي ذليل ڪرڻ ۽ پنهنجي قوم جي خوبين کي وڌائي پيش ڪرڻ جي روش ترڪ ڪئي وڃي.“

”اسان جي موجوده نيا (جنهن ۾ نيڪ ماڻهو، ٿوڙي ۽ ڪاهل آهي جڏهن تہ برا ماڻهو برن ڪمن ۾ سرگرمي سان مصروف آهن) بدمستي جي عالم ۾ چڪر ڪائيندي، تباهي جي غاز ڏانهن لڙهڪجي رهي آهي. ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن تباهي جي انهيءَ غار کي ڏسن بہ ٿا، پر غلط جذبات جو نشو فوراً ئي اکين کي بند ڪريو ڇڏي، جيڪي ماڻهو نشي جي حالت ۾ ناهن، تن لاءِ خطرو بلڪل پڌرو آهي. قوم پرستي ئي اها طاقتور شيءِ آهي جيڪا اسان جي تهزيب کي تباهہ برباد ڪري رهي آهي.“

آئون انهن ڊگهن حوالن ڏيڻ لاءِ معذرت خواهہ آهيان، پر جيئن تہ قوم پرستي جديد يورپ وارن جو ئي فيض آهي، ان ڪري ان بابت يورپي مفڪرن جا خيالات معلوم ڪرڻ ضروري هو.

انهن حوالن ۽ تفصيلات مان اسان کي ڪيئي سبق ملن ٿا. ۽ اها پڻ سکيا ملي ٿي تہ قوم پرستي توڙي جو ڪهڙي بہ خوبصورت پردي ۾ ڇو نہ پيش ڪئي وڃي، اها بهرحال قوم پرستي ئي آهي. ۽ انسانيت، اخلاق ۽ مذهبي نقطہ نگاهہ کان اها تباهہ ڪن آهي. ڪيڏو نہ الميو آهي تہ اسين مسلمان جن جو مقصد ئي دنيا کي وحدت، ايڪي، ٻڌي، ۽ انسانيت جي تعليم ڏيڻ ۽ کين تباهہ ڪن نظريات کان بچائڻ هو، اڄ خود اسين پاڻ قوم پرستي جي گپ ۾ ايڏو تہ گپجي پيا آهيون جو ان کان ٻاهر نڪرڻ ئي مشڪل ٿي پيو آهي، يقيناً قوم پرستي بنيادي طور تي انهن يورپي قومن جو نظريو آهي جن وٽ آفاقي ۽ الاهي مذهب صحيح صورت ۾ موجود ڪونهي، ۽ جيڪي پنهنجن ماڻهن کي متحد رکڻ ۽ ملڪ سان سندن جذباتي وابستگي برقرار رکڻ لاءِ انهيءَ جو سهارو وٺڻ تي مجبور آهن. اهو لادين يورپي نظريو جنهن کان هاڻي خود انهن جا پنهنجا ڏاها ۽ دانشور بيزار ۽ مايوس نظر اچن ٿا، جيڪڏهن انهيءَ کي اپنائڻ لڳون ۽ انهن جو ڇباڙيل



گرهہ پنهنجي وات ۾ وجهڻ لڳون تہ اهو تهذيب وقار ۽ انسانيت جي شان خلاف ٿيندو.

قوم پرستي يورپي ملڪن ۾ هجي يا مسلمان ملڪن ۾، اها بهرحال هڪ ڪفر آهي ۽ انسانيت لاءِ عذاب آهي، ۽ فتني ۽ فساد جو ذريعو ۽ ڪارڻ آهي. اهو صحيح آهي تہ قوم پرستي جو ذريعو ۽ ڪارڻ آهي. اهو صحيح آهي تہ قوم پرستي ۽ قوم پروري ۾ فرق ڪرڻ هڪ ڏکيو مسئلو آهي، پر اهو ايڏو ڏکيو مسئلو بہ ڪونهي، پنهنجي قوم سان محبت ڪرڻ، ان جي مفاد جي پورائي لاءِ فڪر ۽ آڻ تڻ ڪرڻ، اها قوم پرستي ناهي بلڪ قوم پروري آهي. جيڪا بلڪل جائز شيءِ آهي، پر ٻين قومن سان شايد نفرت ڪرڻ اها قوم پرستي آهي، توڙي جو ان کي ڪهڙي بہ رنگ ۽ صورت ۾ ڇو نہ پيش ڪيو وڃي ۽ ان جي جواز لاءِ ڪيڏا بہ وڏا دليل ڇو نہ ڏنا وڃن.

يقيناً اسان وٽ مجموعي طور تي اڃا تائين قوم پرستي جي بجاءِ قوميت ۽ قوم پروري جو جذبو آهي، پر حالتون تيزي سان جنهن طرف وڃي رهيون آهن، ۽ جهڙي قسم جو لٽريچر نوجوانن کي ڏنو پيو وڃي، ان کي ڏسندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اسين زبان سان ڀلي ڌارين قوم پرستي کي ڪنديم ڪيون، پر اسين وڃي اوڏانهن رهيا آهيون، ان کان پوءِ قوم پرستي جي منزل ايڏي دور ڪونهي. اها قوم پرستي جي اها خاصيت آهي تہ اها جتي بہ پهچندي آهي، اتان جي ڌرتي جي قديم تهذيب، تمند ۽ نشانات جي محبت کي اهڙي طرح دل ۾ ويهاري ڇڏيندي آهي جو ان کي مقدس ۽ محبوب ترين شيءِ سمجهيو ويندو آهي. قوم پرستي جي ٻي خاصيت اها آهي تہ اها پاڻ سان گڏ، مذهب دشمني، لادينيت، الحاد ۽ دهريت جا نظريا کڻي ايندي آهي. ان جي ٽين خاصيت ٻين قومن سان شديد نفرت هوندي آهي.

ضرورت آهي تہ غور ڪيو وڃي ڏنو وڃي ۽ پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي جاچيو وڃي تہ ڪٿي اسين انهيءَ بيماري ۾ تہ مبتلا نہ پيا ٿيندا وڃون، جيڪڏهن واقعتاً اسين انهيءَ بيماري جو شڪار ٿي رهيا آهيون تہ اسان کي

ان کان بچڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ انسانيت جي وسيع تر دامن ۾ پنهنجي مذهب جي ڏنل سبق ي هرگز فراموش نہ ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن واقعي اسين انهيءَ بيماري ان محفوظ آهيون تہ پوءِ اسان کي خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

اختلافات، ناراضگيون ۽ هڪ ٻئي کان رنجشون ڪٿي نہ هونديون آهن. ڪوبہ انساني ماحول ۽ معاشرو اختلافات ۽ ناراضگين کان خالي نہ هوندو آهي. پر اختلافات کي دشمني جي صورت ڏيڻ يا عصبيت جو رنگ ڏيڻ اها هڪ خطرناڪ شيءِ آهي. يقيناً اسان جي معاشري ۾ حق تلفيون ۽ نا انصافيون ۽ زيادتيون ٿينديون رهن ٿيون. طاقتور ۽ ڏاڍا ڪمزورن کي ڪائين ٿا ۽ نقصان پهچائيندا رهن ٿا پر ڏاڍن جو مقابلو تعصب ۽ قو پرستي جي ليول تتي ٿيڻ نہ گهرجي بلڪ انساني سطح تي بنيادي انساني حقوق، عدل انصاف ۽ مذهب جي حوالي سان ڪرڻ گهرجي.

انساني جبلت ۾ جيڪي حيواني خاصيتون رکيون ويون آهن، انهن ۾ تعصب بہ هڪڙي خاصيت ۽ ڪمزوري آهي، حق تلفين ۽ نا انصافين جي موقعي تي تعصب جو شڪار ٿيڻ کان محفوظ رهڻ اها وڏي خوبي آهي، نہ صرف اسلامي نقطہ نگاه کان بلڪ انساني لحاظ کان بہ اها صفت قابل قدر آهي. اڄ اسين جنهن دور ۾ رهون ٿا اهو گذريل ڏيڍ سؤ سالن کان نيشنلزم جي نتائج ڏسڻ کان پوءِ هاڻي انسانيت ۽ انسان نوازي ڏانهن وڌي رهيو آهي. انسانن کي قومن ۽ نسلن جي بجاءِ بحيثيت انسان جي ڏسڻ ۽ انهن جي مفادات جي ڳالهہ ڪرڻ اهو هن دور جو ٽرينڊ آهي. مفاصلن جي جهڪي ٿيڻ ۽ دنيا جو هڪ ٻئي سان قريب ٿيڻ جي ڪري اهو وقت هاڻي ايڏو پري ناهي جڏهن انسان ذات هڪ عالمي برادري جي صورت اختيار ڪندي ۽ رنگن، نسلن زبانن، علائقن ۽ ملڪن جي اهميت ثانوي ٿي ويندي. اهڙو دور ضرور ايندو. ان کي دنيا جي ڪابہ قوت روڪي نٿي سگهي. قدرت جي پنهنجي منشا اها آهي تہ اهڙو دور اچي، هي تيز رفتار سواريون، سائنسي ترقي، بين الاقوامي منڊيون، بين الاقوامي ادارا، معاشرت ۾ بين الاقوامي



رنگ، هڪ ٻن زبانن جو بين الاقوامي جو حيثيت هڪ دين، هڪ نظريي ۽ هڪ برادري، بلڪ وحدت ڏانهن تيزي سان وڌيڪ رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن مسلمانن جا ڪا علائقا يورپ جي تجربي ۾ آيل خطرناڪ نسخي يعني نيشنلزم کي اختيار ڪرڻ لڳن تہ اها دانشمندي جي علامت نہ چئبي.

پنهنجي حالت کي ڏسندي اندازو اهو پيو ٿئي تہ جيئن حضرت موسيٰ جي قوم بني اسرائيل جي دلين ۾ ڍڳي جي محبت ويهجي وئي هئي ۽ انهيءَ محبت جي ڪري جڏهن الله تعاليٰ انهيءَ ڪرڻ. شايد اهڙي طرح اسان جي دلين ۾ بہ نيشنلزم جي محبت جڙ پڪڙيو وڃي ٿي. جيڪڏهن اهو خالي شڪ ۽ گمان ناهي بلڪ حقيقي خطرو آهي تہ پوءِ اها هڪ تشويشناڪ صورتحال آهي ان جي علاج جو فڪر ڪرڻ گهرجي.

ان جي ڪارڻن ۽ اسباب تي بحث ناهي، اسباب ڪي ئي آهن ۽ ڪي تي سگهن ٿا. پراون جو استحصال، پنهنجن جون زيادتيون، ڪجهہ داخلي ڪمزوريون، انهيءَ صورتحال کان نڪرڻ جو واحد رستو محنت، جدوجهد، همت، جرائت، استقلال ۽ ايڪو ۽ ٻڌي آهي، ها اهو پڻ تہ پنهنجي روايات ۽ اقدار تي ڪنهن بہ قسم جي مصالحت ڪرڻي ناهي. جيئن تہ اسلام هڪ قابل عمل دين آهي ۽ اهو هر قسم جي حالتن مان گذرڻ انهن سان منهن ڏيڻ جا طريقا ۽ دڳ ڏسي ٿو تنهنڪري اسان جي موجوده حالتن ۾ بہ اهو اسان جي رهنمائي ڪري ٿو. اها رهنمائي اها آهي تہ اسين پنهنجن حقن جي حصول ۽ بازيابي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪريون. ان جي لاءِ قوم پروري جي آڌار تي تنظيمون بہ ناهي سگهون ٿا. انهيءَ پليٽ فارم تان آواز اٿاري سگهون ٿا. پر انهيءَ ڪوشش ۾ منفي انداز هرگز نہ هجڻ گهرجي. يعني ٻئي جي لاءِ نفرت جي بجاءِ مثبت انداز سان پنهنجن، حقن جو مطالبو هجي، ۽ ان جي لاءِ سعي هجي.

جڏهن اها ڳالهہ ٻڌري تي وئي تہ قوم پروري ۽ لساني، نسلي ۽ علائقائي قوميت جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ انهن جي لاءِ ڪم ڪرڻ ڏوهہ ناهي، ۽

انهيءَ بنياد تي تنظيمن جو وجود پڻ قابل قبول آهي ته هاڻي سوال اهو آهي ته سنڌ جي موجوده حالتن ۾ قوم پروري جي تحريڪ کي اسلام جي بنياد تي کهڙي طرح شروع ڪجي ۽ پڻ هلائجي، اهو هڪ عملي سوال آهي ۽ نهايت ئي اهم سوال آهي. ان سوال جو جواب گهرو غور فڪر چاهي ٿو. ضرورت آهي ته سنڌ جا فهميده اسلامي دانشور پنهنجن پنهنجن دائرن منجهان ٻاهر نڪري ڪلي طرح ان سوال جو جواب ڏين ۽ ان معاملي ۾ اهل سنڌ جي رهنمائي پڻ ڪن.

ان معاملي بابت جيستائين منهنجي پنهنجي راءِ جو تعلق آهي ته نهايت گهڻي مطالعي کان پوءِ منهنجي اها ديانتدارانه راءِ آهي ته قوم پروري جو مسئلو ٻن سببن جي ڪري سنگين صورت اختيار ڪري ويو آهي، هڪ اهو ته اسان وٽ اسلام جو عادلانه معاشي، ۽ سماجي نظام عملاً موجود ڪونهي. اسلام جي نالي تي هڪ نهايت ئي ظالمانه ۽ ڦرلٽ وارو نظام قائم آهي. ان جو ٻيو سبب اهو آهي ته هتي اسلام جو تصور اهڙو ته ناقص ۽ غلط ٿي چڪو آهي جو پڙهيل آبادي سمجهي ٿي ته ان ڏس ۾ اسلام وٽ چند نصيحتن کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ ڪانه ۽ اسلام معاشري ۾ جاگيردارانه، زميندارانه، ۽ سرمائيدارانه نظام کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ چاهي ٿو ۽ اهو معاشي، سماجي ۽ معاشرتي دائري ۾ وڏ ننڍائي ۽ اونچ نيچ جي ٻن طبقن کي مستقل طرح قائم ۽ برقرار رکڻ گهري ٿو.

اهي ٻه سبب آهن جنهن جي ڪري اسان وٽ ظلم، استحصال ۽ نا انصافيون وڌي ويون آهن، ۽ قوم پروري جو مسئلو چوٽ تي چڙهي ويو آهي، جي اسلام جو عادلانه نظام قائم هجي ها ۽ معاشري جي خوشحال ۽ سرندي واري عنصر کي اها پروڙ ۽ اهو ڪامل شعور هجي ها ته اسلام غربت ۽ اميري، خوشحالي ۽ محتاجي، دنيا جي سيني نعمتن کان بهريابي ۽ هر نعمت کان محرومي واري موجوده حالت کي ڪنهن ٻه صورت ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. بلڪ اهو ته چوي ٿو ته اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجي ٻئي مسلمان ڀاءُ لاءِ ساڳيو معيار زندگي نٿا چاهين اهي ڪامل مؤمن ڪونهن.



آخرت ۾ اهڙن ماڻهن کان باز پرس ٿيندي، انهيءَ تصور جي عام ٿيڻ جي ڪري جيڪر هيٺ مٿانهين، وڏ ننڍائي، محرومي ۽ بهريابي جي صورتحال پيدا ئي نه ٿئي ها. پر جيڪڏهن عملاً ملڪ ۾ اسلامي معاشرو ۽ اسلامي رياست ڪونهي ته ٻي صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ جيڪو ڪم ٿيڻ گهرجي ها اُهو اِهو آهي ته اسلام جي نظام کي ان جي نج اصل رنگ ۽ صورت ۾ پيش ڪيو وڃيها. جنهن ۾ اسلام محرومن، مظلومن، مستضعفين ۽ غريبن جي نجات دهنده جي حيثيت سان پيش ٿئي ها ۽ پوري وضاحت ۽ تفصيل سان هر ڪنهن کي اها ڳالهه معلوم ٿئي ها ته اسلام ظلم ۽ نا انصافي جي ڪنهن به شڪل کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اهو سرمائيداري ۽ جاگيرداري سرشتي جو ته وڏي ۾ وڏو دشمن آهي ۽ رزق جي قدرتي وسيلن بابت پڻ ان جو مؤقف اهو آهي ته انهن وسيلن تي پهريون حق اتي جي ويجهو رهندڙ ماڻهن جو آهي.

بدقسمتي سان هت اسان وٽ ڪو اهڙو جاندار گروهه پيدا نه ٿي سگهيو جنهن اسلام جي انهيءَ پهلوءَ کي بيان ڪرڻ پيش ڪرڻ ۽ ماڻهن کي انهيءَ اعتبار سان مطمئن ڪرڻ کي پنهنجو مقصد زندگي بنايو هجي. جي ائين ٿئي ها ته اسلام تي تعليم يافته آبادي جو اعتماد ته يقيناً مضبوط ٿي وڃي ها ۽ ذهن ۽ سوچ ويچار ۾ هوند اها تبديلي واقع نه ٿئي ها جيڪا هينئر واقع ٿي چڪي آهي. ان ڪري سنڌ جي موجوده حالتن ۾ سڀ کان وڌ ۾ وڌ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙو گروهه نمودار ٿئي جيڪو اسلام جي تعليم کي ان جي اصل رنگ ۽ انداز سان پيش ڪري ان سان گڏوگڏ انهيءَ عادلانه نظام جي قيام لاءِ ڀرپور ڪوششون پڻ شروع ڪري ڏي. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن اسين پڙهيل لکيل آبادي ۽ عام ماڻهن کي معاشي، معاشرتي ۽ سماجي دائري ۾ اسلام جي عادلانه ۽ منصفانه سرشتي ۽ فطري خوبين کان پوري طرح واقف ڪري سگهياسين ته، قوم پروري جو مسئلو ازخود فطري دائري ۾ واپس هليو ويندو ۽ اهو جارحانه صوررت اختيار نه ڪندو.

جيستائين قوم پروري جي تحريڪ ۽ ان جي رخ جو سوال آهي ته سچي

ڳالهہ اها آهي تہ اسلام ناگزير حالتن ۾ ان جي اجازت تہ ڏي ٿو پر اسلام جو مجموعي مزاج اهڙو آهي جيڪو نسلن، قومن ۽ رنگن جي بنياد تي تحريڪون هلائڻ کي پسند نٿو ڪري، ڇاڪاڻ تہ اهڙين تحريڪن جو لازمي نتيجو انسانن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ ۽ تصادم آهي ۽ ٽڪراءُ ۽ تصادم سان مورڳو خونريزي پيدا ٿئي ٿي ۽ خدا جي زمين انسانن جي خون سان ڀرجي وڃي ٿي جڏهن اها ڳالهہ الله تعاليٰ کي سڀ کان وڌيڪ ناپسند آهي. يورپ ۾ قوم پرستي جا جيڪي نتيجا نڪتا اهي بہ ۽ ان کان علاوهہ اسين خود روزمره ڏسون ٿا تہ نسلن ۽ قومن جي وچ ۾ جڏهن هڪ ڀيرو ڪنهن ڳالهہ تان دشمني پيدا ٿي پوي ٿي تہ پوءِ اها ڪنهن هڪ هنڌ تي اچي نٿي بيهي بلڪ وڌي وڌڻ ٿئي ٿي ۽ پوءِ بدلو وٺڻ ۽ هڪ ٻئي جا گلا ڪاٽڻ جو نہ ختم ٿيڻ وارو سلسلو شروع ٿي پوي ٿو. ان ڪري منهنجي نزديڪ سنڌ جي پٺتي پيل آبادي جي مسئلن جي حل ۽ لساني قوميت جي حقوق جي حاصلات جو طريقو هڪڙو ئي آهي، اهو اهو تہ خدا جا ڪي اهڙا ٻانها اٿي کڙا ٿين جيڪي پهرين پنهنجي دل جي اندر حقيقي خدا جي محبت پيدا ڪن. جنهن کي خدا جي ان محبت جي نتيجي ۾ سندن زندگي مان خدائي و صفات جو عڪس (پرتو) ظاهر ٿيندو. ان کان پوءِ اهي معاشري جي اندر خدا جي انهيءَ محبت واري جذبي ۽ خدائي صفات کي عام ڪرڻ ۽ انسانن جي وچ ۾ سماجي معاشي ۽ معاشرتي غرض تہ هر دائري ۾ عدل، انصاف، مساوات، برابري ۽ سنن گڻن کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جنبي ويندا ۽ ان لاءِ تحريڪ پڻ هلائيندا. ان کان علاوه انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ جا ٻيا جيڪي بہ طريقا اختيار ڪيا ويندا انهن مان ڪجهہ بہ حاصل ڪين ٿيندو، بلڪ ويتر نقصان پهچندو.

خدا جي محبت جو جذبو انساني زندگي ۾ هڪ عجيب ۽ حيرت انگيز قسم جو انقلاب آڻي ڇڏي ٿو اهڙو انقلاب جيڪو انساني زندگي جي ٻي ڪابہ قوت آڻي نٿي سگهي. اهو انقلاب اهو آهي تہ خدا جي محبت سان



سرشار انسان پنهنجي جسم جي قوتن، صلاحيتن ۽ دولت کي پنهنجي شيءِ سمجهڻ بدران انهن کي خدا جي امانت سمجهي ٿو ۽ ان امانت کي انهن مقصدن ۾ استعمال ڪرڻ پاڻ تي واجب سمجهي ٿو، جن تي استعمال جو ڪيس حڪم ڏنو ويو آهي، مثلاً ضرورت کان وڌيڪ دولت بابت هن جو نقطہ نگاهہ اهو بڻجيو وڃي تہ اها دولت پاڻ وٽ رکڻ جي بجاءِ مستحق ماڻهن ۾ تقسيم ڪرڻ گهرجي. جي هو تقسيم نہ ڪندو تہ گويا امانت ۾ خائن ثابت ٿيندو، انهيءَ خيانت جو وڏو نقصان ڪيس اهو ڏسڻو پوندو تہ سندس خدا سان محبت ۾ ڪمي واقع ٿي پوندي چنانچہ هو خدا سان پنهنجي محبت واري تعلقن ۾ اضافو ڪرڻ خاطر بچيل دولت مستحق ماڻهن کي ڏيئي ڇڏي ٿو. هاڻي اوهان پاڻ انصاف ڪريو تہ رضاڪارانہ طور تي خدا جي ٻانهن تي دولت خرچ ڪرڻ جو اهڙو جذبو ڇا ڪنهن خارجي دٻاءُ يا ڪنهن بہ قانون ذريعي پيدا ڪري سگهجي ٿو.

بهرحال محبت جي اسرار و رموز ۽ فلسفي ۾ وڌيڪ وڃڻ جو هتي موقعو ڪونهي. البتہ آئون علمائن جي مذهبي طبقي، يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ موجود ديندار ماڻهن ۽ مختلف شعبن ۾ مذهبي حس رکندڙ فردن کي اها ضرور درخواست ڪندس تہ هو خدا سان محبت پيدا ڪرڻ واري تعليم (جنهن موجب ماڻهو پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجن شين کي خدا جي امانت سمجهڻ لڳي) کي پهريان خود اپنائين ۽ ان کان پوءِ ان کي عام ڪرڻ ۾ پنهنجي مٿي وس آهر ڪوشش ڪن. اها محبت جيتري قدر وڌندي، معاشري ۾ غير برابري ۽ سرمايو ڪٺو ڪرڻ جو رجحان ۽ ٻيون برائيون اوتري قدر گهٽ ٿينديون وينديون ۽ هيٺين ۽ ڪمزورن کي مٿانهون مقام ملڻ لڳندو ۽ اسلام سان ٽڪرائيندڙ غير فطري نظريا خود بخود پس منظر ۾ هليا ويندا. قوم پروري جا فطري جذبا پڻ قوم پرستي جي شڪل اختيار ڪرڻ کان باز ايندا. ڇاڪاڻ تہ جڏهن قوم پرستي جي بنياد نا انصافي ۽ دولت گڏ ڪرڻ ۽ ميڙي رکڻ جو رجحان گهٽ ٿي ويندو، ڪمزور ۽ پٺتي پيل انسانن جون ضرورتون ازخود ٿي

ويندو ڪمزور ۽ پنتي پيل انسانن جون ضرورتون ازخود پوريون ٿيڻ لڳنديون تہ پوءِ قوم پرستي سري ڪان اپري ئي ڪانہ سگھندي.

اي ڪاش! سنڌ مان ڪي اهڙا فهميده انسان اٿي پون جيڪي خدا سان محبت ۽ ان جي تقاضا کي عام ڪرڻ جي ڪم ۾ جنبي پون. اهڙا بزرگ ۽ سڄڻ جتي بہ هجن. انهن کي درخواست آهي تہ هو راقم سان لهہ وچڙ ۾ اچن. تانتہ سنڌ ۾ مٿين مقصد لاءِ ڪا رٿابندي ڪري سگھجي.



ابو الڪلام آزاد

# قوميت جو اسلامي ۽ مغربي تصور

## هڪ مطالعاتي جائزو

### قوميت ڇا آهي

قوميت انسان جي اجتماعي زندگي جي احساسن، خيالن ۽ اعتقادن جي خاص حالت جو نالو آهي. قوميت، انسانن جي هڪ گروه کي ٻئي گروه کان جدا ۽ نمايان ڪري ٿي ۽ ان جي ذريعي انسانن جو هڪ وڏو گروه گڏجي سڏجي، زندگي گذارڻ لڳي ٿو ۽ اجتماعي زندگي ۾ پيدا ٿيندڙ مونجهارن جو مقابلو ڪرڻ لڳي ٿو. تنهنڪري ضروري آهي تہ قوميت بابت اسلام جو نظريو معلوم ڪرڻ کان اڳ خود انسان جي حالت تي ويچار ڪجي تہ ان جا اجتماعي لاڳاپا، لاڙا ۽ جذبا ڪهڙي قسم جا آهن؟

جيئن ڪائنات جي هر شيءِ ارتقائي ۽ لاڳيتو عمل کان گذري ٿي. يعني هر شيءِ شروعات کان آخر تائين، ننڍپڻ کان بلوغت ۽ جواني تائين، ابتدا کان انتها تائين، ڪمزوري کان ڪمال تائين هڪ خاص تسلسل سان ترقي ڪري ٿي ۽ انهيءَ سڄي عمل ۾ هر شيءِ کي مختلف مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. تيئن انسانن جي اجتماعي سوچ جي اوسر جو بہ هڪ ارتقائي سلسليوار عمل آهي. سندس شروعات هڪ تمام ننڍي نقطي کان ٿئي ٿي، اهو آهستي آهستي بلوغ ۽ تڪميل کي پهچي ٿو. دنيا جي هر شيءِ وانگر هن جو بہ هڪ نقطو ابتدائي ۽ ٻيو آخري يا انتهائي ٿئي ٿو. شروعاتي مرحلي ۾ هن جو احساس ۽ خيال بہ سندس ننڍڙي جسم وانگر ننڍپڻ جي پينگهوڙي ۾ سمهيل نظر اچي ٿو. پر جيئن جيئن سندس دماغ جي پالنا ٿئي ٿي، تيئن اجتماعي رشتن ۽ تعلقات وارو احساس ۽ جذبو بہ وڌندو رهي ٿو.

انساني حالت تي هميشہ ٻن مختلف حيثيتن سان نظر وڌي ويندي آهي: اجتماعي ۽ انفرادي.

**اجتماعي:** مان مراد آهي، بحيثيت انسان ذات جي هن کي ڪهڙين ڳالهين، مونجهارن ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو آهي، ان لاءِ جستجو ۽ جاکوڙ ڪرڻ.

**انفرادي:** مان مقصد آهي ته هڪ انسان کي ڪهڙين ڳالهين سان واسطو پوي ٿو يا ڪيس ڪهڙا مسئلا سامهون اچن ٿا، اهو معلوم ڪيو وڃي.

پهرين ڳالهه ۽ حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي تاريخ جو مطالعو ڪرڻو پوندو ۽ ٻي حيثيت (انفرادي) معلوم ڪرڻ لاءِ خود انسان جي پنهنجي زندگي جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن ان رو سان انسان جي حالت تي ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انسان جي اندر اجتماعي احساس، پروڙ ۽ سوچ جو ارتقائي سلسلو اجتماعي ۽ انفرادي زندگي ۾ بلڪل هڪ جهڙو موجود آهي ۽ ان جون اصولي ڪڙيون ۽ منزلون هن ريت آهن:

(1) اومه (مادر)

(2) ابوه (پدر)

(3) عائله (خاندان)

(4) قبيلو

(5) شهر

(6) وطن

(7) نسل

(8) براعظم

(9) بني آدم

**اومه**

عربي ۾ ماءُ کي سڏيو وڃي ٿو. هن مان مراد انسان جي جنم وٺڻ واري حالت آهي. ماءُ جي گود ئي هن لاءِ سڄي دنيا هوندي آهي ۽ ماءُ جي هنج کان ٻاهر جي دنيا سان سندس ڪوبه واسطو نه هوندو آهي. ان ابتدائي دور ۾ انسان جو اجتماعي تعلق فقط "اومه" يعني ماءُ سان ئي رهندو آهي ۽ فطرت، ننڍپڻ ۾



ئي سندس رهنمائي ۽ رهبري ڪندي آهي ۽ هن معصوم ٻار جا هٿ پنهنجو پاڻ ئي حرڪت ڪري ماءُ جي گڇي جو هار ٻڌجي ويندا آهن ۽ انهن ننڍڙن هٿن ۽ ٻانهن جو ماءُ ڏانهن کڄڻ انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن انسان جو پهرين قدم آهي.

**ابوه:**

هن مان مراد پيءُ جو رشتو آهي. ماءُ، ٻار کي پيءُ جهڙي پيار پريل هستي جي حوالي ڪري ٿي ته اهو ٻار ماءُ کان علاوه هڪ ٻي هستي جو به احساس ڪرڻ لڳي ٿو. انسان جو انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن اهو ٻيو قدم آهي.

انساني تهذيب ۽ تمدن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ انسان، انفرادي زندگي گذاريندو هو. يعني وڻن سهڻي ۽ سڌريل نموني سان زندگي گذارڻ جو ڪو تصور ڪونه هو. ان وقت گهريلو مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ گڏجي زندگي گذارڻ جو ڪو باقاعده انتظام ڪونه هو. "ٽي سگهي ٿو" ته عام جانورن وانگر ماءُ جو رشتو ته هجي، پر پيءُ واري رشتي جو تعين ۽ تقرر نه ٿي سگهيو هجي، جيئن عام جانور ماءُ سان گڏ رهندا آهن، پر پيءُ جي ڪين ڪا خبر نه هوندي آهي. ٿي سگهي ٿو جو لفظ ان لاءِ استعمال ڪيم ته ان معاملي ۾ علم الانسان جي ڄاڻن ۽ محققن جا خيال ۽ نظريا مختلف آهن ۽ ڪا صحيح حقيقيت اڃا تائين سامهون نه آئي آهي. بهرحال شروعات ۾ "ابوه" پيءُ واري رشتي جو وجود هجي يا نه هجي، پر جڏهن کان اهو رشتو قائم ٿيو آهي، ماءُ کان پوءِ اجتماع ڏانهن وڌڻ لاءِ اهو ٻيو قدم آهي.

(واضح هجي ته مولانا آزاد جو اهو نڪتو قرآن جي بيان ڪيل انهيءَ بنيادي اصول جي ابتڙ آهي جنهن مطابق انسان جي ابتدائي تخليق کان وٺي سندس رهنمائي لاء انبياء ڪرام موڪليا ويا). (محمد موسيٰ ڀٽو)

**عائله:**

عربي ۾ خاندان کي چيو وڃي ٿو، پر خاندان جو لفظ اسان جي زبان ۾ ڪجهه وسعت رکي ٿو. "عائله" اسان جي زبان ۾ مروج خاندان کان ٿورو گهٽ آهي. هن ۾ فقط اهي ويجها مائٽ يا رشتيدار اچن ٿا، جن جي گڏجي رهڻ سان

نئيڙي گهر ۾ اجتماعيت جو نظام قائم ٿيو وڃي. هي اجتماعي زندگي جي ارتقائي عمل جو ٽيون ڏاڪو يا ٽين منزل آهي.

انسان، جڏهن اڪيلو رهڻ ڇڏي گڏجي رهڻ جو آغاز ڪيو ته ان جي پهرين صورت اها هئي ته هن پنهنجن تمام ويجهن مٽن مائٽن جو هڪڙو گروهه ٺاهيو ۽ رهڻ لڳو ته جيئن هو زندگي جي هن ڪشمڪش ۾ اڪيلي سر نه هجي.تمام ويجهن مائٽن ۽ رشتيدارن سان گڏجي رهڻ جو اهو جذبو ئي اجتماعي ارتقاء ۾ اوسر جي ٽين منزل آهي. ڇاڪاڻ ته هاڻي ماءُ پيءُ کان سواءِ ٻين ماڻهن سان به انس ۽ محبت جو واسطو قائم ٿيو.

ان سلسلي جي چوٿين منزل آهي قبيلو. ۽ هن جو تعلق "عائله" جي پيٽ ۾ انسانن جي وڏي اجتماع سان آهي. تمدن ۽ تهذيب جي شروعات دور ۾ ڪجهه وقت "عائله" (قريبي رشتيدارن جو گڏيل سرشتو) جو نظام هلندو رهيو ته هر "عائله" يا خاندان جو نسل وڌندو ۽ پکڙجندو ويو. ايستائين جو پنجن ڏهن پيڙهين کان پوءِ هر خاندان جي ماڻهن جو تعداد هزارن تائين وڃي پهتو. انسانن جو ايڏو وڏو تعداد عائله يا خاندان جي محدود چار ديواري ۾ نه پئي رهي سگهيو. تنهنڪري اجتماعي زندگي قدرتي طرح هڪ وک اڳتي وڌائي ۽ پنهنجو دائرو وسيع ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ انسان ڏورانهين هنڌين رهڻ جي باوجود پنهنجي نسبت ان دائري ڏانهن پئي ڪئي. جنهن خاندان کان به ڪجهه وڌيڪ وسعت اختيار ڪئي.ان ۾ پري يا ڏور رهندي به، انسان ۾ پنهنجي خاندان جو احساس برقرار رهيو. اهڙي طرح "قبيلي" جو وجود پيو. هن منزل تي پهچي، انسان جو اجتماعي زندگي وارو اهو جذبو ۽ احساس جيڪو فقط "امومه" ۽ "ابوه" واري رشتي ۾ بند هو. هڪ وڏي انساني برادري جي صورت اختيار ڪري ويو. اهڙي طرح انسان پنهنجي نسبت، پنهنجي نسل جي وڏن سان ڳنڍڻ شروع ڪئي ۽ خاندان يا نسل جي ماڻهن سان پنهنجي مائٽي ظاهر ڪرڻ ۽ انهن سان محبت ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪرڻ لڳو. اهو جذبو ئي نسبي ۽ نسلي تعلق جي شروعات جو ڪارڻ ٿيو. ان کان پوءِ انهيءَ نسلي تعلق کي قائم رکڻ لاءِ ان جي حفاظت جي به ضرورت پئي.



عرب، آفريقا، هندستان، آمريڪا ۽ آسٽريليا ۾ اڃا تائين قبائلي اثرات موجود آهن. عرب ۾ قبائلي نظام ايترو طاقتور هو جو ان کي تهذيب ۽ تمدن واري دور به ختم ڪرڻ تمام ڏکيو هو ۽ هر قبيلو پنهنجي نسب جي سلسلي جي ايتري ته حفاظت ڪندو هو جو هن انهيءَ سموري سلسلي کي زباني طرح طوطي وانگر رٽي ڇڏيو هو. اڃا به عرب ۾ ڪٿي ڪٿي قبيلي کي اهائي حيثيت حاصل آهي. جا ڪيس ڇهين صدي عيسوي کان پهريائين حاصل هئي، هندستان ۾ به اڃا تائين قبائلي زندگي جا آثار موجود آهن. جيڪي ان پهرين ۽ شروعاتي قبائلي سرشتي جون نشانيون يا علامتون آهن.

هي جو اڄڪلهه انسان ذات کي ڪن قاعدن ۾ ورهايو پيو وڃي، مثال طور سامي، آرين، منگول وغيره ته اصل ۾ انهن جو بنياد يا شروعات به ان وقت ٿي هوندي، جڏهن انهن جو اجتماعي احساس وڌندي وڌندي "قبيله" واري احساس تي پهتو هوندو. جيتوڻيڪ اڄ انسان ذات انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن ويندڙ ان منزل کان گهڻو اڳتي نڪري وئي آهي، پر سندس انفرادي زندگي ۾ ان جي اڄ به اها ساڳئي حيثيت آهي. جا شروعاتي دور ۾ هئي. شروعاتي دور واري ٻار وانگر اڄوڪو ٻار به پيدا ٿيڻ کان پوءِ اجتماع ڏانهن وڌڻ جو احساس ماءُ جي هنج مان ئي حاصل ڪري ٿو ۽ درجي بدرجي منزلون طي ڪري وڌندي وڌندي "قبيلي" تائين پهچي ٿو.

هن چوٿين منزل تي پهچي نسل ۽ ڪڙم قبيلي جو وڌڻ بند ٿيو وڃي ۽ اتان کان زمين يا ڌرتي جو رشتو شروع ٿيو وڃي. ان رشتي کان اڳ انسان جو اجتماعي احساس فقط نسلي ۽ خانداني تعلق ۾ جڪڙيل هو. ڇاڪاڻ ته سندس خيال مطابق وڏ ۾ وڏ ۾ قريب ترين تعلق اهوئي هو ۽ اهو تعلق سدائين پنهنجي ذات کان شروع ٿي وڌندو وڌندو پري نڪري وڃي ٿو پر هينئر هڪڙو ٻيو تعلق به پيار، محبت ۽ ياٻپي جو جذبو پيدا ڪرڻ لڳو.

منڍ ۾ انساني زندگي جي نوعيت انفرادي هئي، پوءِ گهر، خاندان ۽ قبيلي جو بنياد پيو پر جڏهن ان تبديلي جي باوجود هو خانه بدوشانه زندگي کان اڳتي نه وڌيو ته ان کان پوءِ ڌرتي وارو تصور پيدا ٿيو جنهن موجب انسان

پنهنجي لاءِ زمين جي ٽڪرن کي مخصوص ڪري ڇڏيو. ان کان اڳ هر قبيلو بهار جي موسم ۾ هڪ جاءِ تي رهندو هو ته خزان ۾ وري لڏي، ڪنهن ٻي جاءِ تي هليو ويندو هو ۽ جڏهن برسات پوندي هئي ته اتان به لڏي وڌيڪ محفوظ جاءِ ڏانهن هليو ويندو هو. ٻئي سال وري جڏهن موسمون تبديل ٿينديون هيون ته هو واپس انهن جاين تي وڃي رهڻ لڳندو هو. جتي گذريل سال بهار، خزان ۽ خاص برسات واري موسم ۾ رهيو هو ۽ اهڙي طرح ڪجهه وقت لڳاتار ائين رهڻ ڪري اهي جايون سندس مستقل رهائشگاهون ٿي پيون. يا وري ڪڏهن ڪا جماعت يا ٽولو گهڻو عرصو هڪ هنڌ رهيو ته زمين جي ان ٽڪري يا اتان جي ماحول ۾ هو هڪ خاص ڇڪ ۽ ڪشش محسوس ڪرڻ لڳو. انهن سببن ڪري اجتماعيت جو وڌيڪ احساس پيدا ٿيو، جنهن کي "بلديہ" جو نالو ڏنو ويو. اها اجتماعي احساس جي پنجين منزل آهي، هن منزل تي پهچي انسان، هڪ نئون تعلق ۽ رشتو محسوس ڪرڻ لڳو. جيڪو ڪنهن هڪ هنڌ گڏجي رهڻ ۽ پيدا ٿيڻ ڪري وڌڻ ويجهڻ لڳو.

جڏهن انسان ڪنهن هنڌ ڪجهه وقت گذاريندو آهي ته ڪيس قدرتي طور ان جاءِ سان محبت ٿي پوندي آهي. جنهن جا ڪيترائي ڪارڻ آهن.

پهريون اهو ته ڌرتي جي ان ٽڪري سان جتي هو ڄميو ٿو ۽ زندگي گذاري ٿو، اتان جي هر شيءِ سان سندس تعلقات جون يادون وابسته ٿي وڃن ٿيون، اتان جي موسم، مٽي، پاڻي، ڍنڍون، دريا ۽ واهه، ڏڍا ۽ پٽون پَٽَ سندس زندگي سان خالص تعلق رکن ٿيون ۽ اهي شيون سندس زندگي جي اوسر ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون رهن ٿيون، انهن شين جي يادگيري سان سندس من ۾ خوشي ۽ مسرت پيدا ٿيڻ لڳي ٿي. ٻيو ته مسلسل جن شين سان سندس واسطو رهي ٿو، تن سان قدرتي طور پيار ٿي پوي ٿو. ٽيون اهو ته گهڻي عرصي تائين هڪ هنڌ رهڻ ڪري خانداني دوستي ۽ ڀائپي جا انيڪ رشتا پيدا ٿي ويندا آهن. جتي انسان ڄميو ۽ پليو هجي، اتي سندس ڪيترائي مٽ مائٽ، دوست سنگتي ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارا ماڻهو رهندا آهن، ان ڪري ان خطي جي ذري ذري سان ڪيس پيار ٿي ويندو آهي. مطلب ته



انسان، نسلي ۽ خانداني رشتي کان پوءِ وطن ۽ ديس جو رشتو به محسوس ڪيو ۽ آهستي آهستي اهو رشتو وڌيڪ مضبوط ٿيندو ويو ۽ ايترو وڌيو جو انسان جي پيار ۽ محبت جو مرڪز ۽ محور بڻجي پيو.

"بلديه" کان پوءِ ڇهين منزل "وطنيه" (وطن سان محبت) جي اچي ٿي. وطنيه "بلديه" جي هڪ خاص ترقي يافته صورت جو نالو آهي، جڏهن شهري زندگي ترقي ڪئي ۽ سندس تعلق وڌيڪ ويڪرو ٿيندو ويو، نوان نوان ڳوٺ ۽ شهر ٻڌجڻ لڳا ۽ ماڻهن جا تعلقات وڌيڪ وڌڻ لڳا ته "بلديہ" جي تصور ۾ پڻ وسعت اچڻ لڳي. هاڻي انسان نه رڳو جاءِ جي انهيءَ ٽڪري سان پيار ڪرڻ لڳو جتي هو پيدا ٿيو هو ۽ پليو هو، پر زمين جي ان سڄي ٽڪري سان ڪيس پيار ٿيو پوي، جنهن تي هو ڄائو نپنو هو. ان بعد وطن جي تصور زمين جي ننڍي ٽڪري جي بجاءِ وڏي حصي جي صورت اختيار ڪئي. ايستائين جو هاڻي وڏن وڏن ملڪن کي ئي وطن جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انسان جو اجتماعي احساس انفراديت کي ختم ڪندو ڪڙم قبيلي ۽ خاندان واري محدود تصور کي پٺتي ڇڏيندو وڌندو "وطنيه" جي جذبي ۽ احساس تي وڃي پهتو ۽ اهوئي جذبو مختلف قبيلن، نسلن ۽ قومن کي پاڻ ۾ متحد ۽ متفق ڪرڻ جو ڪارڻ ٿيو پوي.

"وطنيه" جي اجتماعي جذبي کان پوءِ "جنسيت" جي منزل اچي ٿي. هي انسان ذات جي اجتماعي تعلق جو هڪ نهايت وڏو دائرو آهي، جيڪو اجتماع جي پوين سڀني جذبن کي تمام پٺتي ڇڏيو وڃي ۽ ٻين سڀني احساسن کان وڌيڪ طاقتور احساس جي شڪل اختيار ڪيو وڃي.

اهو ضروري ناهي ته "جنسيت" وارو تعلق ۽ رشتو ڪنهن خاص ڳالهه سان ٻڌل هجي يا ان جو ڪو هڪ ئي سبب هجي، ڪٿي "وطنيت" جو جذبو تمام وڏي ويندو آهي، ۽ وطن سان تعلق رکندڙ پوين احساسن کي پنهنجي اندر جذب ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪٿي وري ڪو تمام پراڻو ۽ جهونو نسلي تعلق اتحاد جو سبب بڻجي ويندو آهي. مثلاً رنگ يا زبان وغيره ۽ ڪيترين ئي جماعتون، قبيلا ۽ قومون دنيا جي مختلف جدا جدا هنڌن تي رهڻ جي باوجود

رنگ يا زبان جي ان احساس جي بنياد تي هڪ ٿي ويندڙيون آهن. جنسيت جو اهو احساس شهري زندگي جي ترقي ۽ واڌاري، ملڪن کي درپيش اندروني ۽ بيروني حالتن ۽ مونجهارن ڪري آهستي آهستي وجود ۾ آيو.

انساني اجتماع جو اهو احساس جيڪو ماءُ جي گود کان شروع ٿي، ترقي ڪندو وطنيت واري جذبي تائين پهتو. ان بعد انسان اهو محسوس ڪرڻ لڳو ته وطني جذبي کان به مٿي انساني برادري جي اتحاد لاءِ هڪ ٻيو به رشتو ٿي سگهي ٿو. جيڪو اجتماعي احساس پيدا ڪندڙ ٻوين سڀني جذبن کان وڌيڪ ڪارائتو ۽ مؤثر ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ انساني ذهن "جنسيت" ڏانهن قدم وڌايو. آمريڪي "جنسيت" مختلف قوميتن ۽ نسلن جو مجموعو آهي. فرانسيسي "جنسيت" ۾ هر اهو ماڻهو شامل آهي، جنهن جا ڪي اجتماعي مسئلا ۽ معاشي احساس مشترڪ آهن.

مطلب ته "جنسيت" وارو احساس ۽ خيال اجتماعي احساس پيدا ڪرڻ لاءِ ٻوين سڀني احساسن ۽ جذبن کان زبردست ۽ طاقتور آهي، هن ۾ انسان ذات جو وڏو حصو شامل ٿيو وڃي ۽ تمام گهڻا انسان هڪ وڏي اجتماعي رشتي ۽ تعلق ۾ ٻڌجيو وڃن.

"جنسيت" کان پوءِ ان کان به وڌيڪ هڪ تعلق پيدا ٿيو وڃي، جيڪو زمين يا ڌرتي جي بين الاقوامي ورڇ ڪري پيدا ٿيو. مثال طور، ايشيائي، آفريڪي، مشرقي، مغربي، يورپي وغيره هئڻ جو احساس، ان مرحلي تي پهچي انسان محسوس ڪري ٿو ته هن جي تعلقات جي دنيا،وطن ۽ جنس جي محدود رشتن کان تمام مٿي آهي. اتي پهچي ايشيا جي ڪنهن به ملڪ جو رهاڪو سڄي ايشيا کنڊ کي پنهنجو وطن سمجهڻ لڳي ٿو ۽ يورپ کنڊ جو رهاڪو سڄي يورپ کنڊ کي پنهنجو وطن ۽ ديس سمجهڻ لڳي ٿو ۽ ان سان کيس بيحد محبت ٿيو وڃي.

هن منزل تي پهچي انساني ورڇ جون سڀ ديوارون ڊهيو پون ۽ انسان لاءِ اها منزل بلڪل سامهون اچيو وڃي، جنهن کي آخري منزل چئجي ۽ جتي پهچي، انسان جي جذبات ۽ احساسات جو ارتقائي عمل مڪمل ٿيو وڃي. اها



منزل "انسانيت" ۽ بني آدم جي احساس جي منزل آهي، اتي پهچي انسان محسوس ڪري ٿو ته رشتن ۽ لاڳاپن لاءِ هن جيڪي حدون قائم ڪيون هيون، سي سڀ غير فطري ۽ غير حقيقي هيون، جڏهن ته فطري ۽ حقيقي رشتو فقط هڪڙو آهي ۽ اُهو اِهو هو ته ته سڄي دنيا انسان جو وطن آهي. سموري انسان ذات هڪ ئي گهراڻي مثل آهي ۽ هر انسان ٻئي جو ڀاءُ آهي. اتي پهچي انسان جي اجتماعي لاڳاپن جو سفر ختم ٿي وڃي ٿو ۽ قومي ٻڌي يا وطني قوميت يا جنسي ايڪي جي جاءِ تي هڪ فاطرالسموات والارض جي ناهيل انساني وحدت ظاهر ٿيو وڃي، جنهن تي اچي اجتماعيت جي تڪميل ٿئي ٿي.

انسان جي تحقيقي جستجو واري سفر ۾ وحدت ۽ ڪُل جي منزل آخري منزل آهي. هن جو اهو سفر انفراديت کان شروع ٿي اجتماعي وحدت تي اچي ختم ٿئي ٿو. هيءَ اها منزل آهي، جتي هر قسم جون حد بنديون تعلقات يا نسب جون پابنديون ختم ٿيو وڃن ۽ سمجهدار ذهن اهو محسوس ڪرڻ لڳي ٿو ته هيڏي وڏي ٽڙيل پکڙيل ڪائنات جي حقيقت اجتماعي وحدت کان سواءِ ڪجهه به ڪين آهي. حقيقت جي اک سان ڏٺو وڃي ته معلوم ٿيندو ته هر شيءِ انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن سفر ڪندي، اجتماعي وحدت تي اچي بيهي ٿي. رنگ، نسل، وطن، قوم وغيره اجتماع ڏانهن وڌڻ جا ڪيترائي نالا اختيار ڪيا، حالانڪ ان جو اهڙوئي نالو هو ۽ اهو نالو "انسان" آهي.

**وحدت کان ڪثرت ڏانهن:**

اوهان "انسان" جي نندپڻ واري دور تي هڪ نظر وڌي آهي، اهوئي ماءُ جي هنج ۾ پلجڻ وارو انسان آهي، جنهن جو اجتماعي احساس ايترو وڌي ويو جو اڄ کيس اها سڄي ڌرتي به تمام محدود ۽ تنگ نظر اچي ٿي ۽ هاڻي هو آسمان ڏانهن ڏسي رهيو آهي ۽ چاهي ٿو ته نظام شمسي جي ٻين ستارن سان پنهنجو تعلق پيدا ڪري وٺي. پر سندس شروعاتي حالت ڇا هئي؟ سوچ ۽ سمجهه جي ڪوتاهي جو حال اهو هيس جو پاڻ کي به صحيح نموني سڃاڻي نه پئي سگهيو. هو ائين انفرادي زندگي گذاريندو هو جڻ هر انسان بذات خود

هڪ الڳ قسم آهي. پر ان کان پوءِ سندس اکين تان اڻ ڄاڻائي جي اها پٽي لهي وئي ۽ هو محسوس ڪرڻ لڳو تہ سندس حيثيت انفرادي نہ آهي، پر سيئي انسان هڪ ئي برادري سان واسطو رکن ٿا.

انسان جي اندر عالمگيريت ۽ ڀائپي جو رشتو تمام دير سان ان ڪري پيدا ٿيو . جو وحدت، ڪثرت کان پوءِ ظاهر ٿيندي آهي. جيئن تہ ڪثرت ۾ انساني عقل ۽ سوچ گم ٿي ويندي آهي، ان ڪري ڪيس ڪثرت کان وحدت تائين ايندي ايندي گهڻو عرصو لڳي ويو.

دراصل سڄي ڪائنات، وحدت ۽ ڪثرت، انفراديت ۽ اجتماعيت جو هڪ عجيب نمونو آهي، جڏهن انساني ذهن حقيقت جي ڳولا ۾ نڪرندو آهي تہ ڪيس ڪثرت کان وحدت ڏانهن هلڻو پويس ٿو جيستائين اهي منزلون طي نہ ڪري، اوستائين ڪائنس حقيقت تائين پهچڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اهوئي سبب آهي جو انساني علم ۽ تحقيق تمام ڏگها ۽ اڙانگا سفر ڪري ترقي جي اوج تي پهتي آهي. ائين ٿو لڳي، ڄڻ انساني علم ۽ تحقيق هڪ وڏي ۽ طويل سفر جو داستان آهي. جهڙي طرح انسان کي رڳو اهو معلوم ڪرڻ لاءِ تہ هڪ ئي شڪل جا هزار جانور دراصل هزار قسمن جا جانور ناهن. بلڪ اهي هڪڙي قسم جا جانور آهن تمام گهڻو عرصو لڳي ويو. بلڪل ساڳي طرح انسان پنهنجي نوعيت ۽ وحدت جي ڄاڻ پڻ جلدي حاصل نہ ڪري سگهيو. اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڏکيو رستو طئي ڪرڻ جي ضرورت هئي، ان ڪري اهو سلسلو ۽ سفر پورو ڪيو ويو ۽ آخرڪار وحدت انساني "انساني ڀائپي" واري اصلي منزل سامهون اچي وئي.

**انفرادي زندگي:**

اها انسان جي اجتماعي زندگي جي ڪهاڻي هئي. هاڻي ڪجھ سندس انفرادي زندگي تي بہ نظر وجهو. انسان جي اجتماعي زندگي جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ وڏن وڏن تاريخي ڪتابن جي ورق گرداني ڪرڻي هئي، پر هن جي انفرادي زندگي جو ورق سدائين، اکين آڏو رهي ٿو. هتي بہ ڏسو تہ اجتماعي احساس جي واڌ ۽ اوسر جو فطري سلسلو ڪيئن درجي بدرجي



ظاهر ٿئي ٿو. جڏهن ننڍڙو ٻار ماءُ جي جهولي ۾ اکيون کولي ٿو تہ ان وقت ڪيس ماءُ جي رشتي کان سواءِ سندس ٻئي ڪنهن بہ رشتي يا تعلق جي خبر نٿي پويس، ان بعد آهستي آهستي سندس سوچ ۽ فڪر جو دائرو وڌندو وڃي ٿو ۽ سندس ذهن ۾ اهي منزلون اچڻ لڳن ٿيون. جيڪي ڪيس ويجهڙائي کان پري ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. پهرين ڪيس ماءُ ۽ پيءُ جي رشتي کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ رشتي ناطي جو احساس نٿو ٿئي ۽ هن لاءِ ماءُ پيءُ ئي سڄي دنيا هئي. هي سندس انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن وڌڻ جي پهرين منزل هئي. ان کان پوءِ گهر جي چار ديواري وارو ماحول هن لاءِ سڄي ڪائنات ٿي پيو. ٻاراڻي ذهن لاءِ ان کان اڳتي سوچڻ يا ڏسڻ ممڪن بہ نہ آهي. هي ڪٽنب يا ننڍڙي گهر واري منزل هئي يعني "عائلہ" واري منزل هئي. ان کان پوءِ هن جي عمر ۾ واڌ آئي تہ سندس ذهن ۽ فڪر ۾ بہ توسيع ٿي ۽ هو خاندان جي انهن سڀني ماڻهن کي سڃاڻڻ لڳو جيڪي توڙي گهر جي چار ديوار جي اندر رهندا هجن يا ان کان ٻاهر. اها قبيلي جي منزل آهي. ان دوران رهائش جو هنڌ ۽ جايون بہ ويجهڙائي جو احساس پيدا ڪن ٿيون. اهو احساس گهر جي چار ديواري کان شروع ٿيندي محلي، ڳوٺ ۽ شهر تائين وڃي پهچي ٿو. هي اهائي منزل آهي، جنهن جو ذڪر "بلديہ" جي عنوان هيٺ اڳ اچي چڪو آهي. اها بہ انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن ويندڙ رستي جي هڪ منزل آهي.

ذهن ۽ سوچ جي انهيءَ شروعاتي اوسر کان پوءِ اهو وقت بہ اچي ٿو جڏهن انساني ذهن وڌيڪ پختو ٿي وڃي ٿو ايستائين جو هو شهري ۽ تمدني زندگي کي وجود ۾ آڻڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. پر ان وقت بہ انسان جو انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن سفر قانون مطابق طي ٿئي ٿو يعني قريب کان بعيد ڏانهن، ويجهي کان پري ڏانهن. ان سفر ۾ سڀ کان اڳ هو وطن سان پيار ڪرڻ لڳي ٿو. ان کان پوءِ قوم ۽ جنس سان ۽ آخر ۾ سڄي انسان ذات سان. اها منزل انسان جي محبت ۽ تعلق جي آخري منزل ٿئي ٿي.

جيڪڏهن ڪو ٻار تهذيب ۽ تمدن کان صفا اڻڄاڻ آهي، ۽ هن باقاعده اهو علم حاصل نہ ڪيو آهي، تڏهن بہ ڪيس انهن سڀني مرحلن کان ضرور

لنگھڻو پوندو، البت ٿي سگھي ٿو ته هو موجوده ترقي پذير خيالن کان واقف نه هجي. اهو اڻڄاڻ ۽ جاهل ٻار به پهرين پنهنجي گهر سان محبت ڪري ٿو. ان بعد پاڙي ۽ ڳوٺ سان، بعد ۾ شهر صوبي ۽ ملڪ سان آخر ۾ هن جي محبت جو اهو رشتو سڄي انسان ذات سان ڳنڍجي وڃي ٿو.

انسان جي انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن سفر جي حقيقت اوهان جي آڏو اچي چڪي، ان سڄي ڳالهه جو خلاصو ۽ تت آهي ته:

قوميت ۽ وطنيت انسان جي اجتماعي تعلق ۽ رشتي جي هڪ خاص حالت ۽ منزل جو نالو آهي.هي ڪا مستقل حالت يا دائمي منزل نه آهي، جنهن کان پوءِ ٻي ڪابه منزل نه هجي. اهو ته انسان جي اصل منزل جي سفر جو پهريون ڏاڪو آهي. جهڙي طرح دنيا جي هر شيءِ درجي بدرجي ۽ ڏاڪي به ڏاڪي ترقي ڪري ٿي ۽ شروع کان آخر تائين، ابتدا کان انتها تائين، ننڍپڻ کان جواني ۽ جواني کان پوڙهپ تائين پهچي ٿي، ساڳي نموني انسان تعلقات جي هن سفر ۾ به درجي وار منزلون ۽ ڏاڪا طي ڪري ٿو. انسان جي رشتي ۽ تعلق واري سفر ۽ پنڌ جي پهرين منزل “مادر” (ماءُ سان تعلق) آهي ۽ انتهائي ۽ آخري منزل “انسانيت” آهي ۽ اڄ جنهن رشتي ۽ تعلق کي “قوميت” يا “جنسيت” سڏيو وڃي ٿو، اهو رشتو ان ڊگهي تعلق واري سفر جو هڪ ڏاڪو يا وچين ڪڙي آهي.

جيئن ته قوميت ۽ وطنيت ان سفر جي وچين ڪڙي آهي تنهنڪري اها آخري يا تڪميلي منزل نٿي ٿي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو قوميت ۽ وطنيت کي مستقل ۽ دائمي حيثيت نٿي ڏيئي سگهجي، بلڪ اڳوڻي منزل تائين پهچڻ جو هڪ ذريعو آهي انسان جيڪڏهن قوميت ۽ وطنيت کي ئي اصل سمجهي ٿو ته اها سندس جهالت آهي. بلڪل ائين جيئن منڍ واري دور ۾ انسان ماءُ، پيءُ، خاندان ۽ قبيلي واري رشتي کي آخري رشتو سمجهي ويٺو هو، اهو سڀ لاعلمي ۽ جهالت جو نتيجو هو. پر جڏهن انساني ذهن، ترقي ڪئي ته ڪيس پويان سڀ رشتا هيچ نظر آيا ۽ انهن سيني رشتن کي جنسيت ۽ قوميت واري رشتي پنهنجي اندر ضم ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ



هي عظيم رشتو آهي يعني ”جنسيت“ ۽ ”قوميت“ وارو رشتو. پر جيڪي عظمت فطري ۽ بين الاقوامي رشتي ۾ آهي، ان جي مقابلي ۾ جنسيت ۽ قوميت وارو رشتو ڪابه حيثيت نٿو رکي. حقيقي فطري ۽ وڏي ۾ وڏو رشتو ڪهڙو آهي؟اهو انسانيت جو بين الاقوامي رشتو باقي پويان سڀ رشتا هن آخري رشتي تائين پهچڻ جون منزلون آهن. تنهن ڪري هن آخري رشتي قائم ٿيڻ کان پوءِ پويان سڀ رشتا ختم ٿي وڃن ٿا.

ان مسئلي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اهڙا ٻيا مثال به سامهون آندا وڃن. انسان نه رڳو پاڻ کي پر دنيا جي هر شيءِ کي درجي بدرجي ترقي ڪندو ڏسي ٿو ۽ ڪيس شين جي اصل تائين پهچڻ ۾ تمام گهڻو عرصو لڳي ويو. شروع ۾ جڏهن انسان پيدا ٿيو ته هو پنهنجي گهر کي ئي سڄي دنيا سمجهڻ لڳو، حالانڪ دنيا پکڙيل هئي پر ٻار کي ان جي ڪابه خبر ڪانه هئي تنهن ڪري هن سمجهيو پئي ته جيڪي ڪجهه آهي بس اهو گهر ئي آهي. ان کان پوءِ جڏهن سندس ٻين شين ڏانهن ڌيان ويو ته انهن کي سمجهڻ ۾ به ڪيس طويل وقت لڳو. ان بعد جڏهن نظام شمسي بابت هن غور فڪر ڪرڻ شروع ڪيو ته هزارها سالن کان پوءِ وڃي ڪٿي هو هن نظام کي ڪنهن حد تائين سمجهي سگهيو. حالانڪ اهي سڀ شيون سندس پيدائش واري ڏينهن وقت به هيون پر جيئن جيئن سندس ذهن ۽ عقل ترقي ڪندو ويو تيئن ڪيس سيئي ڳالهيون سمجهه ۾ اينديون ٿي ويون ۽ اهو به وڏي عرصي کان پوءِ سمجهي سگهيو ته زمين ته نظام شمسي جو هڪ حصو آهي. انساني ذهن ۽ عقل جي اوسر ۽ واڌ ۾ جيئن وچيون منزلون يا ڏاڪا اچن ٿا تيئن هتي به اهي ساڳيون منزلون اچن ٿيون ۽ سفر جو اهو ساڳيو سلسلو قائم آهي. ڌرتي متعلق انسان جي تحقيق ۽ تجسس جي اها به هڪ وچين منزل هئي ته آبادي زمين جي فقط اڌ حصي تي آهي، زمين جو باقي حصو سمنڊ هيٺ آهي. ڇا اها تحقيق انهي سلسلي جي آخري تحقيق هئي يا انسان پنهنجي اڌوري معلومات جي ڪري ان غلط نتيجي تي پهتو هو؟ جيڪڏهن اها تحقيق جي آخري منزل نه هئي پر ان کان پوءِ به گهڻيون ڳالهيون

انسان جي علم ۾ آيون تہ پوءِ آخر ”قوميت،“ ”وطنيت“ ۽ ”جنسيت“ کي بہ ”انساني“ رشتي تائين پهچڻ جي وچين منزل چو نہ قرار ڏنو وڃي جنهن کان پوءِ انسان انسانيت جي آخري منزل تائين پهچي. ان ڪري اسين پنهنجي سفر کي ڪڏهن بہ انهن وچين منزل تي ختم نٿا ڪري سگهون.

مثال طور منڍ ۾ جڏهن پاڻي وارا جهاز هلڻ لڳا تہ انسان سمنڊ جي هڪ ننڍي حصي کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي ويٺو هو ۽ جنهن کي جتي بہ سمنڊ جو ڪو حصو نظر آيو ان کي اتي الڳ نالو ئي ڏنو ويو . اهڙي طرح ماڻهو انيڪ سمنڊن جا قائل ٿي پيا هئا. پر جڏهن کين معلوم ٿيو تہ سمنڊ هڪ ئي آهي، اهي حصا جن کي جدا جدا سمنڊ سمجهيو ويو آهي، حقيقت ۾ اهو هڪ ئي سمنڊ آهي تڏهن ئي کيس پنهنجي اڻ ڄاڻائي جو احساس ٿيو. ڇا اوهين انسان جي ان تحقيق کي تہ سمنڊ هڪ نہ پر پنجاهہ سٺ آهن ان سلسلي جي آخري تحقيق مڃيندا يا ان کي انسان جي اڌوري تحقيق سمجهندا. ساڳي طرح آخر انساني ذهن جي هن تحقيق کي ڇو نہ ناقص سمجهيو وڃي تہ ”انسانيت“ هڪ اجتماعي رشتي جي بجاءِ ڪيترن ئي رشتن ۾ تقسيم آهي.

جيڪڏهن اڄ ڪو چوي تہ آمريڪا جو وجود ئي ڪونهي يعني انساني آبادي رڳو هڪ حصي تي موجود آهي تہ اوهين ڇا چوندو ؟ اوهين چوندو تہ اها ڳالهہ ڇهہ ست سو سال پراڻي آهي جڏهن اڃا انسان آمريڪا دريافت نہ ڪري سگهيو هو ان ڳالهہ کي اڄ مڃي نٿو سگهجي. اوهين ان شخص جي باري ۾ ڇا هوندا جيڪو چوي ٿو تہ انسان کي پاڻ کي رنگ، نسل، وطن ۽ قوم واري رشتي تائين محدود رکڻ گهرجي ۽ انهن رشتن کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هڪ وقت جڏهن اهو بہ هو جڏهن انسان انهن محدود رشتن ۾ جڪڙيل هو ۽ ان کان مٿي هو سوچي بہ نہ سگهندو هو . يقينا اوهين چوندو تہ رنگ، نسل ۽ وطن جا اهي رشتا اڄ کان سوين هزارين سال اڳ تہ هئا جڏهن انسان اڃا جهالت واري دور ۾ هو ، پر هينئر اهي سڀ انسانيت جي اجتماعيت واري خيال ۽ سوچ متعلق آهي



تصورات، هزارين سالن جا پراڻا تصورات آهن. اڄوڪو دور انهن تصورات کي قبولڻ لاءِ تيار ناهي. جيئن امريڪا بابت اوهان چيو هو تہ امريڪا موجود ڪونهي، اهو ڇهہ سو سال اڳ جو نظريو آهي.

اها ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي ۽ ان کان وڌيڪ انسان جي جهالت جو بيو ڪهڙو منظر ٿي سگهي ٿو تہ هو امريڪا بابت تہ ڇهہ سو سال پٺتي وڃڻ لاءِ بہ تيار نٿو ٿئي پر رنگ، نسل ۽ قوميت بابت هزارين سال پٺتي وڃڻ لاءِ تيار آهي.

### ”اسلام ۽ ذات پات جي عصبيت“

انهيءَ سڄي تفصيل کان پوءِ هاڻي اسين هن سوال تي اچون ٿا تہ اسلام جو قوميت ۽ تعصب بابت موقف ڇا آهي ڇهين صدي عيسوي ۾ جڏهن اسلام آيو تہ دنيا اڃا ”قبيلي“ ۽ ”وطنيت“ واري منزل کان اڳتي نہ وڌي هئي اسلام جي تعليم جو آغاز عرب کان ٿيو ۽ ان وقت عرب مختلف قبيلن ۾ ورهايل هئا ۽ هو نسلي ۽ جنسي تعلق ۽ رشتي کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ رشتي ناطي کي قبولڻ لاءِ تيار نہ هئا. نسلي ۽ قبائلي نظام ڪري انهن اندر هڪٻئي سان وڙهڻ هڪٻئي کي ذليل ۽ رسوا ڪرڻ ملڪيتن تي ناجائز قبضا ڪرڻ ۽ هڪٻئي کي ماري مڃائڻ جا جذبا ايڏا تہ پختا ۽ گهرا ٿي چڪا هئا جو هو ان معاملي ۾ سيني قومن کان اڳرا هئا، يعني تباهي ۽ بربادي آڻيندڙ انهن جذبن ۾ هو آخري حد تائين پهچي چڪا هئا.

انهن قبيلن ۾ ڪوبہ قبيلو پاڻ کي گهٽ سمجهڻ لاءِ تيار نہ هو معمولي معمولي ڳالهين تان هزارها انسانن جي رت سان ڌرتي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي، اهو فقط ان ڪري جو ڪوبہ قبيلو پاڻ کي گهٽ ۽ ڪمزور سمجهڻ لاءِ تيار نہ هو اهي واقعا ايترا تہ عام ۽ مشهور آهن جو هتي انهن کي بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. حماسہ ۾ جيڪڏهن اڄ بہ اهي شعر پڙهون ٿا، جن ۾ قوم پرستي ۽ نسل پرستي جو ذڪر ٿيل آهي تہ دماغ ڦاٽڻ لڳي ٿو . دنيا جي ڪا بہ شاعري انهن جذبن کي اڀارڻ ۾ عرب شاعري سان مقابلو ڪري نٿي سگهي. عربي ٻولي ۾ قبيلي، خاندان، نسل ۽ وطن جي انهي وهارست ۽

هڪٻئي کي گهٽ وڌ سمجهڻ کي "عصبيت" چيو وڃي ٿو . ان تعصب جو منڍ "عربيت" هئي. يعني غير عرب جي مقابلي ۾ عرب وڏي عزت, مان ۽ مرتبي جو مالڪ سمجهيو ويندو هو ۽ انهن عربن ۾ وري قبيلن جي ورڇ ۽ مرتبي ۾ هر قبيلو غرور ۽ تڪبر جي لعنت سان ڀريل هيو .

عربستان کان سواءِ دنيا جو ٻيو آباد حصو بہ قبيلي ۽ وطنيت جي حد بندين کان آجو نہ ٿيو هو . رومي تهذيب, رومي قوميت جو بنياد وڏو هو , پر ان قوميت جو بنياد بہ نسل ۽ وطن تي ئي رکيو ويو هو . سلسلي جو حڪمران جڏهن هڪ رومي کي گرفتار ڪري ڪوڙا مارائي ٿو تہ رومي نوجوان ڪوڙي جي هر ڌڪ سان رڙ ڪري ٿي ٿو تہ مان "رومي" آهيان. مشهور رومي خطيب ........ بادشاهہ جي خلاف تقرير ڪندي چيو هو "هڪ رومي کي ليٽائي ڪوڙا هنيا ٿا وڃن تہ هو ڪوڙي لڳڻ ڪري نہ درد ۽ تڪليف جي شڪايت ڪري ٿو ۽ نہ وري روئي ٿو, فقط اهو جملو ورجائي ٿو تہ مان رومي آهيان. اي قاضيو! هن مظلوم کي يقين هيو تہ مان پاڻ کي رومي چئي سيني تڪليفن ۽ بي عزتين کان بچي سگهان ٿو , چاڪاڻ تہ ٿورا ڏينهن اڳ ئي رومي هجڻ حفاظت, شرافت ۽ عظمت جي ضمانت سمجهي ويندي هئي." هي سيسرو جي قانوني تقريرن ۾ سڀ کان بهترين تقرير تسليم ڪئي وڃي ٿي. هتي سيسرو فقط ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ هو رومي آهي. هن انسان هجڻ جو ذڪر ئي نہ ڪيو آهي. پر اسلام انهن سيني هٿرادو رشتن ۽ لاڳاپن ۽ حدبندين کي ختم ڪري ڇڏيو , جيڪي جهالت ۽ اٽڪاٽائي سڀبان انسان قائم ڪيون هيون. اسلام رنگ, نسل, وطن, زبان وغيره جي ڪنهن بہ غير حقيقي رشتي کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيو . هن انسان کي فقط هڪ ئي حقيقي, فطري ۽ عظيم رشتي جي دعوت ڏني, اهو رشتو "انسانيت" ۽ انساني برادري وارو رشتو هيو .

**يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّا خَلَقْنَاكُم مِّن ذَكَرٍ وَأُنثَىٰ وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا ۚ إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِندَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ خَبِيرٌ . (49_ 13)**



ترجمو: "اي انسانو! اسان اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ پوءِ ائين ڪيو سون جو اوهان کي مختلف شاخن ۽ قبيلن جي شڪل ڏني سون ۽ اوهان ڪيترن ئي ٽولن ۽ ملڪن ۾ ورهائجي ويئو. مگر اهي شاخون ۽ قبيلا رڳو ان لاءِ آهن تہ هڪ گروه ٻئي گروه کي سڃاڻي سگهي باقي رهيو انسان جي عظمت ۽ عزت جو معيار تہ ان جي ڪسوٽي جماعتون ۽ قبيلا نہ آهن پر ان جو مدار انسان جي عملي زندگي آهي. الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ اهو ئي وڌيڪ عزت ۽ احترام جو مستحق آهي جيڪو وڌيڪ متقي ۽ پرهيزگار آهي!"

هن آيت جو تت ۽ روح "لتعارفوا" جي لفظ ۾ سمايل آهي.هن لفظ اها حقيقت کولي ڇڏي تہ انسان ذات ٽوٽي ڪيترن ئي جماعتن يا رنگن ونسلن ۾ تقسيم هجي پر انهن سيني جي اهميت ان کان وڌيڪ ٻي ڪابہ ناهي تہ اهي رڳو هڪٻئي لاءِ تعارف ۽ سڃاڻپ جو ذريعو آهن ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهن.

قدرت زمين تي جيڪي ڪجهہ خلقيو آهي ان موجب اهو ضروري هو تہ روءِ زمين تي پکڙيل انسان ذات مختلف گروهن ۽ ٽولن ۾ ورهائجي وڃي. جڏهن انسان اهڙي نموني ورهائجي ويو تہ هاڻي ضرورت محسوس ٿي تہ ڪونہ ڪو ذريعو يا علامت اهڙي هجي, جنهن جي مدد سان هڪ گروهہ ٻئي گروهہ کي سڃاڻي سگهي. ان لاءِ الله تعاليٰ انسانن کي گروهن ۽ قبيلن ۾ پيدا فرمايو پر اهي سموريون جماعتون, ٽولا ۽ قبيلا فقط هڪٻئي جي تعارف جو ذريعو آهن. هي آفريڪي آهي, عربي آهي, هي آرين آهي, هي سنڌي آهي, پنجابي آهي, بلوچ آهي, پٺاڻ اهي مطلب تہ انهيءَ سان هر قبيلي قوم ۽ ٽولي جي سڃاڻپ ۽ تعارف ٿئي ٿو . ان ۾ فخر يا امتياز جي ڳالهہ ناهي. حقيقي عزت عظمت ۽ وقار جو بنياد هڪ ئي شي آهي اهو آهي انسان جو پنهنجو عمل جنهن جي نتيجي ۾ هو ٻرو يا ڀلو ٿئي ٿو .

هتي اچي سڄي انسان ذات هڪ جاءِ ۽ هڪ سطح تي بيهجي وڃي ٿي انسان ذات جي نقط نگاهہ کان هڪڙي کي ٻئي کان وڌيڪ ڪابہ عزت يا

احترام حاصل نہ آهي ان معاملي ۾ سڀ برابر ۽ هڪ جهڙا آهن. عزت ۽ مان جو مستحق فقط اهو آهي جيڪو پنهنجي عمل ذريعي پاڻ کي بهتر ۽ نيڪ انسان ثابت ڪري، خدا جو راضپو حاصل ڪري ٿو.

جو خود بهر کر اٹهالي مينا اسي کا هي!

الله تعاليٰ انسانيت جي وحدت واري رشتي ڏانهن هنن لفظن ۾ اشارو ڪيو آهي. سڄي انسان ذات هڪڙو ئي ڪٽنب، هڪ ئي نسل ۽ هڪ ئي خاندان آهي. جڏهن ۽ انسان ذات جي نسل ۾ ڪو فرق ناهي (سڀني جو جد اعليٰ هڪڙو آهي) ۽ نہ وطن ۾ (ڇاڪاڻ تہ سڄي ڌرتي هر انسان جو وطن آهي) تہ پوءِ آخر انسانن جو هڪ گروهہ ٻئي گروهہ کان نفرت ڇو ڪري ۽ هڪ ٻئي ۾ ويڇا ڇو پيدا ٿين.

ان بابت اسلام جا اصول ايڏا تہ واضح ۽ پڌرا آهن جو هتي انهن کي دهرائڻ جي ضرورت ناهي. اهڙن سڀني قرآني حڪمن جو مطلب ۽ مقصد رڳو اهو ٻڌائڻ آهي تہ انسانيت جي اصل بنياد اجتماعي وحدت آهي هي تفرقي بازي ۽ گروهہ بنديون الاهي احڪامات کان دوري جو نتيجو آهي.

وَمَا كَانَ النَّاسُ اِلَّآ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ۭ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيْمَا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ

قرآن کان پوءِ حضور صہ جن عصبيت ۽ قوميت بابت جيڪي ڪجهہ فرمايو آهي اهو بہ تمام گهڻو آهي. پاڻ سڳورن صہ نسل ۽ رنگ جي تڪبر ۽ غرور کي جاهلانہ عصبيت ڪوٺيو ۽ فرمايائون:

يعني اهو اسان منجهان ناهي جنهن جو موت نسل ۽ قوم جي غرور ۽ گهمنڊ تي ٿئي ۽ اهو بہ اسان مان نہ آهي جيڪو تعصب جي دعوت ڏي نہ اهو اسان مان آهي جيڪو قومي نسلي تعصب جي ڪري ٻي قوم سان وڙهي. پاڻ سڳورن حجتہ الوداع جي موقعي تي جيڪو سندن صہ جن جي زندگي جو آخري حج هيو فرمايائون:

”اڄ نسل ۽ قوميت جا سڀئي ويڇا مٽجي ويا، هاڻي نہ ڪنهن عرب کي عرب هجڻ جي ڪري ڪنهن عجمي تي ڪا فضيلت يا رتبو حاصل آهي ۽



نہ وري ڪنهن عجمي (غير عرب) کي ڪنهن عرب تي ڪا فضيلت حاصل آهي. مان ۽ مرتبي جو بنياد انسان جا پنهنجا اعمال آهن سڀئي انسان حضرت آدم عليه السلام جو اولاد آهن تنهن ڪري سڀئي هڪڙي ئي مرتبي جا مالڪ آهن.“

اسلام ۾ انساني برادري ۽ ڀائپي کي ڪيتري اهميت ڏئي ٿو تنهن جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ سڳورن کان پنجن وقتن جي نمازن لاءِ جيڪي دعائون ثابت آهن تن ۾ هڪ هي آهي:

”اي مولا، منهنجا ۽ سڄي دنيا جا پالڻهار مان گواهہ آهيان تہ تون ئي سڄي دنيا کي پيدا ڪندڙ آهين. تو کان سواءِ ٻيو ڪوبہ پالڻهار ناهي. اي مولا منهنجا ۽ سڄي دنيا جا پالڻهار مان گواهي ٿو ڏيان تہ محمد ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي تہ تنهنجو ٻانهو ۽ رسول آهي. اي مولا! منهنجا ۽ سڄي دنيا جا پالڻهار مان گواهہ آهيان تہ تنهنجا سمورا ٻانها پاڻ ۾ ڀائر آهن. توڙي اهي بظاهر هڪ ٻئي کان مختلف ڇو نہ هجن پر تو انهن سڀني کي انسانيت واري رشتي ۾ ڳنڍي ڇڏيو آهي!!“

هن دعا تي غور ڪريو ، دعا ۾ هڪٻئي پٺيان لڳاتار ٽي شاهديون ڏنيون ويون آهن. پهرين شهادت الله تعاليٰ جي توحيد ۽ ربوبيت جي باري ۾ آهي، ٻي شهادت رسول جي رسالت، بندگي ۽ ٻانهپ جي باري ۾ آهي. اهي ٻيئي شهادتون اسلامي عقيدن جو بنياد آهن. انهن ٻنهي عظيم عقيدن جي شهادت سان گڏوگڏ جيڪا ٽين شهادت ڏني پيئي وڃي، يقينا اها بہ ايڏي ئي اهم هوندي اها شهادت آهي: ان العباد کلهم اخوت اي مولا! جيتوڻيڪ انسان پنهنجي مرضي سان پاڻ کي مختلف جماعتن، ٽولن ۽ برادرين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي پر مان گواهي ڏيان ٿو تہ جيئن تنهنجي وحدانيت ۽ تنهنجي رسول جي رسالت برحق آهي بلڪل ساڳي طرح هي سمورا انسان انسانيت واري رشتي ۾ منسلڪ هجڻ ڪري پاڻ ۾ ڀائر آهن. انسان، جهالت سببان ان مقدس ۽ عظيم رشتي کي ئي فراموش ڇو نہ ڪري ڇڏيو هجي پر بهرحال هي رشتو پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ اٽل آهي. پاڻ سڳورن توحيد ۽

رسالت کان پوءِ جنهن حقيقت کي واضح ڪرڻ تي چاهيو اهو انسان جي انساني برادري وارو تعلق آهي.

قرآن پاڪ يا اسلامي اصطلاح ۾ جڏهن "شهادت" جي لفظ سان ڪنهن عقيدي جو اظهار ڪيو ويندو آهي ته اهو هڪ خاص مقام حاصل ڪري وٺندو آهي هتي ان بابت وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ جو موقعو ناهي. ائين ڪٿي سمجهو ته شهادت جي معنيٰ ڪنهن ڳالهه جي گواهي ڏيڻ يا تصديق ڪرڻ آهي. شهادت ان وقت ڏني ويندي آهي جڏهن هينيون به ڳالهيون موجود هجن. هڪ هي ته جنهن ڳالهه بابت شهادت ڏني وڃي تنهن تي گواهه کي ايترو يقين هجي جيترو اکين ڏٺل ڳالهه تي هوندو آهي. ٻيو اهو ته جنهن حقيقت متعلق گواهي ڏني وڃي اها ايترو غائب ٿي وئي هجي جو دنيا ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه هجي، تنهن ڪري ان حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ ضروري ٿي پوي ته ان حقيقت تي شهادت ۽ گواهي ڏني وڃي ته دنيا ان کي مڃڻ لاءِ تيار ٿي پوي. جيڪڏهن حالت ان کان مختلف هجي ته پوءِ شهادت جو لفظ استعمال ڪرڻ ٺيڪ ناهي اهڙي حالت لاءِ شهادت کان وڌيڪ ٻيا ڪيترائي لفظ ملي سگهن ٿا جن سان مقصد بيان ڪري سگهجي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو اسلام جن جاين تي به شهادت جو لفظ استعمال ڪيو آهي اهي سڀ اهم عقيدن ۽ ايمان سان تعلق رکندڙ شيون آهن جن کي انسان پنهنجي جهالت ۽ گمراهي سببان مڃڻ لاءِ تيار نه هو تنهن ڪري ضروري ٿي پيو ته انهن ڳالهين متعلق ڀيهر شهادت ڏني وڃي ته جيئن انسان جو يقين پختو ۽ عقيدو صاف ٿئي ۽ انهن حقيقتن کي غلط يا باطل سمجهڻ جي روش ڇڏي ڏني وڃي. وري شهادت ۽ گواهي جون ڪيئي قسمون آهن جن جي تشريح ۽ وضاحت جي هيءَ جاءِ ناهي.

هن دعا ۾ جيئن توحيد ۽ رسالت لاءِ "شهادت" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. بالڪل ساڳي نموني انساني برادري ۽ ڀائپي واري حقيقت تي به شهادت ڏني وئي آهي. جنهن مان ٻه ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. پهرين هي ته اسلام انساني برادري ۽ ڀائپي قائم ڪرڻ کي ڪيڏو اهم ۽ وڏو مسئلو



سمجهي ٿو جو ان لاءِ "شهادت" جو لفظ استعمال ڪيو ويو جيڪو فقط ايمان ۽ عقيدي جي بنيادي ڳالهين جي اقرار لاءِ ادا ڪيو ويندو آهي.

ٻيو هي ته انسان ذات کي هڪ برادري تصور ڪرڻ بحيثيت انسان جي اها نهايت اهم حقيقت هئي جنهن جو اسلام وڏ ۾ وڏ يقين پيدا ڪرڻ پئي چاهيو ايترو يقين جيترو گواهي ڏيڻ وقت گواه ڪنهن ڳالهه بابت رکندو آهي.

ٽيون هي ته اها حقيقت هئي جنهن کي ان وقت سڄي دنيا غلط ۽ ڪوڙ سمجهي ويٺي هئي جيئن ته ان حقيقت کي ڪوڙو سمجهيو ٿي ويو تنهن ڪري ضرورت هئي ته ان تي گواهي ڏيئي، ان جي صداقت تي مهر هڻئي وڃي جيڪا هميشه هميشه لاءِ قائم رهي.

انسان ذات جي بين الاقواميت جي رستي ۾ سڀ کان وڏو روڪ ۽ بنجو چار شيون هيون ۽ اڄ به آهن نسل، وطن، رنگ، زبان. انهن ئي شين انسان کي ٽولن ۽ گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ انسانيت جو عظيم رشتو ننڍين ننڍين لاڳاپن ۾ منقسم ٿي ويو آهي. اسلام نه فقط انهن لاڳاپن کي مڃڻ لاءِ انڪاري آهي پر انهن لاڳاپن جي مخالفت ۾ هن اهڙا ته واضح اصول پڻ ڏنا آهن جو ڪنهن به شڪ جي ضرورت باقي نه ٿي رهي. نسل متعلق اعلان ڪيو ويو ته سڄي انسان ذات هڪ ئي نسل مان آهي. وطن متعلق فرمايو ويو ته عربي ۽ عجمي سڀ هڪ ئي خدا جي زمين جا رهواسي آهن. زبان ۽ رنگ متعلق اعلان ڪيو ويو ته اهي سڀ شيون الله تعاليٰ جي حڪمت ۽ قدرت جون نشانيون آهن. هڪ آب هوا جي اثر ڪري هڪڙو رنگ پيدا ٿئي ٿو ته ٻيءَ آب هوا جي اثر ڪري ٻيو رنگ پيدا ٿئي ٿو . پنهنجو مطلب ۽ مقصد بيان ڪرڻ لاءِ ڪٿي هڪڙي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي ته ڪٿي وري ٻي ٻولي پر انهن شين کي انسان ذات جي وچ ۾ ويڇي پيدا ڪرڻ جو ذريعو نه بنائڻ گهرجي. بلڪ اسلام جيڪو نظام عمل ڏنو آهي، تنهن سان گڏوگڏ رنگ، نسل، زبان ۽ وطن جا فرق ۽ ويڇا ڪڏهن به ۽ ڪنهن به صورت ۾ هلي نٿا سگهن. روزانه ادا ٿيندڙ عبادتن ۾ اهڙا اصول ۽ ضابطا رکيا ويا آهن جو ان

جي ذريعي هيمشه انساني وحدت ڀائپي ۽ مساوات جو عملي نمونو پيش ٿيندو رهي ٿو ۽ رهندو ايندو. نماز، روزو، حج، زڪوات وغيره ۾ اهو ئي راز سمايل آهي. انهن ۾ برادري ۽ ڀائپي جو هڪ عظيم مقصد رکيل آهي.

اسلام کي پنهنجي هن دعوت يعني انساني برادري واري رشتي کي عام ڪرڻ ۾ ڪيتري ڪاميابي حاصل ٿي ۽ انسانن جي وچ ۾ قائم ٿيل هٿراڌو گروه بنديون ڪيستائين ختم ٿيون؟ اهو تفصيل اڳتي ايندو . پر تاريخ جي هن فيصلي تي ڪنهن کي بہ اعتراض ناهي تہ:

(1) عربن ۾ قبيلي، نسل ۽ وطن جي بنياد تي پيدا ٿيل غرور، تڪبر ۽ تعصب کي ايڏو سخت ڪاپاري ڌڪ لڳو جو اهو شيطان وري ڪنڌ مٿي ڪڍي نہ سگهيو.

(2) جڏهن اسلامي دعوت عرب کان ٻاهر پهتي تہ رنگ، نسل، زبان ۽ وطن جي تعصب کان پاڪ انساني ڀائپي وارو اهو رشتو بہ ان سان گڏ پهتو. اٺين صدي عيسوي ۾ جڏهن يورپ اڃا اجتماعي زندگي جي حادثي ۽ نسلي قوميت جي مرحلي ۾ هو تہ ان وقت اسلام اسپين ۽ فرانس ۾ انسانيت جو عالمگير ۽ بين الاقوامي سبق ڏيئي رهيو هو .

(3) اسلام هڪ اهڙو بين الاقومي معاشرتي ۽ سماجي نظام قائم ڪيو جنهن ۾ وطن، رنگ، نسل ۽ زبان جي تعصبت جي ڪا گنجائش ڪونہ هئي ۽ جنهن جي بنياد فقط انساني وحدت ۽ اخوت جي عالمگير رستي تي رکي وئي.

(4) تاريڪ دور کان پوءِ يورپ ۾ بيداري جو هڪڙو دور شروع ٿيو. جنهن ۾ قوميت جو ايڏو پرچار ٿيو جو سڄي دنيا ان نشي ۾ مبتلا ٿي وئي. هن وقت بہ انسانيت جي عظيم رشتي جي راه ۾ قوميت جو جذبو هڪ وڏي رڪاوٽ ٿي پيو آهي. پر اسلام اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ انهي رڪاوٽ کي دور ڪري اڳتي نڪري آيو .

(5) هتي جيڪڏهن ڪو اهو اعتراض ڪري تہ اسلام جي دعوت سان بہ تہ انسانيت هڪ بين الاقوامي دائري جي صورت نہ وٺي سگهي ۽ ان جي



جاءِ تي "اسلاميت" جو هڪ نئون حلقو ۽ دائرو پيدا ٿي پيو؟ يقينا اهو اعتراض وڏو وزن رکي ٿو پر ان سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون پيش نظر رکڻ گهرجن.

اول اهو تہ ان ۾ قصور اسلام جو نہ پر زماني جو آهي، جنهن جي تشريح اڳتي ايندي. دنيا کي عملا انسانيت جي رشتي تائين پهچڻ ۾ تمام ڏگهو عرصو گهربل هو. ٻيو اهو نہ جيتوڻيڪ "اسلاميت" جو هڪ نئون دائرو پيدا ٿي پيو پر ان دائري جي نوعيت ڪهڙي هئي اهو دائرو ايڏو وسيع ۽ ويڪرو هيو جو وقت جي سڀني اجتماعي دائرن تي حاوي ٿي ويو بيشڪ اسلام جي ڪري انسانن جي وچ ۾ هڪ حد بندي قائم آهي، پر اها ڪهڙي حدبندي هئي؟ ايڏي ڪليل، ويڪري ۽ وسيع، جنهن ۾ دنيا جون سڀني حد بنديون سمائجي ويون ۽ ڪابہ خانداني، نسلي، لساني ۽ وطني قوميت اسلام جي دائري ۾ شامل ٿيڻ کان الڳ رهي نہ سگهي. ان سلسلي ۾ بهرحال ايترو نہ مڃڻو پوندو تہ اسلام هڪ اهڙو اجتماعي لاڳاپو قائم ڪيو جيڪو دنيا جي اڳ قائم ٿيل سڀني رشتن کان مٿاهون آهي.

اسلام، انسان کي پوين سڀني رشتن ۽ منزلن کان اڳتي ٽپائي اهڙي مقام تي ڪڍي بيهاريو جتان "انسانيت" جي آخري منزل بلڪل سامهو ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هو دنيا جا قدم ايترا اڳتي وڌائي ٿو جتان آخري منزل ۾ فقط هڪ وک جي ڪسر رهجي وڃي ٿي. جڏهن تہ دنيا جي ٻين قومن کي ان منزل تائين پهچڻ ۾ خبر ناهي اڃا ڪيتريون منزلون پار ڪرڻيون پونديون.

هن ڏس ۾ يعني انهن اجتماعي رشتن تي جيڪڏهن ٻيهر نظر وڌي وڃي تہ هڪ نئين منزل جو اضافو نظر ايندو جيڪا پرين سڀني منزلن کان مٿڀري پر انسانيت واري منزل کان ڪجھ هيٺ آهي.

1. مادر
2. پدر
3. خاندان
4. قبيلو

5. بلديه
6. وطن
7. قوميت
8. جاگرافياٽي ورڇ
9. اسلاميت
10. انسانيت.

"اسلاميت" واري منزل انسانيت جي بلڪل لڳو لڳ آهي. جيڪڏهن دنيا گهري تہ فقط هڪ قدم اڳتي وڌائي پنهنجي اصلي ۽ حقيقي منزل تي پهچي سگهي ٿي. اهو اسلام جو انسان ذات تي وڏي ۾ وڏو احسان آهي.

**نسلي ۽ وطني قوميت جو تعصب:**

اسلام جي دعوت "انسان ذات" ۽ انساني برادري لاءِ هئي تنهن ڪري ان جو لاڙو انهن سڀني تعصبن ۽ ڪينن خلاف هيو جيڪي نسل، وطن ۽ زبان وغيره جي فرق ڪري پيدا ٿي پيا هئا. انڪري ضروري آهي تہ نسل ۽ وطن جي بنياد تي پيدا ٿيندڙ تعصب جي بہ تشريح ڪجي تہ جيئن معلوم ٿئي تہ ان معاملي ۾ اسلام جنهن شيءِ جي خلاف آهي اها ڇا آهي؟

ٻہ شيون جدا جدا آهن هڪ تہ نسل ۽ وطن جي تحفظ جو جذبو آهي ٻيو نسل ۽ وطن جو تعصب آهي. اسلام اصل ۾ تحفظ جو حامي آهي جڏهن تہ هو تعصب جي خلاف آهي. پر هتي مشڪل اها آهي تہ اهو ئي جذبو جيڪو شروع ۾ نسل ۽ وطن جي تحفظ لاءِ پيدا ٿئي ٿو اڳتي هلي نسل ۽ وطن جي تعصب ۾ بدلجي وڃي ٿو. شروع ۾ ڪنهن بہ انساني گروهہ ۾ نسل ۽ وطن جو جذبو ان لاءِ اڀري ٿو ۽ ڪين گڏ ٿيڻ تي مجبور ڪري ٿو تہ جيئن هو ٻاهرين حملي ڪندڙن جو مقابلو ڪري سگهن هن قوميت کي "دفاعي قوميت" سڏيو وڃي ٿو پر جڏهن ڪجهہ عرصي تائين دفاعي قوميت وارو جذبو قائم ۽ موجود هئڻ لڳي ٿو تہ ان بعد ان ۾ قومي حفاظت جي بجاءِ قومي برتري ۽ وڏائي جو احساس پيدا ٿي پوي ٿو. ان وقت "دفاعي قوميت" گروهي قوميت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. اتي پهچي قوميت رڳو پنهنجو تحفظ ئي نٿي



چاهي، پر اڳتي وڌي ٻين تي حملو ڪرڻ شروع ڪري ڏي ٿي. ان سان گڏوگڏ منجهس ٻين کان مرتبي ۾ مٿاهون هجڻ وارو جذبو بہ پيدا ٿيڻ لڳي ٿو . جنهن جي ڪري ٻين جي تحقير ۽ تذليل ٿيندي رهي ٿي. نتيجتا مختلف انساني گروهہ پاڻ ۾ ٽڪرائجڻ لڳن ٿا ۽ انسانيت جا اعليٰ جذبات قوميت جي نذر ٿي وڃن ٿا.

ان جو علاج هڪ ئي آهي، اهو هي تہ قوميت جي انهن سڀني ننڍين حدبندين کي ختم ڪيو وڃي. جڏهن بہ ڪا ننڍڙي حد مقرر ڪئي ويندي ۽ قوميت جو بت کڙو ڪيو ويندو تہ انسانيت جي وسيع برادري واري رشتي سان ان جو ضرور ٽڪراءُ ٿيندو. جنهن ڪري انسانيت ۾ زبردست خلل واقع ٿيندو ۽ انسانيت وسيع النظري، فراغ دلي جي بجاءِ ننڍن ننڍن حصن ۾ تقسيم ٿي ويندي، اهو ئي سبب آهي جو اسلام انهن سڀني ننڍين حد بندين (لساني نسلي ۽ جگرافيائي قوميتن) جي تائيد يا حمايت ڪرڻ کان انڪاري آهي. پر افسوس آهي جو دنيا ان معاملي ۾ اجا ايترو اڳتي نہ وڌي سگهي آهي جو هوءَ اسلام جي هن عظيم الشان تعليم ۽ وسيع النظري جو ساٿ ڏئي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو اسلام جو هڪ اهڙو وسيع دائرو تہ بنجي ويو جنهن پوين سڀني دائرن ۽ حد بندين کي پنهنجي اندر سموئي ڇڏيو پر انساني ذهن جي پسماندگي سبب اسلام انسان ذات جي اندر حد بندين جو خاتمو نہ ڪري سگهيو. وطن ۽ نسل جي بنياد تي پيدا ٿيندڙ تعصب تي جيڪڏهن ڳوڙهو غور ڪيو وڃي تہ ٽي شيون ظاهر ٿينديون جيڪي هي آهن:

1. **اجتماعي تنگ نظري:**

جماعتي يا اجتماعي تنگ نظري مان مراد هي آهي تہ جڏهن انسانن جو ڪو گروهہ ٻين کان جدا ٿي پاڻ کي هڪ محدود دائري اندر قيد ڪري ڇڏي ٿو تہ اهو سوچ ۽ فڪر جي نقطہ نگاہ کان محدود ۽ مرده ٿي وڃي ٿو . هنجي اندران بلند خيالي، وسعت النظري ۽ اجتماعي سوچ نڪريو وڃي. هو انسانيت ۽ انساني همدردي کان بلڪل نا آشنا ٿيو وڃي. هو انسان هوندي بہ

انسان ذات کان ڌار ٿي وڃي ٿو هن ۾ ۽ انسانيت جي عظيم رشتي جي وچ ۾ هڪ وڏي ديوار ڪڙي ٿي وڃي ٿي.

اجتماعي احساس جي ان حالت جو اندازو سڀ کان وڌيڪ هندستان جي چئن ذاتن واري نظام مان لڳائي سگهجي ٿو. ذات پات جو هي نظام ان دور جي يادگار آهي جڏهن انسان "قبائلي" نظام ۾ قائل هو. قبيلي جي حد بندين کي منو ذات پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ انهن گروهي حد بندين کي قائم رکڻ لاءِ انهن جا الڳ الڳ ڪم ۽ نالا مقرر ڪري ڇڏيا. نتيجتا اجتماعي سوچ وارا سمورا جذبا آهستي آهستي فنا ٿيندا ويا ۽ حدبندين واري ننڍي ۽ خطرناڪ ذهنيت پنهنجي انتها کي پهچي ويئي. هن وقت دنيا منو جي دور کان هزارين سال اڳتي وڌي چڪي آهي مگر هندستان اڃا تائين انهن حد بندين کي توڙي انسانيت ڏانهن وڌڻ لاءِ تيار ناهي.

2. **نسلي ۽ وطني فخر:**

ٻي شيءِ اها آهي جنهن کي جماعتي وڏائي ۽ تڪبر سڏيو وڃي ٿو. جڏهن به ڪٿي وطنيت ۽ قوميت جا جذبا اڀرن ٿا ته اتي آهستي آهستي فخر ۽ وڏائي ۽ غرور به پاڻمرادو اچڻ شروع ٿئي ٿو. پنهنجي قوم سان محبت ڪرڻ يا ان کي سٺو سمجهڻ ڪا ايڏي قابل اعتراض ڳالهه ناهي پر جڏهن قوميت ۽ وطنيت وارا هڪ حد کان اڳتي نڪري وڃن ته پوءِ سڄي قوم تي قوميت ۽ وطنيت جو جن سوار ٿي وڃي ٿو اهو قومي نشو قوم جي هر فرد کي پاگل ڪري ڇڏي پوءِ هو چاهڻ لڳي ٿو ته دنيا جون سموريون قومون سندس پيرن هيٺان هجن ۽ هو سڄي دنيا کي پنهنجي قدمن هيٺان لتاڙيندو وتي.

رومين سڄي دنيا کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو "حاڪم" ۽ "محڪوم" يعني هو فقط پاڻ کي "حاڪم" ۽ ٻي سڄي دنيا کي "محڪوم" تصور ڪندا هئا. نيپولين جي هڪ ٻئي پٺيان لڙاين سر زمين فرانس کي پنهنجن جوڌن جوانن کان محروم ڪري ڇڏيو. سندس جنگي جنون جي ڪري سڄو يورپ دشمن ٿي پيو. ان جي باوجود هو جڏهن عوام جي سامهون ايندو هو ۽ هي نعرو هڻندو هو ته "فرانس جي عظمت, فرانس جو جهنڊو, فرانس جي جهنڊي جا ٽي رنگ" ته ان نعري سان اهل فرانس پنهنجن سمورين بربادين کي وساري ڇڏيندو هو.



**نيستي ۽ برن هارڊي:**

جرمني کي "حاڪم قوميت" ۽ "محڪوم" دنيا جيڪو نشو پيياريو هو انجو نتيجو به دنيا ڏسي چڪي آهي. "دنيا جي سڀ کان وڏي قوم جرمن کي هئڻ گهرجي يا برطانيا کي؟" انهي هڪڙي سوال سڄي زمين کي ڪوس خاني ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ سڄي ڌرتي انساني رت سان ريتو ٿي ويئي. "قوميت" وارو تصور جيڪو شروع ۾ ان لاءِ پيدا ٿيو ته جيئن قوم پنهنجي حفاظت ڪري سگهي هاڻي انجي انتها هي آهي ته قوميتن جي ويڙهه دنيا کان امن ۽ سڪون کي ڇڏي آهي.

اسلام جنهن عصبيت جي مخالفت ڪئي هئي ۽ انکي جاهلانه عصبيت سڏيو هو اها اها ئي عصبيت آهي. ان مان ظاهر ٿيو ته اسلام انهيءَ قوميت جو مخالف آهي جيڪا پنهنجي دفاع ۽ تحفظ جي بجاءِ تعصب ۽ دشمني جي جذبات تي ٻڌل هجي. پر جيئن ته وسيع انساني رشتي جي بجاءِ ننڍا ننڍا رشتا ۽ حد بنديون قائم آهن ۽ انهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن انتها پسندي ۽ سرڪشي پيدا ٿي پوي ٿي جيڪا انسان ذات لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي تنهن ڪري اسلامي تعليم ۽ دعوت جو لاڙو انهي پاسي رهيو ته قوميت جا تنگ ۽ محدود دائرا يعني قوميت جا جذبا پيدا ٿي نه ٿين تا ته انسان ذات انهن جي نقصانن کان محفوظ رهي سگهي.

**يورپ جي جديد قوميت:**

"قوميت" جيتوڻيڪ پنهنجي اصلي ۽ سادي شڪل ۾ ذهن جنهن طرف وڃي ٿو اهو دراصل قوميت جو يورپ وارو تصور آهي جيڪو جديد دور جي پيداوار آهي. ان تصور جي شروعات انسان ذات جي آزادي ۽ انساني حقن جي حفاظت جي جذبي سان ٿي هئي پر هينئر انساني آزادي ۽ حقن لاءِ سڀ کان وڌيڪ خطرو جيڪڏهن ڪنهن شي ۾ آهي ته اهو قوميت جو اهو تصور ئي آهي.

**دفائي قوميت جي شروعات:**

ڪجهہ عرصو اڳ جڏهن يورپ ترقي جي شاهراه تي قدم رکيو تہ ان ترقي سان گڏوگڏ اتي هڪ نئين قسم جي اجتماعي زندگي بہ موجود ۾ اچڻ لڳي. هي اهو وقت هيو جڏهن هڪ طرف علم، هنر ۽ آزادي جو ولولو پيدا ٿي رهيو هو تہ ٻئي طرف شخصي حڪومتن جو ڏاڍ ۽ ظلم وستم پنهنجي پراڻي شاهانہ انداز سان قائم هو . نتيجتا چڪتاڻ پيدا ٿي. هڪ پاسي شهنشاهيت ۽ ان جو بي انتها ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ هو تہ ٻئي پاسي علم ۽ آزادي جا پيدا ڪيل نوان نوان اصول ۽ مطالبا هئا. جڏهن شهنشاهيت کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ عوام اٿيو تہ پاڻ مرادو هڪ طاقتور ۽ اثرائتو لفظ وجود ۾ اچي ويو . اهو لفظ اڳ ۾ بہ موجود هيو ۽ انجي عجيب وغريب ۽ مدهوش ڪن معنيٰ جنهن کان شروع ۾ تہ ڪو واقف نہ هو پر هاڻي ان جي معنيٰ کان هر ڪو واقف آهي. اهو قوم جو لفظ هر ۽ اهڙي طرح يورپ ۾ جديد "قوميت" جو آغاز ٿيو . شهنشاهيت جي دعويٰ مطابق "حق ۽ طاقت آئون آهيان" پر عوام هينئر ان دعويٰ کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. اتي هڪ سوال اهو پيدا ٿيو تہ جيڪڏهن شاهي نسل تاج وتخت جو وارث ناهي تہ پوءِ ان جو جائز حقدار ڪير ٿي سگهي ٿو ۽ شهنشاهيت جو تاج ڪنهن جي حوالي ڪيو وڃي؟ انجو جواب اهو سامهون آيو تہ اها قوت "قوم" آهي. فقط قوم ئي طاقت جو سرچشمو آهي تنهنڪري قوم کي ئي اهو حق حاصل آهي تہ اها حڪومت ڪري.

**رعيت ۽ قوم:**

هن کان اڳ عوام جو خيال هو تہ طاقت ۽ قوت جو مرڪز شاهي تاج ۽ تخت آهي، هينئر طاقت جو هڪ نئون مرڪز پيدا ٿي پيو جيڪو جيتوڻيڪ اڳ بہ هيو پر عوام ۾ ان جو شعور ڪونہ هو. انهيءَ نئين احساس ۽ شعور هڪ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو يعني "رعيت" نہ پر "قوم" ٿي پيئي. جيستائين عوام رعيت هئي، سڄي قوت ۽ طاقت شهنشاهيت جي هٿ ۾ هئي. هاڻي عوام "رعيت" بدران "قوم" ٿي پيئي تہ سموري طاقت سندس هٿ



۾ اچي وئي. ان ٿوريءَ تبديليءَ سڄي دنيا جي اجتماعي زندگي جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو.

ڪارلائل (Carlyle) جي لفظن ۾ "رعيت جو قوم ٿي وڃڻ گويا دنيا جو زير و زبر ٿيڻ هو ۽ انقلاب جو ڪارڻ پڻ. ڪنهن بہ زبان جا لفظ هن انقلاب جي تصوير چٽڻ کان عاجز آهن. جيڪو هن لفظن جي ڦير گهير سان پوري دنيا ۾ برپا ٿيو.

دنيا ۾ فقط انسان ئي پيدا نٿو ٿئي پر لفظ بہ پيدا ٿيندا رهن ٿا جيئن ڪنهن عظيم انسان جي پيدائش سان دنيا ۾ انقلاب اچي ويندو آهي تيئن عظيم لفظن جي وجود ۾ اچڻ سان بہ دنيا هيٺ مٿي ٿي پوندي آهي. انهي حساب سان لفظ "قوم" جو پيدا ٿيڻ بہ تاريخ جو هڪ وڏو انقلاب هو. پر جيڪڏهن ڪارلائل کي وڪون اڳتي وڌي ها تہ کيس معلوم ٿئي ها تہ دنيا جو عظيم انقلاب لفظ "قوم " جي ايجاد ٿيڻ ڪري وجود ۾ نہ آيو، پر اهو انقلاب انسان ذات جي وجود ۾ لڪل آهي. اهو ڪير آهي جيڪو ان انقلاب جي عظمت ۽ وسعت جو نقشي چٽي سگهي.

جن فرانسيسي انقلاب جو بنياد وڌو تن والٽيئر Valtaire ۽ روسو (Rousseao) سڀ کان اڳرا آهن. روسو جو ڪتاب (Soial Contrail) "عقد اجتماعي" جديد جمهوري دور جو عظيم ڪتاب مڃيو وڃي ٿو . جڏهن اهو ڪتاب لکيو ويو تہ ماڻهو ان کي پڙهي کلندا هئا. پر جڏهن هن ڪتاب جو ٻيو جلد شايع ٿيو تہ ڪارلائل جي تاريخي لفظن موجب ان جي جلد ٻڌڻ لاءِ انهن ماڻهن جي جسم جون کلون استعمال ڪيون ويون جيڪي اهو ڪتاب پڙهي کلندا هئا."

روسو، انساني آزادي ۽ حقن جو نقشو چٽيندي قوم ۽ قوميت جو خاڪو بہ پيش ڪيو آهي. هو انسان جي انفرادي آزادي سان گڏوگڏ قومي رشتي ۽ لاڳاپي جو بہ تصور پيش ڪري ٿو ۽ ان رشتي کي هو سماجي ٺاهہ جو نالو ڏئي ٿو . هو چوي ٿو تہ سماج جو هر فرد آزاد آهي ۽ سماج ۾ رهندڙ سڀني انسانن جا حق برابر ۽ هڪجهڙا آهن. پر سماج جي انتظام لاءِ هڪ

خاص حلقو ضروري آهي. اهو قومي نظام جو حلقو آهي. قوم ۾ قوميت ئي اهڙو واحد سرشتو اهو جنهن تي سموري انتظامي ڍانچي جو بنياد رکڻ گهرجي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته روسو جنهن آزاد سماج ۾ آزاد دنيا جو تصور ڏنو هو . دنيا عملا ته اهو نه ڏسي سگهي. پر سندس "قوميت" ۽ "جمهوريت" وارن اصولن کي دنيا بنا دير جي قبول ڪري ورتو ۽ ان کان پوءِ فرانس جو اهو خوني انقلاب آيو جنهن ۾ سمورا پراڻا شاهي ۽ شخصي ضابطا لڙهي ويا. دنيا گذريل ٻين صدين کان "قوميت" جي ساڳين بنيادي اصولن تي عمل ڪري رهي آهي.

**جديد "قوميت" جا اصول**

جديد قوميت جن اصولن ماتحت وجود ۾ آئي آهي سي هي آهن:

1. انسانن جو گروه جيڪو زمين جي ڪنهن مخصوص ٽڪري تي رنگ، نسل، وطن، زبان يا رهڻي ڪهڻي جي وحدت (هڪجهڙائي) ڪري آباد هجي. انسانن جو اهو گروه جڏهن پاڻ کي هڪ قوم واري ٿي پوي تي ۽ ان بعد ڪنهن کي به اهو حق نٿو رهي ته سندس قوم هجڻ کان انڪار ڪري.

2. هر قوم کي اهو پيدائشي ۽ فطري حق حاصل آهي ته هوءَ آزاد رهي. هوءَ پنهنجا سمورا مسئلا پنهنجي مرضي مطابق طئي ڪري، سندس معاملات ۾ مداخلت ڪرڻ جو ٻئي ڪنهن به قوم کي حق حاصل ناهي.

3. هر قوم کي آزادي جو حق حاصل آهي، ان جو بنياد طاقت ۽ قوت ناهي، بلڪ ڪيس اهو حق قدرت جي پاران عطا ٿيل آهي. مطلب ته جيڪڏهن ڪا قوم ڪمزور آهي ۽ پنهنجي ڪمزوري سبب پنهنجا معاملا نبيري نٿي سگهي يا ان جو سنو انتظام نٿي ڪري سگهي ته ان کي بنياد بنائي ڪري سندس آزادي تي ڌاڙو نٿو هٽي سگهجي ۽ ڪنهن کي به اهو حق نٿو پهچي ته اهو هن قوم کي غلام بنائي. طاقت ذريعي ڪنهن به قوم جا "قوميت" وارا حق ڪسڻ ٻين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي آهي .



4. هر قسم جي طاقت جو مرڪز "قوم" آهي ڪو به فرد يا جماعت قوم جي مرضي کان سواءِ ڪو به قدم کڻي نٿي سگهي.

5. "قوم" جا سمورا فرد شهري، قانوني ۽ سماجي حقن ۾ برابر آهن نسل، خاندان، ۽ ڪم ڪار جي فرق ڪري ڪنهن کي به ڪو امتيازي حق حاصل ٿي نٿو سگهي. انسان جي سماجي ترقي يا عدم ترقي جو دارو مدار قدرتي قابليت تي رکيل آهي نه ڪ نسل ۽ خاندان تي.

قوم، قوميت ۽ قومي حقن جا اهي اصول حقيقت ۾ آزادي جي انهن تحريڪن جو نتيجو هيا جيڪي يورپ جي نشاة ثانيه واري دور ۾ هليون هيون ۽ جن جا مبلغ والٽيئر، روسو ۽ فرانس جا انسائيڪلو پيڊين هئا. "قوم" ۽ "قوميت" جي حقن جو بنيادي نڪتو اهو هيو انسان ۽ انسانيت تي ڪا به پابندي هئڻ نه گهرجي ۽ هر قوم ۽ فرد کي آزاد هجڻ گهرجي ۽ ڪنهن به فرد، گروه يا جماعت کي اهو حق ناهي ته اهي فرد يا جماعت جي آزادي ۾ خلل وجهن يا رڪاوٽ بڻجن.

انهن اصولن ۽ ضابطن جو اعلان آمريڪا ۽ فرانس ڪيو. امريڪا طرفان اهڙو اعلان 1767ع ۽ 1779ع ۾ ڪيو ويو . آمريڪين انهن ئي اصولن تي عمل ڪندي انگلستان جو مقابلو ڪيو ۽ فتح حاصل ڪئي. فرانس طرفان اهڙو اعلان فرانس جي انقلاب جو اعلان آهي جنهن کي تاريخ ۾ "انساني حقن جو اعلان" جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو . جنهن کي فرانس جي اسيمبلي 27 آگسٽ 1779ع تي منظور ڪيو.

**"عجومي قوميت"**

مٿين تفصيل مان اهو ظاهر ٿيو ته يورپ جي جديد "قوميت" جا اصول انساني آزادي ۽ حقن واري باب مان حاصل ڪيا ويا هئا. هن جو جنم هجوم لاءِ نه پر دفاع لاءِ ٿيو هو . حقيقت ۾ هي دفاعي قوميت هئي جا شاهي ظلم و ستم ۽ ڌارين جي ڌاڍ ۽ ستم جي مقابلي لاءِ وجود ۾ آئي هئي. هڪ طرف مظلوم ۽ ڏتڙيل عوام اٿيو ته جيئن بادشاهن ۽ اميرن جي ڌاڍ جي برخلاف "قومي حقن" جو آواز اٿارجي ته وري ٻئي پاسي ڪمزور ۽ مظلوم

قومون اٿي کڙي ٿيون. تانته ڏاريي راڄ جي مقابلي لاءِ "قوميت" واري نقطي تي پنهنجي ٽڙيل پکڙيل طاقت گڏ ڪجي، انهي موجب اهل انگلستان ۽ اهل فرانس، شاهي ظلم، زبردستي ۽ ڏاڍ جو مقابلو ڪيو هوڏانهن وري آمريڪا انگلستان جي بالادستي قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. يونان ۽ بلقاني قومن عثماني شهنشاهيت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتو . پولينڊ روسي راڄ خلاف ڪيترائي ڀيرا بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو . اٽلي آسٽريا جي فوجن کي هميشه لاءِ پنهنجي وطن مان تڙي ڪڍيو . اهڙي طرح يورپ جي هر گروهه ۽ قوم پنهنجي ملڪ جون حدون مقرر ڪري ڇڏيون ۽ انهن ۾ ئي پنهنجي پنهنجي قوميت کي مستحڪم بنايو . جڏهن نپولين جي زوال کان پوءِ يورپ جو نئين سر نقشو ٺاهيو ويو ته ان ۾ سڀئي ننڍيون ننڍيون قومي ۽ ملڪي حدبنديون شامل ڪيون ويون.

پر ان کان پوءِ ڇا ٿيو ؟ ڇا انساني آزادي ۽ حقن جا اصول ۽ ضابطا جيڪي انهن قوميتن کي وجود ۾ آڻڻ جو ڪارڻ هئا سي دنيا ۾ قائم ٿيا؟ ڇا آمريڪا ۽ فرانس جي انساني آزادي واري اعلان دنيا جي سڀني قومن کي انساني حقوق کان ڀرپور ڪيو ؟ ڇا واقعي طاقت جي جاءِ تي حق ۽ ڏاڍ جي بجاءِ آزادي واري اصول تي عمل ڪيو ويو ؟ ظاهر ظاهر آهي ته انهن مان ڪنهن هڪ اصول تي به عمل نه ٿيو . اهي ئي قومون ۽ گروهه جيڪي انسان جي انفرادي ۽ قومي حقن جي حفاظت ۽ پنهنجي بچاءُ جي جذبي سان وجود ۾ آيون هيون ۽ ڪن ٿورڙن ئي ڏينهن کانپوءِ اهي ساڳيون "قوميتون" انساني آزادي ۽ حقوق کي نيست نابود ڪرڻ جي پٺيان لڳي ويون. انهن قوميتن جي شروعات "دفاعي قوميت" سان ٿي هئي، پر يڪدم اها دفاعي قوميت ٻين جي حقن تي ڏاڙو هڻڻ جي شڪل ۾ ظاهر ٿي. جمعاتي تنگ نظري، وطن جو غرور ۽ قومي وڏائي جا سمورا جذبا اڀري سامهون آيا. انساني آزاي ۽ حقن وارا اصول فقط استحصال يا نالي ماتر استعمال ٿيڻ لڳا.

هي وطن ۽ قوميت جي اها ساڳي عصبيت آهي جنهنجو ذڪر مٿي ٿي چڪو. هي قوميت جو "تحفظ" نه پر "تعصب" آهي. اهو انسانيت ۽ انساني



برادري لاءِ هڪ چيلنج آهي. اها قوميت ۽ انساني آزادي ٻئي هڪ ٻئي سان متصادم آهن، ۽ هڪ ٻئي سان گڏ هلي نٿا سگهن. اها آزادي جي نالي تي انسان کي تباهه ڪرڻ ۽ قوميت جو نانءُ وٺي طاقت ۽ قوت جي پوڄا ڪرڻ آهي.

**"نئين قوميت" جا فائدا ۽ نقصان:**

جي يورپ جي قوميتن ۽ سندن ڪردار تي نظر وجهبي ته هيٺيون ڳالهيون سامهون اينديون:

1. انساني آزادي ۽ "قومي حقن" جا اصول طئي ٿي ويا انهن اصولن يورپ جي اجتماعيت ۾ هڪ وڏو انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو . "نئين قوميت" جي اصولن ۽ ضابطن، جماعتن ۽ قومن جي اندر هڪ اهڙي اجتماعي قوت پيدا ڪري ڇڏي، جيڪا پوين سڀني اجتماعي طاقتن جي ڀيٽ ۾ زياده طاقتور هئي.

2. "نئين قوميت" جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ يورپ مذهبي تعصبن ۽ جهيڙن جهڳڙن ۾ ڦاٿل هو. مسيحت جي پاران عام آبادي تي ايذيون ته پائبنديون ۽ سختيون هيون جو تنگ مذهبي دائري کان ٻاهر ڪنهن کي سوچڻ جي اجازت ئي ڪونه هئي. پر "قوميت" جي اوسر مذهبي پابندين کي جهڪو ڪري ڇڏيو . هاڻي مذهب جي جاءِ تي محبت ۽ اتحاد جو وسيلو "قوميت" بنجي وئي. جڏهن قوميت اڀرڻ شروع ڪيو ته سندس ڀيريون مقابلو بادشاه کان به وڌيڪ پوپ ۽ ڪليسا سان ٿيو. والٽيئر بيت المقدس بدران انساني آزادي لاءِ جنگ مقدس (ڪروسيڊ) جو اعلان ڪري ڇڏيو هو . انهن حالتن جو نتيجو اهو نڪتو جو "قوميت" زور وٺندي ويئي ۽ مسيحيت ڪمزور ٿيندي ويئي.

3. "قوميت" جي ترقي کان اڳ يورپ ذهن ۽ فڪر جي جنهن مرحلي ۾ هو ، اهو نهايت ئي پست مرحلو هيو ، ان ڪري قوميت يورپ کي سوچ ۽ فڪر جو نسبتا هڪ وڏو دائرو مهيا ڪري ڏنو ۽ نتيجتا يورپ جي ذهن ۽

فڪر ۾ ايڏي وسعت آئي جو ان کان اڳ يورپ ان جو تصور بہ نہ پيو ڪري سگھي.

4. مذهبي ۽ خانداني تعصب جي جاءِ تي ”قوميت“ جي اچڻ جو پهريون نتيجو اهو نڪتو تہ ملڪ اندر سڀ جماعتون، ٽولا ۽ فرقا متحد ٿي ويا، هي تصور تہ فلاڻو شخص اسانجي قوم ۽ ملڪ سان واسطو رکي ٿو، ايترو تہ موثر ثابت ٿيو جو انهيءَ تصور ٻين سڀني جذبن ۽ عصبيتن کي ڍڪي پوئتي ڪري ڇڏيو. مسيحيت ۽ يهوديت جي تاريخي دشمني هڪ مڃيل حقيقت آهي جنهن کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگھي. دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ بدنصيب يهودين پاڻ تي ٿيندڙ ايڏو ظلم ۽ ستم نہ ڏٺو هوندو جيترو يورپ جي مسيحي دور ۾ سوين سالن تائين ڪين ڏسڻو ۽ سهڻو پيو. ارڙهين صدي جي پڇاڙي تائين ڪنهن بہ فرد جو يهودي هجڻ ناقابل معافي ڏوهہ هيو. پر ”قوميت“ واري جذبي مذهبي بنياد تي يهودين خلاف عصبيت کي نهايت گهٽائي ڇڏيو. سڀ کان اڳ انگلستان ۽ فرانس ۽ ان کان پوءِ يورپ جي سڀني قوميتن يهودين جو قومي حق تسليم ڪيو بلڪل ائين جيئن مسيحي باشندن جو حق تسليم ڪيو ويو هو. انگريز يا فرانسيسي يا جرمن يهودي جا حق بہ ائين تسليم ڪيا ويا جيئن عيسائي باشندن جا، اڻويهين صدي عيسوي ۾ انگريزن يهودين لاءِ وڏن وڏن عهدن ۽ نوڪرين جا دروازا پڻ کولي ڇڏيا ايستائين جو وزارت لاءِ بہ يهودي هجڻ ۾ ڪا رڪاوٽ باقي نہ رهي.

هي تہ هيا ان ”نئين قوميت“ جا فائدا پر ان سان گڏوگڏ ان جا نقصان پهلو جيڪي ظاهر ٿيا سي هيا.

(1) قوميت جا مٺيان فائدا فقط يورپ کي حاصل ٿيا يورپ کان ٻاهر نہ تہ انساني آزادي جو اعلان ڪارگر ثابت ٿيو، ۽ نہ وري قومي حقن جي اصول تي عمل ڪيو ٿي ويو. ائين ٿو نظر اچي تہ جڻ قديم رومي اصول موجب يورپ اهو فيصلو ڪري چڪو هو تہ دنيا ننڍين وڏن قومن ۾ ورهايل آهي.



آزادي ۽ حقوق رڳو وڏين قومن لاءِ آهن ننڍيين قومن جو انهن سان ڪوبہ واسطو وڙو ناهي. يورپ ۽ آمريڪا قوميت جي حساب سان دنيا جون بلند قومون آهن اڌ حصو آهن باقي سموري دنيا بمشڪل اڌ آهي ۽ انهن جي حيثيت بہ مٿاهين ناهي. تنهنڪري يورپ ۽ آمريڪا کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ اهو حق حاصل ناهي تہ هو قوميت جا مٺيان حق حاصل ڪن يا ان جو مطالبو ڪن.

2. جڏهن اهل فرانس ملڪ اندر آزادي جي ٽين انقلاب جي تيارين ۾ مصروف هيو تڏهن ڪنهن هڪ بہ فرانسيسيءَ جي ذهن ۾ اهو احساس پيدا نہ ٿيو تہ اها آزادي امير عبدالقادر ۽ ان جي بدنصيب جزائري قوم کي بہ حاصل ٿيڻ گهرجي، جنهن کي فرانس فوجي طاقت ذريعي غلام بنايو هو. آزادي ۽ حريت جو سبق سيکاريندڙ فرانس جي قوميت شام ۾ جو ڪجهہ ڪيو، اهو بہ سڀني جي آڏو آهي. انگلستان جي دعويٰ آهي تہ هو ننڍين قومن جو محافظ آهي، آزادي جو علمبردار آهي، محب وطن ماڻهن لاءِ امن ۽ سلامتي جي جاءِ آهي. پر اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن لاءِ آهي؟ ان ۾ شڪ ناهي تہ برطانيہ روس مان ڀاڄ ڪائيندڙن کي پناهہ ڏني. فرانس مان جلاوطن ٿيندڙن کي امان ڏني. يونان جي آزادي لاءِ پنهنجو قومي شاعر بائرن پيدا ڪيو. اٽلي جا ميزيني اتي رهيا ۽ يورپ جي آزادي جا اڪيچار نقشا لندن ۾ ٺهيا، پر مشرق ۽ ايشيا جي ملڪن لاءِ برطانيہ جي آزادي جي دعويدار اها قوميت ڪهڙو فيصلو ڪندي رهي، روس ۽ آسٽريا جي مظلومن لاءِ ڇا ڪجهہ ڪيو ويو؟ جواب جي ضرورت ناهي ڇاڪاڻ تہ ان جو جواب مشرق ۽ ايشيا جي هر ٽڪري جون حالتون ڏيئي رهيون آهن؟

3. جيئن تہ دفاعي قوميت جو اجتماعي مزاج تيار ٿي چڪو هو تنهن ڪري يورپ خود بہ پنهنجي قوميت ۽ ان جي عصبيت جي خطرناڪ نتيجن کان بچي نہ سگهيو. بيشڪ هنن غيريورپي قومن ۽ ملڪن جي مقابلي ۾ پنهنجي لاءِ آزادي ۽ حقن جو هڪ اعليٰ معيار مقرر ڪيو پر اهو

معيار گروه بندين، حسد، قومي برتري ۽ خطرناڪ تنگ خيالي پيدا ڪرڻ جو ذريعو بنجي ويو . جماعتي ۽ اجتماعي سوچ تي "حقوق" جي بجاءِ "طاقت" وارو اصول غالب پئجي ويو . جنهن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ايڏيون لڙايون لڙيون ويون ۽ جاڪوڙ ڪئي وئي. ان قومي غرور ۽ ڇڪتاڻ يورپي طاقتن جي وچ ۾ نہ ختم ٿيندڙ جنگ جون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون. هر قوميت ٻي قوميت کي پنتي ڇڏي بلڪ ان کي غلام بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. مشرق جو ڪمزورين يورپ کي مقابلي ۾ ڇڪتاڻ جو هڪ وڏو ميدان فراهم ڪري ڏنو.



مولانا امين احسن اصلاحي

# قوميت

## فائدا ۽ نقصان، هڪ تجزياتي جائزو

سياست جا ڄاڻو رياست جي درجي بدرجہ ترقي بابت چون ٿا تہ اول اول معاشرو ڪٽنبن جي ميڙ سان وجود ۾ آيو ان بعد سماج پنهنجي هڪ خاص دور ۾ قوميت جو روپ اختيار ڪيو . جڏهن قوميت سياسي طور تي ايترو ترقي ڪري ورتي جو ان جا سڀئي افراد هڪ بالاتر اقتدار جي اطاعت ڪرڻ لڳا تہ رياست وجود ۾ اچي وئي.

ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ رياست جي خاصيتن کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريائين سماج ۽ قوميت جي حقيقت ۽ ان جي وصفن ۽ خاصيتن کي سمجهڻو پوندو، جيڪڏهن قوميت جي جوڙيندڙ جزن جي ڄاڻ ٿي وئي ۽ اهو پڻ معلوم ٿي ويو تہ ان جي مختلف جزن ۾ اشتراڪ ۽ اتحاد ڪيئن پيدا ٿئي ٿو ۽ قوميت جي مختلف ماڻهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ قرباني ۽ ايثار جو جذبو ڪيئن اسري ٿو تہ درساصل انهيءَ ڄاڻ مان ئي رياست جي حقيقت ۽ نوعيت چڱي طرح سمجهہ ۾ اچي ويندي.

قوميت ۽ سياست جي پاڻ ۾ اها ئي نسبت آهي جيڪا هڪ عمارت ۽ ان جي پيڙهہ ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن پيڙهہ جو نقشو واضح هوندو تہ اصل عمارت جي بيهڪ کي سمجهڻ ۾ ڪا تڪليف نہ ٿيندي. خاص طور عمارت جي استحڪام ۽ ڪمزوري کي ڏسڻ ۾ سمجهڻ لاءِ اصلي شئي بنياد ئي هوندي آهي نہ ڪہ عمارت اهو ئي سبب آهي جو اسين سڀ کان پهريائين هن سوال تي زور ڏيون ٿا تہ قوميت ڪهڙن جزن مان نهي ٿي، سندس ڪمزوري ۽ قوت جا ڪارڻ ڪهڙا آهن. قوميت جي انهن جزن/ ڪارڻن (سببن) متعلق جديد ۽ قديم نظريا ڇا ٿا چون ۽ انهن جي وچ ۾ ڪهڙو اختلاف آهي؟ ان ڪانپوءِ اهو ڏسندا سين تہ عام قوميت ۽ اسلامي قوميت جي

وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ انهن سيني مان پيدا ٿيندڙ رياستن جو مزاج ڪهڙي قسم جو ٿئي ٿو.

**قوميت جا ڪارڻ/ جزا:**

قوميت ڪجهه شين جي ميلاپ سان وجود ۾ اچي ٿي. جيئن نسل، زبان، جاگرافيائي هڪ جهڙائي، روايتون ۽ مذهب. جيڪڏهن انسانن جي ڪنهن گروهه ۾ اهي شيون هڪ جهڙيون آهن ۽ ڪين انهن جو شعور به حاصل آهي ته اهي قدرتي طور تي هڪ ٻئي سان محبت ۽ همدردي ڪرڻ لڳن ٿا. هڪ ٻئي جي احساسن ۽ جذبن کي سمجهن ٿا. رنج ۽ راحت ۽ ڏک ۽ سک ۾ هڪ ٻئي سان ڀائيوار ٿين ٿا ۽ زندگيءَ جي مسئلن تي هڪڙي ئي نهج ۽ طريقي سان سوچين ٿا.

هم نسلي جو احساس حمايت ۽ غيرت جو سڀ کان وڏو محرڪ آهي. هم زباني وارو تعلق هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ سڀ کان وڏو مددگار آهي. هڪ ئي علائقي ۽ وطن ۾ رهڻ جي ڪري ٻين جي مقابلي ۾ پنهنجي تحفظ ۽ بچاءَ جو احساس پيدا ٿئي ٿو ۽ تهذيب ۽ روايتن جي هڪ جهڙائي سان سوچ ۽ عمل ۾ پڻ هڪ جهڙائي پيدا ٿئي ٿي.

جتي ڳانڍاپي ۽ تعلقات جا اهي سمورا جزا ۽ پهلو موجود هجن، اتي گڏ جي رهڻ ۽ جذباتي وابستگي جو پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. انهيءَ سان نه صرف ميل ميلاپ ۽ اتحاد پيدا ٿئي ٿو بلڪ ٻين جي مقابلي ۾ پنهنجي ڌار سڃاڻپ جو احساس ۽ اوچي حيثيت جو شعور پڻ اڀري ٿو. ايستائين جو جن ماڻهن ۾ وحدت جون اهي سڀئي شيون موجود ٿي وڃن ٿيون انهن ۾ اها زوردار خواهش پڻ پيدا ٿئي ٿي ته سندن سمورا معاملا پنهنجي مرضي سان طئي ٿين ۽ پنهنجي قسمت جا مالڪ هو پاڻ ئي هجن ٻئي ڪنهن کي به اهو حق حاصل نه هجي جو هو سندن معاملن ۾ دخل اندازي ڪري سگهي.

اهو ضروري ناهي ته جتي اها وحدت ۽ هڪ جهڙائي هجي اتي ڪوبه اختلاف پيدا نه ٿيندو هجي. شخصي ۽ خانداني غرضن ۽ معاملن ۾ ناراضگيون ۽ اختلاف پيدا ٿيندا رهن ٿا پر هڪ اعليٰ هستيءَ جو اقتدار هن



قسم جي سمورن اختلافن کي ختم ڪندو رهي ٿو. ۽ سڀئي ان جي حڪمن آڏو ڪنڌ جهڪائيندا رهن ٿا. اطاعت جو اهو جذبو ظاهر ۾ ظالم حڪمران جي اطاعت کان مختلف هوندو آهي. اهڙي قوميت جي هر جزي ۽ هر فرد ۾ اهو احساس هوندو آهي ته وڏي مفاد خاطر پنهنجن ننڍن مفادن کي قربان ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ماڻهو انفرادي طور پنهنجن ننڍن فائدن جي قرباني نه ڏيندا ته آخرڪار ڪين وڏن فائدن تان هٿ ڪڻڻو پوندو. اهو هڪ نج سياسي شعور آهي ۽ حقيقت ۾ اها ئي اها سوچ آهي جنهن سان ڪنهن قوميت کي حقيقي سياسي وجود ملي ٿو.

**قوميت جو نئون نظريو:**

دنيا ۾ شروع کان ئي مٿي ذڪر ڪيل جزن کي قوميت جا حقيقي جزا سمجهيو ويو آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهي جزا بلڪل سپاويڪ ۽ قدرتي آهن. پر سائنس جي ترقين انهن مان اڪثر جون جي اهميت گهٽائي هينئر سڄي اهميت جاگرافيائي حدن يا ٻين لفظن ۾ وطن کي ڏئي ڇڏي آهي. وطن کي قوميت جي هڪ اهڙي جزي جي حيثيت ته شروع کان وٺي رهي آهي. پر هينئر قوميت جو اصل ۽ حقيقي جزو اهو ئي سمجهيو وڃي ٿو جيڪڏهن انهيءَ سان گڏ ٻيا جزا به موجود هجن ته بهتر آهي پر جيڪڏهن اهو جزو موجود آهي ۽ ٻيا جزا موجود ناهن ته پوءِ هن کي ئي اصل قرار ڏئي انهيءَ مان ٻيا جزا هٿرادو طور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

قوميت جي هڪڙي فطري جزي جي حيثيت سان وطن کان ته، جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته انڪار جي گنجائش نه آهي پر جنهن شدت سان هينئر وطن کي اهميت ڏني وڃي ٿي، اها فطرت جي تقاضن کان وڌيڪ ضرورت جي ايجاد آهي. هينئر سائنس جي ترقيءَ قومن جي تحفظ ۽ مدافعت واري احساس کي ٻين سيني احساسن تي غالب ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري هاڻي قومون جاگرافيائي حدن کي وڏي اهميت ڏين ٿيون.

هينئر نسل، زبان ۽ روايتن کي اها اهميت نه ٿي ڏني وڃي جا دريائن، سمنڊن، ڀهاڙن ۽ بچاءَ جي ٻين قدرتي مورچن کي ڏني وڃي ٿي. ڀهريون

قوميتون عام طور تي زمين جي اوتري ٽڪري تي ئي قناعت ڪنديون هيون جنهن کي اهي پنهنجي نسل، تهذيب ۽ پنهنجي روايتن جو سرچشمو سمجهنديون هيون. انهيءَ دائري مان اڳتي وڌڻ جي خواهش صرف اهي ئي قوميتون ڪنديون هيون، جيڪي غيرمعمولي طور تي حوصلي مند هونديون هيون ۽ ٻين تي پنهنجي دعوي جي هام پرينديون هيون. پر هاڻي هر قوميت، پنهنجي وطن جون حدون، اقتصادي ۽ دفاعي نقطہ نظر سان متعين ڪري ٿي ۽ انهن حدن جو هر حالت ۾ تحفظ ڪرڻ، پنهنجو فرض سمجهي ٿي توڙي جو پنهنجو وجود سندس وطن جي چوغي کان ڪيترو بہ ننڍو ڇو نہ هجي. بجاءِ ان جي جو اها پنهنجي قد ڪاٺ مطابق اها پنهنجو چوغو ٻڌائي. ڪوشش اها ٿئي ڪئي وڃي تہ ڇڪي تاڻي پنهنجي وجود کي انهيءَ چوغي مطابق بنايو وڃي. هٺ ٺوڪيي طريقي سان پنهنجي قوت کي وڌائڻ لاءِ قوميت جيڪو طريقو اختيار ڪري ٿي اهو هي آهي تہ پنهنجي وطن جي حدن اندر اها ٻين قومن کي پنهنجي اندر ضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. انهن ذيلي قوميتن جي اندر پنهنجي نسل، زبان ۽ مذهب يا جيڪي روايتون موجود هونديون آهن تن کي اها سختي سان دٻائي ۽ ڪچلي ٿي ۽ وطني قوميت جي نظريي تحت مٿن پنهنجي زبان، پنهنجو مذهب، پنهنجون روايتون مسلط ڪري ٿي تہ جيئن اهي ظاهرا توڙي باطنا غالب قوميت جي رنگ ۾ رنگجي وڃن ۽ ان جي اطاعت گذار جزي جي حيثيت سان زنده رهن.

**قوميت ذڪر ڪيل جزن جا نقص:**

قوميت جي مٿين جزن کان جيئن تہ عرض ڪيو ويو تہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. پر انهن جزن سان جيڪا قوميت وجود ۾ اچي ٿي تنهن جي بناوت ۾ اڏاوت ۾ ڪي خرابيون لازما موجود رهن ٿيون.

منجهس پهرين خرابي تہ اها آهي تہ اها نهايت ئي تنگ نظر ٿئي ٿي. هر معاملي ۾ ان تي نسلي ۽ قومي رنگ غالب رهي ٿو . اها قوميت پوري انسان ذات جي بجاءِ هڪ محدود ٽڪري ۾ رهندڙ انساني نسل کي ئي پنهنجو مرڪزي نڪتو بنائيندي آهي ۽ اهو انهيءَ کي سڄي انسانيت سمجهڻ لڳندي آهي. هن لاءِ اهو بلڪل ناممڪن آهي تہ اها سڀني انسانن



جي معاملي تي ڪڏهن انهيءَ خيال سان غور ڪري سگهي تہ اهي سڀ ئي هڪ ئي آدم ۽ حوا جي اولاد آهن ۽ هڪ ئي جسم جا حصا، هڪ ئي خاندان جا فرد ۽ هڪ ئي برادري جا جزا ۽ رڪن رڪين آهن. قوميت ڌرتي جي ننڍڙي ٽڪري کان سواءِ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ انسانن سان همدردانہ ۽ مشفقانہ تعلقات رکڻ جي بجاءِ دشمنانہ رويو اختيار ڪندي آهي يا وڌ ۾ وڌ غيرجانبدار رهندي آهي. حقيقت ۾ قوميت پاڻ کان سواءِ ٻين سڀني جي بدخواه ۽ دشمن هوندي آهي ۽ هوءَ انهيءَ بدخواهي ۽ دشمني کي خرابي ۽ عيب سمجهڻ بجاءِ هنر سمجهندي آهي ۽ ان کي قوم پرستيءَ جو معزز لقب ڏيندي آهي.

منجهس ٻي خرابي اها هوندي آهي تہ اها قوميت هوريان هوريان حق ۽ باطل جي ڪسوٽي پاڻ ئي بڻجي ويندي آهي. منجهس عصبيت جو جيڪو جذبو موجود هوندو اٿس اهو اندر جي شديد دٻاو سبب آخرڪار "منهنجي قوم حق تي هجي يا باطل تي بهرحال منهنجي قوم آهي." اهو ذحن بڻجي ويندو آهي. اتي پهچڻ کان پوءِ قوميت خود ئي حق ۽ باطل جي سڃاڻپ بنجي ويندي آهي جا شيءِ سندس نظر ۾ حق هوندي آهي اها ئي حق ٿي ويندي آهي ۽ جا شيءِ سندس فائدي جي خلاف هوندي آهي سا ئي باطل ٿي پوندي آهي. ڪوڙ ظلم ۽ فساد نيڪي ۽ انصاف جو درجو حاصل ڪندو آهي.

قوميت ۾ اها پڻ گنجائش نہ هوندي آهي تہ ڪو شخص حق ۽ باطل جي ڪسوٽي قوميت کانسواءِ بہ ڪنهن ٻي شيءِ کي قرار ڏي. جيڪڏهن ڪو شخص اهڙي جرئت جو مظاهرو ڪندو تہ عجب ناهي تہ ان کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وڃي. توڙي جو اهو سقراط جي درجي جو ماڻهو ڇو نہ هجي.

وطني قوميت جي ٽين خرابي اها آهي تہ اها رضاڪارانہ طور تي پنهنجو دائرو وڌائڻ ۽ ٻين کي قائل ڪري، انهن جي دل کٽي ونڻ جي فطري صلاحيت کان بنهہ محروم هوندي آهي. هن لاءِ بہ صورتون هونديون آهن. يا تہ اها پنهنجي دائري ۾ محدود ٿي وڃي يا وري جارحانہ حوصلي سان اڳتي

وڏي ۽ طاقت جي ذريعي ماڻهن کي پنهنجو مطيع بنائي ڇڏي. انهن ٻنهي صورتن کان علاوه هن لاءِ ٽين ڪا راهه ڪونهي. اهو ئي سبب آهي جو وطني قوميت جو مزاج جيڪڏهن شرميلو ۽ ڪمزور هوندو آهي ته اها ماڳهين پنهنجو وجود به مشڪل سان بچائي سگهندي آهي پر جيڪڏهن اها جارحانه هوندي آهي ته ٻين سان مقابلو ڪري پنهنجي طاقت ۾ اضافو ڪندي آهي ته ٻين سان مقابلو ڪري پنهنجي طاقت ۾ اضافو ڪندي آهي يا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو وجود قائم رکندي آهي.

وطني قوميت دليون جيتڻ ۽ عقلن کي قائل ڪرڻ کان محروم هوندي آهي اهو ئي سبب آهي جو جيڪي ماڻهو هن جي دائي کان ٻاهر هوندا آهن تن کي منطق ۽ دليل ذريعي فتح ڪري نه سگهندي آهي. حقيقت ۾ دلين کي فتح ڪرڻ جي طاقت نظرين ۽ اصولن ۾ ئي هوندي آهي ته جيڪڏهن اهي عقل ۽ فطرت تي مبني هجن ته اهي دلين کي فتح ڪري ڇڏيندا آهن ان کان پوءِ ماڻهو پاڻ مرادو انهن نظرين جا علمبردار ٿي ويندا آهن. پر نسلي قوميت جي اندر آخر ٻئي نسل وارن لاءِ ڪهڙي ڪشش ٿي سگهي ٿي؟ ٻين وٽ جيڪڏهن ڪا شيءِ هوندي آهي ته اها تعصب جي جواب ۾ تعصب، احساس برتريءَ جي جواب ۾ احساس برتري ۽ نفرت جي مقابلي ۾ نفرت ئي هوندي آگهي. اصول جيڪڏهن عقل ۽ فطرت تي ٻڌل هجن ته اهي سڄي دنيا تي ڇانئجي سگهن ٿا ۽ انسان ذات نسل رنگ ۽ رت، زبان، تهذيب جي سمورن اختلافن جي باوجود انهن لاءِ پنهنجي دلين جا دروازا کولي سگهي ٿي پر ڪنهن خاص رنگ، نسل ۽ خاندان جي بنياد تي قائم قوميت کي ٻيا انسان آخر ڇو قبول ڪن. انهي نقص جي ڪري ڪنهن به نسلي قوميت ۾ اها صلاحيت ناهي هوندي جو اها ڪنهن عالمي رياست جو بنياد ٻڌجي سگهي. اهڙي قسم جي قوميت پنهنجي بلند حوصلي سببان جيڪڏهن دنيا تي ڇائجي به وئي آهي ته اها طوفان وانگر يڪدم ڇائجي وئي آهي. جيئن سڪندر، نيپولين، چنگيز خان ۽ تيمور جون سوڀون پر اها ان کان به وڌيڪ تيز رفتاري سان غائب پڻ ٿي ويندي آهي.



قوميت جي انهي تصور جي چوٿين خرابي اها آهي ته هن ۾ نسلي تعلق کي اهم عنصر ۽ جزي جي حيثيت ڏني وئي آهي حالانڪ قوميت لاءِ نسلي تعلق جي ڪا ايڏي ضرورت ڪونهي نسلي تعلق ۾ تعاون، ۽ همدردي جو جذبو اوستائين باقي رهي سگهي ٿو جيستائين قوميت سان وابسته ماڻهن جي اندر نسلي تعلق جو اونهو جذبو موجود آهي. پر اهو تعلق ٻن ٽن پيڙهين کان پوءِ ايترو ته ڪمزور ٿي وڃي ٿو جو اهو جذبي جي بجاءِ خالي تصور جي شڪل اختيار ڪيو وڃي. پهريون ته ڪنهن به نسل لاءِ اها دعوىٰ نٿي ڪري سگهجي ته اها ٻين نسلن يا قبيلن جي ميلاپ کان محفوظ آهي ۽ خالص رت موجود اٿس. اهڙي دعوي فقط اهي قبيلا ۽ نسل ڪري سگهن ٿا جيڪي پنهنجي نسلن جي تحفظ جو خصوصي انتظام ڪن ٿا ۽ نسلي سلسلن کي حافظن وانگر زباني ياد ڪري ڇڏين ٿا ۽ پنهنجي نسلي تعلق واري احساس کي هر وقت تازو رکڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا.

پنجين خرابي اها آهي ته اهڙي قوميت ۾ غالب حيثيت نسل پرستانه شعور کي حاصل هوندي آهي جڏهن ته زبان، تهذيب، تمدن، رسم رواج ۽ اهڙائي سڀ جزا ان جي تابع هوندا آهن تنهن ڪري جيڪڏهن مذهب کي به ڪا اهميت ڏني ويندي آهي ته اها معمولي قسم جي جنهن موجب مذهب نسلي شعور جي تابع ٿي پوندو آهي. ان کان پوءِ مذهب کي نسل پرستانه جذبي کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي نتيجي ۾ مذهب قوم پرستي جي برائين کي گهٽائڻ جي بدران وڌائي ڇڏيندو آهي. هتي مذهب مان اسان جي مراد رڳو مشرڪانه ۽ ڪا ......... مذهب ناهن انهن مذهبن جي ته پيڙهه ئي نسلي ۽ قومي فخر تي هوندي آهي. اسان جو چوڻ اهو آهي ته حقيقي ۽ صحيح مذهب به نسلي ۽ قومي تعصب جي ور چڙهي ويندا آهن. اهڙي طرح اهي مذهب آهستي آهستي پنهنجي عقلي ۽ فطري خوبين کان محروم ٿي ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته نسلي تعصب جو غلبو کين پنهنجي اطاعت ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿو. حقيقت ۾ مذهب جي فطري قوت ۽ مقام اهو هو ته هو ٻين کي مجبور ڪري ته اهي سندس تعليم تي عمل ڪن، پر هتي

ماڳهين مذهب مجبور ٿي پوي ٿو تہ اهو نسل پرستي ۽ نسلي تعصب جي حمايت ڪري. ان حقيقت کي سمجهڻ لاءِ يهودي مذهب جي مثال موجود آهي. جيئن تہ بني اسرائيل نسلي قوميت کان مٿيرو ٿي سوچڻ تي ڪڏهن بہ آماده نہ ٿيا تنهن ڪري انهن مذهب کي پنهنجي قوميت واري قالب ۾ پلٽائي ڇڏيو ۽ ان جي اهڙي تہ پيچ ڊاهہ ڪيائون جو اهو خدائي دين ۽ مذهب هڪ نسلي ۽ قومي مذهب جي صورت اختيار ڪري ويو. هي جو توريت ۾ بار بار اچي ٿو:

"خداوند خدا اسرائيل جو خدا" ۽ "اي اسرائيل تون خدا جي ڪلهي مٿ آهين." هي سڀ انهيءَ نسلي تعصب جون پيدا ڪيل تعبيرون آهن. يهودين دين ۽ مذهب جي تعليمات کي نسلي ۽ قومي تعصب کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ ان جون غلط تعبيرون ۽ تاويليون ڪري ماڳهين ان کي نسلي تعصب جو پرچارڪ بنائي ڇڏيو. اهو مذهب جيڪو نسلي ۽ قومي تعصب کي گهٽائي انسانيت لاءِ راحت جو سامان پيدا ڪري سگهي پيو ، يهودين ان مذهب کي بنهہ نسلي ۽ قومي مذهب بنائي ڇڏيو ۽ جنهن شيءِ کي مٽائڻ لاءِ مذهب آيو اهو، اهو ساڳيو مقام هنن مذهب کي ڏنو.

وطني قوميت جي ڇهين خرابي اها آهي تہ فطرت ۽ عقل جي تقاضن ۽ انهيءَ قوميت جي وچ ۾ هڪ محدود دائري ۾ ٿي ناهہ ٿي سگهي ٿو. ان دائري کان ٻاهر قوميت انسانيت جي مفادن، مجيل اخلاقي اصولن ۽ انصاف جي معروف قانونن جي بنهن خلاف آهي. بلڪ انهن سان ٽڪرائيندڙ آهي قوميت جا علمبردار انهيءَ تصادم ۽ ٽڪراء کي روڪڻ لاءِ بجاءِ ان جي جو قوميت جي خرابين کي تسليم ڪن اها ڪوشش ڪندا آهن تہ قوميت جي بنيادن تي انسانيت، اخلاق ۽ انصاف جو هڪڙو نئون فلسفو تيار ڪن اهو فلسفو تيار تہ ٿي ويندو آهي پر اهو سليم فطرت انسانن کي ڪڏهن بہ مطمئن ڪري نٿو سگهي.

مثال طور سورهين صدي عيسوي جي سياسي مفڪر ميڪاولي جون لکتون پيش ڪري سگهجن ٿيون. اتي تحريرون سياسي ذوق رکندڙ ماڻهن



لاءِ وقتي ذوق ۽ تسڪين جو باعث تہ ٿي سگهن ٿيون پر جيئن تہ انسان محض نسلي حيوان ناهي بلڪ منجهس عقلي ۽ اخلاقي حس بہ موجود آهي. اهو حس سندس ٻين سڀني شين تي غالب آهي، تنهن ڪري سليم الفطرت انسانن جي اڪثريت ڪڏهن بہ انهي غيرفطري عمل کي پسند نٿي ڪري جنهن معاشري ۾ نيڪ فطرت انسان مطمئن نہ هجن. ظاهر آهي اهو معاشرو گهڻو وقت هلي نٿو سگهي.

**وطني قوميت جون اوڻايون:**

وطني قوميت ۾ اهي برايون ۽ ڪمزوريون تہ موجود آهن ئي پر ان کان سواءِ منجهس ٻيون بہ اڪيچار خاميون ۽ ڪمزوريون اٿس جن جو ٿورو احوال اسين هت ڏيون ٿا. اصل موضوع تي اچڻ کان اڳ اهو ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي تہ "وطنيت" هڪ ڪارڻ جي حيثيت سان ڌار شيءِ آهي، جڏهن تہ "وطن" کي بنياد بنائي ڪري مختلف قوميتن مان هڪ "گڏيل قوميت" جوڙڻ هڪ جدا شيءِ آهي. جيستائين پهرين شيءِ جو تعلق آهي تہ اها انساني فطرت جي عين تقاضا مطابق آهي. ڇاڪاڻ تہ جيئن هر انسان کي پنهنجي گهر سان پيار هوندو آهي ۽ ان جي ذري پرزي سان سندس زندگي جون گهڙيون ۽ يادگيريون وابستہ هونديون آهن جنهن ڪري هو ان جي حفاظت لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيندو آهي. ڪنهن وقت تہ هو ان مقصد لاءِ پنهنجي جان بہ ڏيئي ڇڏيندو آهي. بلڪل اهڙي طرح هر قوميت کي پنهنجي ديس ۽ وطن سان انتها درجي جي محبت هوندي آهي. اها قوميت پنهنجي وطن کي ماءُ جو درجو ڏيندي آهي هوءَ پنهنجي پياري وطن کي پنهنجن رسمن، رواجن ۽ تهذيب ۽ تمدن جو خزانو سمجهندي آهي. ديس جي چپي چپي تي سندس وڏن جي ڪارنامن جي تاريخ چٽيل هوندي آهي جنهن کي ياد ڪندي ان مان جذبو حاصل ڪندي رهندي آهي اها يادگيري سندس دلي مسرت ۽ خوشي جو باعث ٿيندي آهي. پنهنجي ديس جي ٻهاڙن ۽ دريائن ۽ پوک سان سندس زندگي جون بي شمار يادون هونديون آهن. مطلب تہ وطن جي هر شيءِ سان سندس عجيب قسم

جو لڳاءُ ۽ عشق پيدا ٿي پوندو اٿس. اهو ئي سبب آهي جو هر قوم وطن کي پنهنجي گڏيل دولت ۽ مشترڪ گهر سمجهي ٿي ۽ اهو مشترڪ جذبو ئي قومن کي هڪ صف ۾ ڪڙو ڪري بيهاري ٿو. اهڙي طرح هر قوم پنهنجي گهر جي اڏاوت ۽ ترقي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهي ٿي. اها شيءِ يعني وطن ۽ ديس سان پيار عين فطرت آهي. اهو جذبو نہ تہ عقل ۽ اخلاق جي خلاف آهي ۽ نہ وري مذهب سان ٽڪرائي ٿو ۽ ٻي شيءِ جيڪا ان جي بالڪل ابتڙ آهي، اها آهي ”وطن“ جي بنياد تي مختلف ننڍين قومن مان وڏي قوم جي تشڪيل ڪرڻ. قوميت جي انهي فلسفي جون خرابيون ۽ ڪمزوريون بالڪل واضح آهن جيڪي آساني سان سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿيون.

وطن جي بنياد تي مختلف قوميتن کي گڏاٽي جيڪا قوميت وجود ۾ اچي ٿي، ان جو مقصد اهو هوندو آهي تہ هڪڙي ملڪ ۾ رهندڙ ڌار ڌار قومون پنهنجي وجود ۽ حيثيت کي قائم ۽ برقرار رکڻ لاءِ نسل، زبان، ثقافت ۽ مذهب کان جان ڇڏائي، ان جي جاءِ تي هڪ گڏيل زبان، گڏيل ثقافت ۽ مذهب تشڪيل ڏين. اصل ۾ وطني قوميت ماضيءَ جي سمورين شين کي پٺي پويان اڇلائي نون بنيادن تي قوميت جوڙي ٿي. پر اها ڳالهہ ظاهر ۾ توڙي ڪيڏي بہ سولي ۽ سهجي هجي پر عملا نهايت ڏکي مشڪل آهي.

وطني قوميت ۾ ننڍين قومن لاءِ وڌ ۾ وڌ اها گنجائش رکي ويندي آهي تہ اهي قوميت جي وڏي دائري ۽ ان جي بنياد کي مڃين ۽ ان جي هيٺ پنهنجي وجود قائم رکن، ظاهر آهي ان بنياد کي مڃڻ کان پوءِ ننڍين قوميتن جو ڌار اجتماعي ۽ سياسي وجود، تعارف ۽ حيثيت باقي نٿي رهي سگهي.

ارڙهين صدي کان اڳ تہ اها حالت هئي جو فاتح قومون مفتوح قومن جي انهن سڀني آثارن اهڃاڻن ۽ شين کي مٽائي ڇڏينديون هيون، جن سان ننڍيون قوميتون نئين سر اڀري پئي سگهيون، پر خاص طور تي نيپولين جي سوڀن مٿان سوڀن حاصل ڪرڻ ۽ عام طور تي پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ مختلف قومن ۾ پنهنجي ڌار حيثيت جو جذبو ايڏو تہ وڌيو ۽ مضبوط ٿيو جو



فاتح قومن لاءِ اهو ممڪن ئي نہ رهيو جو اهي قوميت جي هن جذبي کي فنا ڪري سگهن يا دٻائي سگهن.

هينئر جيتوڻيڪ هر قوم کي پنهنجي ڌار حيثيت، زبان، ثقافت ۽ ڪلچر کي برقرار رکڻ جو اصولي طور تي حق ڏنو ويو آهي، ظاهر ۾ قومن جي آزادي جو اهو حق چڱو لڳي ٿو ، پر جڏهن اهو نظريو عملي شڪل اختيار ڪري ٿو تہ ان ۾ هيٺيون خرابيون پيدا ٿيو وڃن ٿيون.

جيئن تہ وطني قوميت ۾ رهندڙ مختلف قومون فطري طور تي نسلي، لساني ۽ ثقافتي اعتبار سان هڪ ٻئي جي مخالف هونديون آهن تنهن ڪري بظاهر تہ انهن کي هڪ ڌور يا رسي سان تشبيهہ ڏيئي سگهي ٿي پر عملا وطني قوميت جا باشندا امنگن، خواهشن ۽ جذبن وغيره ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ هوندا آهن. جتي رنگ، نسل، زبان، تهذيب ۽ مذهب جا هيڏا سارا اختلاف هجن. اتي رڳو ”هم وطني“ جو جذبو سڀني کي متحد رکي، اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو . وطني قوميت اندر قوميتن جا اختلاف اندر ئي اندر پاڻ مرادو پنهنجو ڪم ڪندا رهن ٿا ۽ اهي ئي اختلاف ۽ جذبا ”گڏيل قوميت“ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ثابت ٿيندا رهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اهي جذبا فطري آهن ۽ هميشه پنهنجو ڪم ڪندا رهن ٿا. تنهن ڪري قوميت جي انهن فطري جذبن جي موجودگي ۾ ”گڏيل قوميت“ جو نقشو نهي ئي نٿو سگهي. وطني قوميت تڏهن ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي، جڏهن اها نهايت ئي طاقتور هجي، ۽ ننڍين قوميتن کي فنا ڪري دٻائي سگهندي هجي.

وطني ”قوميت“ جي ٻي خرابي اها آهي تہ ننڍين قوميتن صدين جي لڳاتار محنت سان تهذيب، ثقافت، مذهب ۽ علم ۽ ادب جي صورت ۾ جيڪو خزانو گڏ ڪيو هوندو آهي، ڪين مجبورا انهيءَ خزاني تان هٿ ڪڻڻو پوندو ۽ نئين تهذيب ۽ تمدن کي قبول ڪرڻو پوندو اٿن. ڪڏهن ڪڏهن اها قرباني غالب قومن کي (سڀني کي مطمئن رکڻ خاطر) خود بہ ڏيڻي پوندي آهي. ظاهر آهي اهڙي طريقي سان علم وادب جو گڏيل پراڻو سرمايو مٽجي وڃي ٿو. زبان بدلجيو وڃي ٿي، نيون روايتون وجود ۾ اچن ٿيون، رسم و رواج

ءِ طور طريقا بدلجيو وڃن ٿا. تاريخ هڪ نئون رخ اختيار ڪري وٺي ٿي. اهڙي نموني سان اڳ جيڪي دشمن هيا، اهي هاڻي هيرو بڻجي ويندا آهن ءِ اڳ جيڪي هيرو هيا هاڻي انهن جا نالا ڪتابن جي صفحن ءِ ذهنن تان ميساريا وڃن ٿا. وطني قوميت مان وڌ ۾ وڌ نقصان مذهب کي پهچي ٿو . جيئن ته مذهب فطري قوميت ءِ ان جي نشانن ءِ سڃاڻپ جي شين کي زبردست اهميت ڏي ٿو ءِ انهن جي وڌڻ ءِ ويجهڻ جو داعي آهي تنهنڪري وطني قوميت ۾ سڀني قوميتن کي مٽائي هڪ وطني قوميت قائم ڪندڙن جي لاءِ اهو وڏي روڪ بڻجي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهي ماڻهو مذهب کي پنهنجي مقصد جي راهه ۾ پٿر سمجهن ٿا. تنهنڪري مذهب کي اجتماعي ءِ سياسي زندگي کان خارج ڪري رڳو مسجد، مندر ءِ ڪليسا تائين محدود رکڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون آهن. مذهب کان جان ڇڏائڻ کان سواءِ وطني قوميت جون ڪوششون ڪڏهن به ڪامياب ٿي نٿيون سگهن. مطلب ته مذهب ءِ اها وطني قوميت ٻئي گڏ هلي نٿا سگهن. ڇو ته ٻئي هڪ ٻئي جي متضاد (ابتڙ) آهن.

وطني قوميت جي ٽين خرابي اها آهي ته جيڪڏهن غالب قوم نسلي ءِ مذهبي تعصب جو شڪار آهي ته اها "وطنيت" جي نالي ۾ اجتماعي ءِ سياسي زندگي جي هر شعبي ۾ پنهنجو اثر قائم ڪري ڇڏي ٿي ءِ ذيلي قوميتن جي اهڃاڻن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جيڪڏهن مغلوب قومون پنهنجي زبان، تهذيب ءِ روايتن جي تباهي تي ڳوڙها ڳاڙين ٿيون، مذهب جي حوالي سان پنهنجن حقن جو مطالبو ڪن ٿيون ته اهڙن مطالبن کي گروهي تعصب، انتشار ڦهلائڻ ءِ وطن سان غداري قرار ڏنو وڃي ٿو جڏهن ته غالب قوميت پنهنجي تهذيب، زبان ڪلچر ءِ مذهب جو نه صرف تحفظ ڪري ٿي بلڪ غلبو قائم رکي ٿي. ان کي ان جو پورو پورو حق حاصل هوندو آهي جيڪا شيءِ غالب قوم لاءِ حق آهي سا مغلوب لاءِ ناحق آهي.



هن ۾ چوٿين خرابي اها آهي ته ڪن حالتن ۾ خود غالب قول کي به سخت نقصان برداشت ڪرڻو پوندو آهي. اها صورتحال تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن غالب قوم ۾ گهٽي هجي پر اها ٻڌي ءِ تنظيم کان محروم هجي ءِ معاشي طور تي بدحال ءِ سياسي لحاظ کان غير منظم هجي ءِ سندس اڳواڻ مفاد پرست هجن، ءِ مفاد پرستي خاطر ليبر پارٽيون قائم ڪندا رهن هجن. نتيجتا ان قوم جي سياسي قوت مفلوج ٿي ويندي آهي ءِ اهي لاتعداد پارٽيون پنهنجا پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن مخالفن يا دشمنن سان سودي بازيون ڪرڻ لڳنديون آهن. اهڙي حالت ۾ گهٽي ڳاڻاٽي جي باوجود اها قوميت ٿورائيءَ واري اقليت جي هٿن ۾ رانديڪو بڻجي ويندي آهي ءِ اقليت هوشياري ءِ تنظيم سببان ڪيس پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪرڻ لڳندي آهي ءِ ان بعد اها ٿورائي واري قوم اڪثريتي آبادي جي آڌار تي اهي ڪارناما سرانجام ڏيڻ لڳندي آهي جيڪي پنهنجي سرانجام ڏيڻ هن لاءِ ممڪن نه هوندا آهن. ٿورائي واري قوم کي وڏو فائدو انهيءَ وقت رسندو آهي، جڏهن ڪيس چونڊن ذريعي گهٽائي واري قوم تي اثر انداز ٿيڻ جو موقعو ملندو اٿس.

قوميت جي هن تصور جي پنجين ءِ سڀ کان وڏي خرابي اها آهي ته مصيبتن ءِ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ جي منجهس صلاحيت بنهه نٿي رهي. وطنيت جي جذبي کي جيڪڏهن ڪا شيءِ زياده طاقتور بنائي سگهي ٿي ته اهو دشمن جو متوقع حملو يا خوف آهي. پر اهو خطرو به قوميت جي مختلف حصن يا ذيلي قوميتن کي تڏهن ئي متحد ءِ منظم ڪري سگهي ٿو جڏهن مختلف ذيلي قوميتن کي ملڪ جي اندر مادي، سماجي ءِ معاشرتي ترقي ءِ اوسر ۾ برابري جا موقعا حاصل هجن. جيڪڏهن اها برابري ءِ معاسي ءِ سماجي انصاف جا موقعا حاصل ناهن ته پوءِ قوميت جو پيڙيل ءِ پيسيل طبقو ٻاهرين حملي جي موقعي تي قومي جذبات سان سرشار ٿي مقابلي لاءِ ڪڏهن به آماده ٿي نٿو سگهي. اهڙي موقعي تي سندس دلي همدريون هم وطن قوم جي بچاء ٻاهرين طاقتن سان رهن ٿيون. چالاڪ ءِ

هوشيار دشمن اهڙن موقعن مان ڀرپور فائدو پڻ حاصل ڪندا رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو پهرين مهاڀاري لڙائي وقت اتحادين انهيءَ جنگ کي مظلومن جي جنگ قرار ڏنو هو ۽ ظالمن جي برخلاف مظلومن کي اٿي کڙو ٿيڻ جو نعرو ڏنو هو انهي نعري دشمن جي مقابلي ۾ کين تمام گهڻو فائدو پڻ پهچايو . پر ڪاميابي کان پوءِ انهن ان نعري جي مٽي پليد ڪري ڇڏي. مطلب ته وطني قوميت پنهنجي اصلي پروگرام کان بلڪل ڦري وڃي ٿي ۽ ان تي ڪڏهن به عمل نٿي ڪري. اها Fifth Column ففٿ ڪالم (جنهن کي اسلامي اصطلاح ۾ منافق سڏيو وڃي ٿو) جي پرورش ۽ واڌاري جو ذريعو بڻجي ٿي. اها ڳالهه يقينا صحيح آهي ته جي قوميت جي سيني طبقن سان، سماجي ۽ معاشي طور تي هڪ جهڙو سلوڪ اختيار ڪيو وڃي ۽ انهن سيني کي مطمئن ڪيو وڃي ته وطني قوميت جون مٿيون خرابيون دور ٿي سگهن ٿيون پر اصل ڳالهه اها آهي ته قوميت جون اهي خرابيون اهڙيون آهن جي خود "وطني قوميت" جي بنياد ۾ شامل آهن تنهنڪري انهن کي ختم ڪري نٿو سگهجي.

**اسلامي نقطه نگاهه سان تنقيد:**

مٿي ذڪر ڪيل قوميت جي ڪارڻن نسل، زبان، رنگ ۽ وطن کي اسلام نه ته بلڪل رد ڪري ٿو ۽ نه وري انهن کي جيئن جو تيئن قائم رهڻ ڏي ٿو . انهن مان جيڪي شيون عقل ۽ فطرت جي مطابق آهن، تن کي اسلام نه فقط تسليم ڪري ٿو، بلڪ انهن کي اهميت ڏيئي، دين جو حصو پڻ بنائي ڇڏي ٿو . محض انهن کي صحيح سمجهڻ ئي ڪافي ناهي، بلڪ انهن تي ايمان آڻڻ به ضروري آهي. قوميت جون جيڪي ڳالهيون فطرت ۽ عقل جي خلاف آهن، اسلام انهن جي باري ۾ به اها وضاحت ڪري ٿو ته انهن کي قوميت جو حصو بنائڻ سان معاشري ۾ فساد پيدا ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو.

**اسلام ۾ نسل ۽ خاندان جي اهميت:**

اسلام نسل ۽ خاندان کي عظيم رشتي جي حيثيت ڏي ٿو ۽ معاشري جي جوڙجڪ ۾ انهي کي ئي بنياد بنائي ٿو . اسلام جي نظر ۾ نسل ۽ خاندان



کي نقصان پهچائڻ يا انهيءَ تعلق کي ٽوڙڻ سخت گناه آهي ۽ فساد ۽ جهيڙن جو ڪارڻ پڻ. انهيءَ سان گڏوگڏ اسلام اهو به چاهي ٿو ته اهو رشتو تعصب ۽ تنگ نظري جي شڪل اختيار نه ڪري، ان مقصد خاطر اسلام هيٺين ڳالهين تي زور ڏي ٿو :

اول اهو ته سمورا انسان هڪڙي ئي خدا جي مخلوق ۽ هڪڙي ئي فرد آدم عہ ۽ حوا عہ جي اولاد آهن. تنهنڪري جيتوڻيڪ حق حقوق "الاقرب فالاقرب" جي اصول تي قائم آهن، پر تنهن هوندي به خاندان، قوم ۽ قبيلي کي حق ۽ ناحق جو معيار ۽ ڪسوٽي بنائڻو ناهي نه وري خانداني، قومي ۽ قبائلي تعصب ۾ انڌو ٿي سچائي ۽ حق و باطل جي عظيم اصولن جي پيچڪڙي ڪرڻي آهي.

ٻيو اهو ته خاندان ۽ قبيلا ، زبان ۽ رنگ فقط سڃاڻپ ۽ تعارف لاءِ آهن اهي شيون نه ته عزت ۽ شرافت جي ڪسوٽي آهن ۽ نه وري خدا جي محبوب هجڻ جي دليل آهن. خدا جي نظر ۾ عزت ۽ مرتبي جي لائق انسان ئي آهن، جيڪي زياده متقي ۽ پرهيزگار آهن ۽ جيڪي شريعت ۽ ان جي قانون جو احترام ڪن ٿا.

ٽيون، اجتماعي ۽ سياسي زندگي لاءِ فقط اهي ئي اصول ۽ قانون صحيح آهن، جيڪي سندن پالڻهار ضرورت خاطر بنايا آهن ۽ اهي قانون ۽ ضابطا جيڪي قبائلي ۽ علا قائي تعصبات کان متاثر ٿي، انسان خود ئي پنهنجي لاءِ بنايا آهن، اهي انسانيت لاءِ ڪڏهن به فائده مند ٿي نٿا سگهن.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن کي قرآن پاڪ ۽ حديث جي ڪتابن ۾ مختلف طريقن سان بيان ڪيو ويو آهي، هت اسين به آيتون ۽ هڪ حديث پيش ڪريون ٿا:

"اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊڄو جنهن اوهان کي هڪ ئي نفس مان پيدا ڪيو ۽ انهيءَ ئي جنس مان سندس گهر واري کي پيدا ڪيو . پوءِ انهن ٻنهي مان تمام گهڻا مرد ۽ تمام گهڻيون عورتون ڦهلايائين ۽ انهيءَ الله کان ڊڄو جنهن جي واسطي سان اوهين هڪٻئي کان مدد گهرندا آهيو ۽ رحم

وارن رشتن جو احترام ڪريو . الله اوهان جو نگهبان آهي.“ (سورة النساء آيت1)

هن آيت مان اهي بنيادي اصول ظاهر ٿين ٿا، جن تي اسلامي معاشرو قائم ٿئي ٿو . هن جاءِ تي ٻه شيون آهن، جن کي همدردي ۽ تعاون جو بنياد بڻايو ويو آهي. هڪ الله تعاليٰ جي ذات کي، جيڪو سڀني جو خلقيندڙ ۽ پالڻهار آهي ۽ ٻيو رحم واري رشتي ۽ تعلق کي.

ٻي آيت آهي:

”اي انسانو! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي خاندانن ۽ قبيلن ۾ انهي ڪري ورهايو آهي ته جيئن توهان سڃاتا وڃو. الله تعاليٰ وٽ توهان مان سڀني کان وڌيڪ عزت جو مستحق اهو شخص آهي، جيڪو ڪانئس سڀ کان وڌيڪ ڊڄي ٿو الله تعاليٰ ڄاڻندڙ ۽ خبر رکندڙ آهي.“ (سورة حجرات، 13)

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته الله تعاليٰ خلق کي پيدا ڪيو، جڏهن پيدا ڪري واندو ٿيو ته رحم اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين ته يا الله! هيءَ انهيءَ شخص جي جاءِ آهي، جيڪو قطع رحمي کان تنهنجي پناه وٺي ٿو ؟ الله تعاليٰ فرمايو ها، ڇا تون ان تي راضي ناهين ته مان ان سان جڙان، جيڪو توسان جوڙي ۽ ان کان ڪٽجان جيڪو تو کان ڪٽجي ٿو ؟ چيائين! آءٌ انهيءَ تي راضي آهيان. الله تعاليٰ فرمايو ! اهو درجو تو کي ڏنو ويو آهي. اها حديث بيان ڪرڻ کان پوءِ رسول الله ﷺ جن قرآن جي اها آيت پڙهي، جنهن ۾ رحم جي رشتن کي ٽوڙيندڙن تي الله تعاليٰ لعنت فرمائي آهي.

هن حديث مان صاف ظاهر پيو ٿئي ته رشتن کي ٽوڙڻ ايڏو گناه آهي، جو انهيءَ جرم جي ڏوهارين تي الله تعاليٰ لعنت موڪلي ٿو ۽ سندن دلين ۽ دماغن تي پردا وجهي ڇڏي ٿو.



**ٻولي ۽ ادب جي حيثيت:**

اسلام سماج جي جوڙجڪ ۾ ٻولي ۽ ادب جي اهميت ۽ ان جي سياسي ۽ اجتماعي حيثيت کي تسليم ڪري ٿو . اسلام ٻوليءَ کي قبائلي تعصب بدران اخلاقي ڪسوٽي تي پرکي، ان جي خوبين کي فروغ ڏيڻ چاهي ٿو ۽ ان جي خرابين کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو . ٻوليءَ جي نالي سان جيڪي راڳ رنگ، ڪوڙيون ڪهاڻيون، جڙتو قصا پيش ڪيا وڃن ٿا ۽ لکها روپيه خرچ ڪري، عوام جا ذهن خراب ڪيا وڃن ٿا، اسلام اهڙي ادب ۽ ٻوليءَ جي انهيءَ انداز کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اسلام صرف انهيءَ ادب کي تسليم ڪري ٿو . جيڪو انساني ذهن جي اوسر ۽ واڌاري ۾ معاون ۽ مددگار بڻجي ٿو ۽ انسان جي فطري صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ سندس مزاج کي صحيح رخ تي آڻي بيهاري ٿو.

عرب ۾ امراء القيس کي قومي شاعر جي حيثيت سان ”شعر“ جو بلند رتبو حاصل هو . پر حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته ”اهو جهنم ۾ سڀني شاعرن جو امام هوندو.“ جيڪڏهن پاڻ سڳورا به ان کي قومي شاعر جو درجو ڏين ها ته ڪيس اشعر الشعراء ٿي سڏين ها، پر پاڻ سڳورن جو نقطئہ نظر اخلاقي هو، تنهن ڪري جيتوڻيڪ امراء القيس عربي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي ۽ عربن کي ادبي ذخيرو پڻ ڏنائين، پر ان سان گڏوگڏ هن فحاشي ۽ بي حيائي جي پرچار ڪري، پنهنجي خدمتن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو . پاڻ سڳورا ڪيترن ئي عربي شاعرن جو ڪلام ٻڌندا هئا. جيئن ته انهن جا شعر فحاشي ۽ خرابي کان پاڪ هيا، تنهن ڪري پاڻ سڳورن انهنجي تعريف فرمائيندا هيا ۽ سندن آفرين ڏيندا هيا. ڪن شاعرن ۽ خطيبن بابت اهو پڻ فرمايائون ته ”اهي حقيقت جو تمام ويجهو پهچي چڪا هئا، مگر حقيقت حاصل نه ڪري سگهيا. حضرت عمر رضہ جن زهير جيڪو جاهليت جي زماني جو شاعر هو، تنهن جي ڪلام کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته هن جي ڪلام ۾ حڪمت ۽ نصيحت جون ڳالهيون

هونديون هيون. ان مان صاف ظاهر آهي ته اسلام ۾ ادب کي قوميت جي هڪ ڪارڻ جي حيثيت سان جيڪو مقام ۽ رتبو حاصل آهي، اهو هر قسم جي ادب کي نه، بلڪ صرف سٺي ۽ پاڪيزه ادب کي حاصل آهي.

روايات: اسلام، قوميت جي جوڙجڪ ۾ تهذيب ۽ رسم رواج جي اهميت کي به تسليم ڪري ٿو. پر جهڙي طرح اهو ٻولي ۽ ادب کي اخلاقي معيار تي پرکي، ان کي رد يا قبول ڪري ٿو، اهڙي طرح اهو تهذيب ۽ قومي روايتن کي به اخلاق جي ڪسوٽي تي جانچي، صحيح شئي کي قبول ڪري ٿو ۽ خراب کي رد ڪري ٿو.

قرآن مجيد هر معاملي ۾ حڪم ٿو ڪري ته اوهين جيڪي به ڪم ڪريو سي معروف مطابق ڪريو. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسلام روايات ۽ قومي طور طريقن کي عزت جي نگاه سان ڏسي ٿو ۽ انهن کي پنهنجي دين جو حصو بنائي ٿو ۽ چوي ٿو ته قومي روايتن جي سٺين شين تي عمل ڪريو ۽ جيڪي رسم رواج ۽ طور طريقا اخلاق ۽ فطرت جي خلاف آهن، تن کي ڇڏي ڏيو. اهڙيءَ طرح عرب جي تاريخي شخصيتن مان حضرت لقمان ۽ ان جي فرزند کي نهايت سهڻي نموني پيش ڪيو ويو آهي. پيءُ ۽ پٽ جي نصيحتن ۽ گفتگو کي ايتري اهميت ملي ٿي، جو الله تعاليٰ هميشه لاءِ قرآن مجيد ۾ انهيءَ جو ذڪر ڪري ڇڏي ٿو. عرب ۾ حضرت لقمان هڪ ڏاهي عالم جي حيثيت سان مشهور هو. سندن نبي هجڻ جو ثبوت گهٽ ۾ گهٽ منهنجي علم ۾ نه آيو آهي. اهڙي طرح الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ذوالقرنين جو به ذڪر عادل ۽ خدا ترس حاڪم جي حيثيت سان ڪيو آهي، حالانڪ هن جو تعلق ڪنهن ٻي قوم سان هو. هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسلام، تهذيب رسم رواج ۽ شخصيات وغيره کي تعصب جي بدران حق ۽ انصاف جي نظر سان ڏسي ٿو. اسلام وٽ خود هڪ ڪسوٽي آهي، جنهن موجب اهو هر شيءِ کي پرکي ٿو ۽ ڪنهن شيءِ کي قبول يا رد ڪري ٿو. اسلام جو اهو معيار نج اخلاقي ۽ عقلي آهي، جڏهن ته ان معاملي ۾ قوميت جو اهو نظريو ڪڏهن



ڪڏهن ته ايڏو متعصب ٿيو پوي، جو فرعون جهڙي ظالم، جابر ۽ فاسق انسان کي فقط ان ڪري پنهنجو ليڊر تسليم ڪيو وڃي ٿو، جو اهو سندن قوم جو فرد هو. ان جي برخلاف حضرت موسيٰ عليه السلام کي فقط ان ڪري پنهنجو رهنما تسليم نه ٿو ڪيو وڃي، جو اهو سندن قوم مان نه هو، پر ٻي قوم جو فرد هو.

**اسلام ۾ وطن جي حيثيت:**

اسلام وطن کي وڏي اهميت ڏي ٿو. ايستائين جو جيڪڏهن ڪو مسلمان وطن جي حفاظت ڪندي ماريو وڃي ته ان جي موت کي اسلام شهادت جو موت چوي ٿو. وطن جي ايڏي وڏي اهميت جي باوجود اسلام ان کي حق ۽ انصاف جي اصولن جي تابع رکيو آهي. اسلام انسان جي عظمت ۽ احترام جو ڪارڻ عقل ۽ فهم، اخلاق ۽ عمل کي قرار ڏي ٿو نه ڪ زمين جي ڪنهن خاص علائقي يا ڪنهن خاص زبان کي، تنهن ڪري اسلام ۾ انسان جي عقلي، اخلاقي ۽ فطري گهرجن جي اهميت ٻين سڀني گهرجن کان وڌيڪ آهي. جيڪڏهن ڪٿي عقل ۽ اخلاق جي مطالبن ۽ وطن جي مطالبن ۾ ٽڪراءُ پيدا ٿي پوي ته اسلام جو حڪم آهي ته انسان عقل، اخلاق ۽ فطرت جي گهرجن جو ساٿ ڏي ۽ وطن جي غيرفطري ۽ هٺرادو مطالبن کي ٺڪرائي ڇڏي. جيڪڏهن ڌرتي جي ڪنهن حصي تي انسان پنهنجن اخلاقي ۽ ايماني تقاضن کي پورو ڪري نه سگهندو هجي ۽ حق کان دستبردار ٿيڻ تي مجبور ٿيندو هجي ته اهڙي صورت ۾ زمين جي انهيءَ ٽڪري سان چهٽيل رهڻ ۽ هجرت نه ڪرڻ، اها بزدلي آهي. هڪ سچي ۽ حقيقي مسلمان لاءِ اهڙي صورت ۾ ٻه رستا کليل آهن، يا ته هو همت سان حالتن جو مقابلو ڪري ۽ پنهنجا ديني فرض سرانجام ڏيندو رهي ۽ جيڪڏهن منجهس ايتري طاقت نه آهي ته پوءِ ٻيو رستو اهو اٿس ته پنهنجي دين ۽ ايمان جي حفاظت خاطر هجرت ڪري وڃي، اهڙي هنڌ رهي، جت دين ۽ شريعت مطابق زندگي گذاري سگهي، توڙي ڪٿي اهڙي جاءِ تي سندس

دنياوي نعمتون ۽ لذتون مورڳو حاصل نہ ٿين. پر بهرحال دين ۽ ايمان جي حفاظت اڻس فرض آهي. ائين نہ ڪرڻ ۽ اتي ئي رهڻ جي صورت ۾ مخالف ماحول جو اثر قبول ڪري، ايمان جي دولت کان ضرور محروم ٿيڻو پوندو . الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

"فرشتا جن ماڻهن جو ساهہ انهيءَ حالت ۾ ڪيندا آهن، جو اهي (دارالڪفر ۾ رهڻ سبب) پنهنجن نفسن تي ظلم ڪري رهيا هوندا. فرشتا کانئن پڇندا اوهان ڪهڙي حالت ۾ پئي رهيو؟ اهي چوندا، اسان پنهنجي وطن ۾ بي وس ۽ مظلوم هئاسين. فرشتا کين چوندا، ڇا الله تعاليٰ جي زمين وسيع ڪونہ هئي جو اوهان اوڏانهن لڏي وڃو ها. اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن جي رهڻ جي جاءِ جهنم آهي ۽ اها بري جاءِ آهي."

**مذهب:**

اسلام، مذهب کي قوميت جو هڪ اهم عامل (ڪارڻ) قرار ڏئي ٿو . پر جيڪڏهن ڪو مذهب شرڪ تي ٻڌل هجي ۽ قومي عصبيت سببان مذهب جي فطري صداقتن کي ميساري ان جي شڪل بدلائي وئي هجي تہ اسلام اهڙي مذهب کي نہ تہ صحيح سمجهي ٿو ۽ نہ وري ان کي قوميت جي جوڙجڪ جو ڪو حق ڏئي ٿو . اهڙي مذهب ۾ اهي سڀ برايون موجود هونديون آهن، جيڪي رنگ، نسل ۽ خاندان جي بنياد تي ٻڌل قوميتن ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن مشرڪن جي مذهبن تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ گويا اهي مذهب پنهنجن پوئلڳن ۾ تعصب، حسد، ۽ قوم پرستانہ جذبو بيدار ڪرڻ لاءِ ئي وجود ۾ آيا آهن. يهودي مذهب کي انهيءَ کان ڌار ڪري سگهجي ٿو ۽ چئي سگهجي ٿو تہ هي هڪ خدائي مذهب آهي، پر جيئن مٿي بيان ٿي چڪو تہ بني اسرائيل ڦيرڦار ڪري، هن مذهب کي خدائي مذهب جي بجاءِ قومي مذهب جي شڪل ڏيئي ڇڏي. جيئن تہ دنيا جي سڀني مذهبن ۾ اها ڪمزوري موجود آهي، تنهن ڪري اسلام انهن مان ڪنهن کي بہ اهو حق نٿو ڏئي تہ اهي صحيح ۽ فطري قوميت جو بنياد بڻجي



سگهن.

**اسلام ۾ قوميت جو بنياد:**

هاڻي پڌري پٽ اهو معلوم ٿي چڪو تہ اسلام قوميت جي مروجہ بنيادي جزن مان ڪنهن بہ جزي کي حقيقي تسليم نٿو ڪري، تنهن ڪري اسلام جي نظر ۾ انهن مان ڪنهن کي بہ اهو حق حاصل نہ آهي تہ اهو سماجي جوڙجڪ ڪري سگهي يا سياسي نظام جي بنياد ٻڌجي سگهي. ڇاڪاڻ تہ اسلام جي نظر ۾ عام نظريا ۽ فلسفا صحيح ۽ حقيقي قوميت قائم ڪرڻ جي صلاحيت کان بنهہ قاصر آهن.

هتي هي سوال اڀري ٿو تہ جڏهن اسلام موجوده قوميت جي بنيادي جزن کي تسليم نٿو ڪري تہ پوءِ آخر اسلام جي نظر ۾ قوميت جي بنياد ڪهڙي شيءِ آهي؟ دراصل اسلام ۾ "قوميت" جو بنياد خود اسلام ئي آهي. جو شخص اسلام قبول ڪري وٺي ٿو اهو "اسلامي ملت" جو حصو بنجي وڃي ٿو ان جي برخلاف جو شخص اسلام قبول نٿو ڪري اهو هرگز "اسلامي ملت" ۾ شمار نٿو ٿي سگهي.

جيتوڻيڪ اها هڪ واضح حقيقت آهي، پر قوميت جا نت نوان نظريا ذهنن ۾ ايترو تہ ويهجي چڪا آهن، جو ٻيا تہ ٺهيو، خود مسلمان بہ اسلام کي قوميت جو بنياد مڃڻ لاءِ تيار ناهن. جيستائين ڪو شخص لااله الاالله جو اقرار نہ ٿو ڪري، تيستائين اهو اسلامي ملت جو حصو بنجي نٿو سگهي. عرب قوم جنهن دين کي قبول ڪري، سڀ کان اڳ اهو اعلان ڪيو تہ اسلامي ملت اسلامي اصولن ۽ عقيدن تي قائم آهي، رنگ، نسل يا وطن جا جزا هن جي ملت جو حصو ناهن. پر افسوس جو هن وقت اهي ساڳيا عرب، قوميت جي نسلي ۽ وطني تحريڪ جو جهنڊو ڪڻي اٿيا آهن. اها صورتحال تقاضا ڪري ٿي تہ اصل حقيقت کي ڇٽو ڪجي.

**قوميت بابت انبياء ڪرام جو عمل:**

قوميت جي متعلق حضرت محمدصہ جن ۽ ٻين سڀني انبيائن جو

طريقو ۽ عمل هڪجهڙوئي هو . حضرت نوح عليه السلام کان وٺي خاتم الانبياء حضرت محمد صہ جن تائين قرآن ۾ جا تاريخ بيان ڪئي وئي آهي، ان مان اها ڳالهہ پڌري ٿئي ٿي تہ جيتوڻيڪ سڀئي انبياء رنگ، نسل، زبان ۽ وطن وغيره جي بنياد تي قائم ٿيل قوميتن مان ئي اٿيا، پر ان جي باوجود هنن اهڙي قوميت کي ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪيو. تسليم نہ ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي تہ هنن قوميت جي فطري ۽ جائز حدود ۾ جزن کان بہ انڪار ڪيو . جيستائين قوميت جي فطري حقن جو تعلق آهي تہ پيغمبرن نہ فقط انهن حقن کي تسليم ڪيو ، پر انهن تي وڏو ۾ زور پڻ ڏنائون. پنهنجي خاندان جي فرد يا ديس واري سان جيڪا محبت ۽ سڪ هڪ عام ماڻهو منجهہ پيدا ٿئي ٿي، انبياء عليهم السلام جن پنهنجن ماڻهن سان انهيءَ کان ڪيترا دفعا وڌيڪ سڪ ۽ محبت جو مظاهرو ڪيو . سمورا پيغمبر پنهنجي قوم ۽ قبيلي جا سڀ کان وڌيڪ خير خواه ۽ همدرد هئا ۽ انهن هميشه پنهنجي قوم کي ”اي منهنجي قوم“ جي محبت ۽ پيار پريل لفظن سان خطاب ڪيو . پر نبين پنهنجي قوم جي باري ۾ ڪڏهن بہ اهو اعلان نہ ڪيو تہ فلاڻي رنگ ۽ نسل جا ماڻهو هڪڙي قوم آهن، يا فلاڻا هڪ ٻولي ڳالهائڻ وارا هڪڙي قوم آهن، تنهن ڪري انهن کي هڪڙي قوم جي حيثيت سان متفق ۽ متحد ٿيڻ گهرجي يا ڪنهن بہ نبيءَ ائين نہ چيو تہ فلاڻي پهاڙ کان وٺي فلاڻي دريا يا ندي تائين رهندڙ سڀ انسان هڪڙي قوم آهن، نہ وري انهن مان ڪنهن بہ اها ڳالهہ چئي آهي ”آئون پنهنجي قوم جو مددگار ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي آيو آهيان، توڙي ڪٿي اها حق تي هجي يا ناحق تي.“

فردن کي پنهنجي وڏڙن، زبانن وارن يا پنهنجي نسل جي ماڻهن سان جيڪا محبت ٿئي ٿي ۽ اها محبت ئي آهي جنهن جي ڪري قوم جا ماڻهو پنهنجن بزرگن جي ڇڏيل شين يا روايتن سان چهٽي ۽ چنبڙي پون ٿا. انبياء عليهم السلام ماڻهن جي انهيءَ مزاج ۽ فطرت کان چڱيءَ طرح واقف هيا، قوميت جي انهن شين جو اثبات ڪري، هنن پنهنجي دعوتي ۽ تبليغي ڪم



کي فائدو پڻ پهچايو ، پر ان سلسلي ۾ يعني قوميت جي روايتن ۽ آثارن جو هنن هڪ حد تائين ئي اثبات ڪيو. انهن شين کي حق ۽ ناحق جي ڪسوٽي هرگز نہ بنايو . مثال طور ، اسلام متعلق قرآن پاڪ عربن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”هي اوهان جي ڏاڏي حضرت ابراهيم عہ جو دين آهي.“ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن بابت فرمايو ويو ”هي اوهان جي پنهنجي ئي قوم جو هڪ فرد آهي.“ يا خود قرآن پاڪ متعلق الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ ”هي عربي زبان ۾ نازل ڪيو ويو آهي.“

هتي هي ڳالهہ فراموش نہ ڪرڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ خاندان يا ٻولي جو ذڪر ان ڪري نہ ڪيو آهي تہ ڪيس ان مان خانداني فوقيت ثابت ڪرڻي هئي يا اهو ڏيکارڻو هوس تہ قرآن مجيد عربي ادب جو اعليٰ نمونو آهي. پر هتي انهن شين جي ذڪر مان مقصد قرآن ۽ پيغمبر ڏانهن توجہ ڇڪائڻو هو . نبين سڀني نہ فقط اهو تہ انسانن کي زبانن ۽ رنگ ونسل جي آڌار تي دعوت ڪانہ ڏني، پر هنن اهڙن سڀني تنظيمن کي ٽوڙي پاش پاش ڪري ڇڏيو ۽ ايمان ۽ عقيدي جي بنياد تي هڪ نئين برادري قائم ڪيائون، جيڪي نبي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي پنهنجن عقيدن ۽ اصولن تي آڻڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا، تن پاڻ کي قوم کان بلڪل لاتعلق ڪري ڇڏيو ۽ ڪين جنهن بہ علائقي ۾ دعوت جي لاءِ ڪم ڪرڻ جا موقعا مليا ۽ ايمان ۽ عقيدي جي بنياد تي تنظيم قائم ڪرڻ جا رستا نظر آيا اوڏانهن لڏي ويا.

هونئن تہ هر نبي جي زندگي مان ان ڳالهہ جي شاهدي ملي ٿي. ڊيگهہ کان بچڻ لاءِ هتي ٽن جليل القدر نبين سڀني حضرت نوح عہ، حضرت ابراهيم عہ ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي زندگين جا مثال پيش ڪجن ٿا.

**حضرت نوح عليه السلام جي سيرت:**

حضرت نوح عليه السلام پنهنجي قوم جي اڳيان جيڪا دعوت رکي سا قرآن جي لفظن ۾ هينئن هئي:

”اي منهنجي قوم! مان الله تعاليٰ جي طرفان اوهان ڏانهن ڪليل

ڊيڄاريندڙ ٿي آيو آهيان ۽ اوهان کي دعوت ڏيان ٿو ته اوهين سندس ئي بندگي ڪريو ڪائنس ڊڄو ۽ منهنجي ڳالهه مڃو. (2-3 نوح)

حضرت نوح عليه السلام جن جنهن درد ۽ جذبي سان قوم کي اها دعوت ڏني ۽ قوم جنهن تڪبر سان انهيءَ کي ٺڪرايو، تنهن جو ذڪر قرآن ۾ هن ريت ڪيو ويو آهي:

”اي منهنجا پالڻهار آئون پنهنجي قوم کي ڏينهن رات پڪاريندو رهيس پر منهنجي دعوت ڏيڻ سان اهي ويتر پري ٿيندا ويا ۽ ڀڄندا رهيا. مون جڏهن به کين مغفرت لاءِ سڏيو ته انهن پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڇڏيون ۽ پاڻ کي ڪپڙن سان ڍڪي ڇڏيائون ۽ ضد ۽ هٺ ڪيائون. مون ڏاڍيان به سڏيو ته کين هوريان ۽ آهستي ۽ ڳجهي نموني پڻ. (5-10 سورة نوح)

حضرت نوح عليه السلام سوز ۽ محبت سان پنهنجي قوم اڳيان دعوت پيش ڪندا رهيا، پر جڏهن قوم سندن دعوت کي ٺڪرائي ڇڏيو ته حضرت نوح عليه السلام جو اهو پيار ۽ محبت بيزاري جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ پاڻ قوم کي تباهه ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏنائون، ۽ هڪ اهڙي جمعيت ٺاهيائون جا خدا پرست ۽ متقي هئي. صالح انسانن جي اها ئي اها جماعت هئي، جيڪا اڳتي هلي حضرت نوح جي دعوت جي وارث بنجي ويئي ۽ انهيءَ مان ئي مختلف قومون موجود ۾ آيون.

قرآن پاڪ ۾ آهي:

”۽ نوح ع دعا ڪئي ته اي منهنجا پالڻهار! ڌرتي تي ڪنهن به ڪافر جو وجود باقي نه ڇڏ . جيڪڏهن تون انهن کي ڇڏيندين ته اهي تنهنجن ٻانهن کي کي گمراهه ڪندا ۽ اهي نه ڄڻيندا، مگر منڪر ۽ ناشڪرا، اي منهنجا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي پيءُ ماءُ کي معاف ڪر ۽ انهن کي بخش، جيڪي منهنجي گهر ۾ ايمان جي حالت ۾ داخل ٿيا ۽ مومن مردن ۽ مومن عورتن کي بخش ۽ ظالمن لاءِ تباهي ۽ بربادي آڻ.“ (26-28 نوح)

مولانا امين احسن اصلاحي

# قوميت

## فائدا ۽ نقصان، هڪ تجزياتي جائزو

نوح عليه السلام جي قوم ۾ اهي سڀئي علامتون ۽ خاصيتون موجود هيون، جيڪي نسلي، قومي ۽ وطني قوميت لاءِ ضروري سمجهيون وينديون آهن. اهي هڪ ئي نسل مان هئا، هڪڙي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا، جاگرافيائي لحاظ سان بہ هنن جا مفاد گڏيل هيا. سندن خانداني مذهب بہ ساڳيو هو، جنهن ۾ ود، سواع، يغوث، يعوق ۽ نسر جهڙن مشهور ديوتائن جي پوڄا ٿيندي هئي. سندن ليڊري بہ دولت مندن ۽ وڏن ماڻهن جي هٿن ۾ هئي. سورة نوح جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي اڳواڻ پنهنجي زماني جي تمام چالبازين ۾ اڳرا هيا.

قوميت جي عام مفهوم ۽ تصور کي سامهون رکي، جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ انهيءَ قوم ۾ اهي سڀ شيون موجود هيون، جيڪي ڪنهن قوم کي باقاعده قوم بنائڻ لاءِ ضرور سمجهيون وڃن ٿيون. حضرت نوح عليه السلام جا لفظ صاف ٻڌائين ٿا تہ سندن پنهنجي قوم سان گهڻو پيار ۽ محبت هئي. سوال هي آهي تہ واقعي سندن قوم سان محبت هئي تہ پوءِ آخر قوم جي وحدت کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڇو ڪيائون ؟ جيڪڏهن اهي قومي حيثيت سان قوم جي ترقي جا خواهشمند هيا تہ ان جو بهتر ۽ ڪامياب طريقو تہ هي هيو تہ هو اهڙو نعرو لڳائين ها، جيڪو قوم جي خون کي گرمائي ها، سندن جذبن کي ڀڙڪائي ها. آخر حضرت نوح عليه السلام جي مقابلي ۾ قوم پرست ليڊر بہ تہ ود، سواع، يغوث ۽ يعوق جي نالي جو سهارو وٺي، ماڻهن کي سندن خلاف ڀڙڪائي رهيا هئا ۽ چوندا هئا تہ هي اوهان کي انهن مقدس قوم معبودن جي عبادت ڪرڻ کان روڪي ٿو، جن کي اسانجي قومي زندگي



۾ نهايت وڏي حيثيت حاصل آهي ۽ اوهان جي قوميت ۽ قومي طاقت کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. آخر حضرت نوح عليه السلام جن بہ تہ ڪو نعرو هڻي، پنهنجي قوم کي پاڻ سان ملائي پئي سگهيا. پر هن اهڙو طريقو اختيار نہ ڪيو، بلڪ ماڻهن کي سنئون سڌو خدا جي بندگي ڏانهن سڏيو ۽ جن بہ سندن سڏ تي لبيڪ چيو تن کي پنهنجو ساٿي بنايو.

**حضرت ابراهيم عليه السلام جي بيزاري:**

ساڳي طرح حضرت ابراهيم عليه السلام جي قوم جو بنياد نسل، زبان ۽ وطن تي رکيل هو. سندن پنهنجي قوم سان گهڻي محبت بہ هين. پر انهيءَ محبت جي باوجود هنن اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو تہ هٽرادو قوميت سان سدائين گڏجي سڏجي رهن يا انهن جا ليڊر ۽ قائد بڻجن، بلڪ انهن پنهنجي قوم کي قوميت جي انهي نظريي کان ٻاهر ڪڍي، خالص توحيد ۽ خدا پرستي جي آڌار تي متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن قوم جي ماڻهن سندن ڳالهہ نہ مڃي تہ پوءِ پاڻ قوم جي سڀني رشتن ۽ لاڳاپن کي ٽوڙي، هجرت اختيار ڪيائون ۽ پنهنجي اولاد مان حضرت اسماعيل عليه السلام کي هڪ ويران بيابان علاقي ۾ ڇڏيائون ۽ الله تعاليٰ کان دعا پنيائون تہ اي مولا! منهنجي نسل مان هڪڙي اهڙي امت اٿار، جا تنهنجي مطيع ۽ فرمانبردار هجي، جيڪا نسل، نسب، ٻولي ۽ وطن جي بجاءِ توحيد ۽ خداپرستي تي ٻڌل هجي. حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي قوم کان هجرت ڪرڻ وقت جيڪي الفاظ چيا هئا، سي قرآن مجيد ۾ هيٺين لفظن ۾ بيان ڪيا ويا آهن:

”توهان لاءِ ابراهيم ۽ ان جي ساٿين جي زندگي هڪ سهڻو نمونو آهي، جنهن وقت هن پنهنجي قوم کي چيو تہ اسين اوهان ۽ انهن کان جن کي خدا کان سواءِ اوهين پوڄيو ٿا، بالڪل لاتعلق آهيون. اسين اوهان جي دين جا منڪر آهيون، اوهان ۽ اسان جي وچ ۾ دشمني بالڪل ظاهر ظهور آهي. جيستائين اوهين هڪڙي الله تي ايمان نٿا آڻيو.“ (ممتحنه 4)

هن آيت ۾ اها ڳالهه غور جوڳي آهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام جن نه فقط قوم جي بت پرستانه دين کان بيزاري جو اعلان ڪيو، پر پوري قوم کان پڻ لاتعلقي اختيار ڪيائون ۽ وضاحت سان اهو اعلان ڪيائون ته اسان جا تعلقات ٻيهر انهيءَ صورت ۾ جڙي سگهن ٿا، جو اوهين هڪڙي ئي خدا جي عبادت ڪرڻ لڳو . ان مان اها ڳالهه پڌري ٿيو پوي ته حضرت ابراهيم جن اهڙي قوميت جا قائل نه هئا، جيڪا وطن، نسل ۽ قوميت تي قائم هجي ۽ جنهن جو دين سان ڪوبه واسطو نه هجي ۽ نه وري ان قوم جي اڏاوت ڪنهن غلط دين تي قائم ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

**قوميت بابت حضور صلي الله عليه وسلم جن جو رويو:**

حضور اڪرم ﷺ جن جي قوم نسلي ۽ خانداني تعصب سببان ملڪان ملڪ مشهور هئي. عرب پنهنجي ٻولي تي تمام گهڻو فخر ڪندا هئا، اهي پنهنجي وطن ۽ ديس تي ساهه پڻ ڏيندا هئا ۽ پنهنجي رسم و رواج ۽ خانداني بت پرستانه دين سان به ڪين عشق جي حد تائين محبت هوندي هين، اهي ئي اهي بنيادون هيون، جن تي عربي قوميت جا پٿر رکيل هئا، اهي شيون عربن جي خون ۾ شامل ٿي چڪيون هيون، ۽ انهن جي سهاري وڻڻ کان سواءِ وڏي کان وڏي شخصيت به منجهن اپري نه سگهندي هئي. پر پاڻ ﷺ جن پنهنجي قوم سان انتهائي محبت رکڻ جي باوجود قوم جي انهن نظرين ۽ عقيدن جو نه فقط ساٿ نه ڏنائون، بلڪ سندن دعوت جو پهريون ئي حملو عربي قوميت خلاف هو . حضور ﷺ جن جي قوم ۾ ڪيترين ئي پيڙهين تائين بت پرستي جو رواج هو ۽ ڪين متحد رکڻ ۾ به انهيءَ بت پرستانه دين کي وڏو دخل هو. پاڻ سڳورن "لا اله الاالله محمد رسول الله" جو اعلان ڪري، اتحاد ۽ قوميت جي انهيءَ بنياد کي لوڏي ڇڏيو ۽ جن عربن کي پنهنجي ٻولي ۽ خانداني عزت لاءِ وڏو گهمنڊ هوندو هو. پاڻ سڳورن سندن انهي غرور کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو . ان سلسلي جون ڪي آيتون اسين ڏئي چڪا آهيون، هتي چند حديثن جو ترجمو پيش ڪجي ٿو .



"نه ڪنهن عربي کي عجمي (غير عربيءَ) تي ڪا فضيلت آهي ۽ نه وري ڪنهن عجمي کي عربي تي ڪو مرتبو حاصل آهي. اوهين سڀئي آدم (عليه السلام) جي اولاد آهيو." (بخاري ۽ مسلم)

"نه ڪنهن عربي کي ڪنهن عجمي تي ڪو درجو ۽ رتبو حاصل آهي ۽ نه ڪنهن عجمي کي عربي تي ڪا فضيلت آهي، نه ڪنهن گوري کي ڪنهن ڪاري تي ڪا فضيلت آهي ۽ نه ڪنهن ڪاري کي ڪنهن گوري تي ڪا فضيلت آهي. فضيلت ۽ عزت جي ڪسوٽي فقط تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي." (زاد المعاد)

"اي قريشيو! الله تعاليٰ اوهان جي جاهليت جي زماني واري تڪبر ۽ ابن ڏاڏن واري غرور کي پاش پاش ڪري ڇڏيو آهي."

عربن کي پنهنجي وطن ۽ ديس سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي، اها ئي محبت سندن قوميت جو هڪ ڪارڻ هئي. خود پاڻ سڳورن ﷺ جن کي به پنهنجي وطن سان محبت هئي. پر انهيءَ محبت جي باوجود اسلام جي سربلندي خاطر پاڻ سڳورن پنهنجو پيارو وطن ڇڏي ڏنو ۽ اهو چوندي ڇڏيائون ته "اي مڪ! تون مون کي دنيا جي هر جاءِ کان وڌيڪ محبوب آهين، پر ڇا ڪريان، تنهنجا فرزند مون کي هت رهڻ نٿا ڏين." حضور ﷺ جن جو اهو قول هن ڳالهه جو عملي اعلان هو ته وطن هڪ وڏي شيءِ آهي، پر ان وطن جي ايڏي اهميت جي باوجود هن کي اهو مقام ڪڏهن به حاصل نه آهي ته اهو ايمان ۽ عقيدي کان به مٿيري جاءِ ولاري .

حضور ﷺ جن جي قوم، ريتن ۽ رسمن ۾ به تمام گهڻي قائل هئي، سندن قوميت جي اڏاوت ۾ روايتن کي به وڏو عمل دخل هو. پر حضور ﷺ جن حجته الوداع جي خطبي ۾ اهو چئي، انهن سڀني باطل روايتن کي ختم ڪري ڇڏيو ته "ياد رکو توهان جو جاهليت واري زماني جو سڄو غرور ۽ تڪبر ۽ جان ۽ مال جون سڀئي دعوائون اڄ منهنجي پيرن هيٺان آهن."

نسل، خاندان، ٻولي ۽ وطن جي بنياد تي قائم قوميتن ۾ سموري اهميت انهن ئي شين کي حاصل هوندي آهي ۽ قوميت جي هر فرد کان اها توقع رکي ويندي آهي ته اهو نسل، خاندان، ٻولي ۽ وطن جي جذبات سان ايڏو سرشار ٿي وڃي، جو انهن جي خلاف ڪابه ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه هجي ۽ جڏهن به قوم جي مفاد برخلاف ڪا ڳالهه ڇڻي وڃي ته هو ان جي دفاع خاطر مارڻ مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.عربي ٻولي ۾"عصبيت" يا "قومي تعصب" انهيءَ جذبي جو ئي نالو آهي ۽ هر قوميت پنهنجي استحڪام لاءِ قومي عصبيت جي انهيءَ جذبي کان ڪم وٺي ٿي ٿي، پر پاڻ سڳورن اهو اعلان ڪري هميشه لاءِ تعصب جي انهيءَ برائي کي ختم ڪري ڇڏيو ته. "جنهن جو موت تعصب يعني"عصبيت" تي ٿيو اهو اسان منجهان ناهي، جنهن "عصبيت" جو نعرو لڳايو . اهو به اسان منجهان ناهي، جيڪو ڪنهن تعصب جي ڪري وڙهيو، اهو به اسان منجهان ناهي." (ابو داود — ڪتاب الادب)

هتي اها حقيقت به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته حضور ﷺ جن، قوميت جي ڪري ئي نسلي ۽ وطني قوميت جي علمبردارن جي نگاهن ۾ ڪنڊي وانگر چڀندا رهيا. قوم پاران سندن دشمني ۽ قوم ۾ ڦيٽارو پيدا ڪندڙ جا الزام مڙهي ايذاء ڏنا پئي ويا. پر حضور ﷺ جن انهن تڪليفن ۽ مخالفن جي ڪابه پرواهه ڪانه ڪئي ۽ ايمان ۽ عقيدي جي بنياد تي نئين معاشري کي تعمير جو پنهنجو ڪم جاري رکندا آيا.

حضور ﷺ جن جي هجرت کان پوءِ سندن قوم جي ماڻهن اها پروپيگنڊه شروع ڪري ڏني ته محمد ﷺ پنهنجي قوم جا باغي ٻڌجي، مديني ڏانهن هليا ويا آهن ۽ پنهنجي قوم سان بغاوت ڪندڙ هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا آهن، تنهن ڪري قريشن پاڻ سڳورن کي "ابتر" جو لقب ڏنو . پر الله تعاليٰ فرمايو ته خدا ڪارڻ پنهنجي قوم کي ڇڏڻ وارا ابتر نه هوندا آهن، بلڪ ابتر اُهي هوندا آهن، جيڪي قوم خاطر خدا کي ڇڏي ويندا آهن. جنگ بدر ۾ جنهن وقت قريشن پنهنجي اکين سان اهو پئي ڏٺو ته دين



۽ عقيدي جي سوال قريشن کي قريشن جي مقابلي ۾ آڻي بيهاريو آهي ته ابوجهل جيڪو "قريشي قوميت" جو وڏو علمبردار هيو، سو اهو منظر ڏسي واڇڙو ٿي ويو ۽ بلند آواز سان اها دعا گهرڻ لڳو "يا الله جنهن شخص قطع رحمي جو اهو بنياد وڌو آهي، تون ان کي شڪست ڏيار." جيتوڻيڪ رحم جو رشتو الله تعاليٰ کي ڏاڍو محبوب آهي، پر خود الله تعاليٰ جا حق ٻين سڀني حقن کان مٿانهون آهن، تنهن ڪري الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي ڪاميابي سان نوازيو . جن سندس ذات لاءِ نسلي ۽ خانداني تعلقات کي پنيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو .

مطلب ته رسول الله ﷺ جن تمام تر مخالفت جي باوجود اهڙو سماج قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا، جنهن ۾ ايمان جي مقابلي ۾ نسل، نسب، ٻولي يا وطن کي ڪا اهميت حاصل ڪونه هئي، جنهن ۾ هڪ غلام حبشي يا هڪ غلام رومي کي سندس ايمان ۽ تقويٰ جي ڪري بلند مقام حاصل هيو . هڪڙي قريشي يا هاشمي کي ايمان يا عقيدي کان محرومي سبب ڪا اهميت حاصل ڪانه هئي. ايمان ۽ عقيدي جي بنياد تي قائم هن سماج ۾ نسلي ۽ وطني ڪارڻن بدران دين لاءِ هجرت ۽ نصرت جي جذبي ڪم ڏيکاريو . پنهنجي ملڪ ۽ قوم ۾ رهندي، جيڪي شخص دين ۽ ايمان جي تقاضا پوري نه پئي ڪري سگهيا، انهن کي حڪم مليو ته هو پنهنجي وطن، قوم ۽ قبيلي کي ڇڏي، اهڙي هنڌ هليا وڃن، جتي سندن دين ۽ ايمان لاءِ حالتون سازگار هجن ۽ انهن مهاجرن کي جيڪي دين ۾ داخل ٿي چڪا هيا، تن کي حڪم مليو ته اهي انصار ڀائرن جي هر نموني سان مدد ڪن، ڇاڪاڻ ته پنهنجي وطن ۾ انهن لاءِ دين ايمان جو بچاءُ مشڪل، بلڪ ناممڪن ٿي پيو هو، انهي حڪم موجب انصارن پنهنجن خوني رشتن کي ڇڏي، ديني آڌار تي مڪي جي مهاجرن کي پنهنجو ڀاءُ بنائي ڇڏيو. اندازو لڳايو ته ڪيئن نه دين، ايمان ۽ عقيدي جي سوال تي هنن پنهنجا انتهائي ويجها رشتا، مٽيون مائٽيون ۽ دوست احباب وغيره ڇڏي ڏنا.

انهي "هجرت" ۽ "نصرت" مان هڪ نئون معاشرو جڙي تيار ٿيو ۽ مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ تعلقات جو هڪ نهايت ئي اونهو سلسلو قائم ٿي ويو. انصارن پنهنجي مهاجر ڀائرن لاءِ ايثار ۽ قرباني جا اهي مثال قائم ڪيا، جن جو خوني ۽ نسلي رشتن جي تاريخ ۾ ڪو مثال ملڻ ئي مشڪل آهي. ماڻهن پنهنجي جائيداد، ملڪيتن ۽ ڪاروبار ۾ مهاجر ڀائرن کي برابر حصي دار بنائي ڇڏيو. دنيا ايثار ۽ محبت جو اهو مظاهرو پڻ ڏٺو ته جن وٽ ٻه زالون هيون، تن هڪ کي طلاق ڏيئي، اها پنهنجي مهاجر ڀاءُ جي نڪاح ۾ ڏيئي ڇڏي. انهي ديني برادري جي حيثيت محض اخلاقي نه هئي، بلڪ ڪافي عرصي تائين ان کي باقاعده هڪ شرعي ۽ قانوني حيثيت به حاصل رهي. وراثت جي تقسيم به ان موجب ڪئي ويندي هئي.

جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن غلط سوسائٽي ۾ (توڙي اهو وطن يا ديس ڇو نه هجي) ڦاٿل هو ته ان لاءِ شرعي لحاظ سان ضروري هو ته هو انهيءَ غلط ماحول مان نڪري، بهتر ۽ صالح سوسائٽي ۾ اچي داخل ٿئي. ڪنهن سخت مجبوري کان سواءِ نئين صالح سماج ۾ داخل نه ٿيندڙ کي منافق سڏيو ويندو هو ۽ مسلمان شرعي لحاظ سان ان جي ڪابه مدد ۽ نصرت ڪرڻ جا پابند نه هيا. ان سلسلي ۾ ڪي حڪم هي آهن:

ترجمو: اي ايمان وارو! جيڪڏهن اوهان جا والد ۽ ڀائر ايمان جي مقابلي ۾ ڪفر کي ڀائين ته پوءِ انهن کي به پنهنجو عزيز ۽ مائٽ نه بنايو ۽ جيڪي ائين ڪندا، سي ظالمن ۾ شمار ٿيندا.

ترجمو: (اي پيغمبر) چئي ڇڏيون ته جيڪڏهن اوهان جا والد اوهان جي اولاد، اوهان جا ڀائر، اوهان جون زالون ۽ خاندان ۽ اهو مال جيڪو اوهان ڪمايو آهي جنهن جي نقصان پوڻ ۽ ڪٽڻ جو اوهان کي انديشو آهي ۽ اهي گهر جيڪي اوهان کي پسند آهن جيڪڏهن اوهان کي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ الله جي راهه ۾ جهاد کان وڌيڪ پيارا آهن ته پوءِ انتظار ڪريو،



ايستائين جو الله پنهنجو فيصلو صادر ڪري ۽ الله تعاليٰ نافرمانن کي سنئون رستو نه ڏيکاريندو آهي. (23-24 توبه)

ترجمو: "جن ماڻهن ايمان آندو، هجرت اختيار ڪئي، مال ۽ جان سان خدا جي راهه ۾ جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن پناهه ڏني ۽ مدد ڪئي، حقيقت ۾ اهي ئي ماڻهو هڪٻئي جا مائٽ ۽ عزيز آهن ۽ جن ايمان آندو پر هجرت نه ڪيائون ته انهن جي مدد جو ذمون اوهان تي نه آهي ايستائين جو اهي هجرت ڪن." (سورة انفال- آيت 72)

حضور ﷺ جن جي قوم جي جن ماڻهن يا عزيزن ايمان نه آندو، خود تن لاءِ به هن نئين سماج ۾ ڪا جاءِ ڪونه هئي. بشرطيڪ اهي توبه ڪري، هن نئين سماج جي بنيادي اصولن جي پابندي جو اعلان ڪيو.

قرآن جو فرمان آهي:

"جيڪڏهن اهي توبه ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪواة ڏيندا رهن ته پوءِ اهي توهان جا ديني ڀائر آهن." (سورة توبه آيت 11)

هن سماج ۾ عقيدي ۽ ايمان کي ايڏي اهميت حاصل هئي، جو هن ۾ اهي ئي انسان داخل ٿي پئي سگهيا، جن کي اسلام جي ڪشش ڇڪيو پئي.عقيدي ۽ ايمان جي روشني جو اندازو قرآن پاڪ جي هيٺين آيت مان لڳائي سگهو ٿا:

ترجمو: "اي ايمان وارو! جيڪڏهن اوهان وٽ مومن عورتون هجرت ڪري اچن ته انهن کي پرکيو. الله تعاليٰ سندن ايمان کان چڱي طرح واقف آهي. پوءِ جيڪڏهن انهن کي ايمان جي حالت ۾ ڏسو ته کين ڪافرن جي حوالي نه ڪيو. اهي عورتون نه ڪافرن لاءِ جائز آهن ۽ نه وري ڪافر انهن لاءِ جائز آهن ۽ ڪافرن انهن تي جيڪي رقم خرچ ڪئي آهي، سا انهن کي ادا ڪري ڏيو ۽ اوهان لاءِ انهن عورتن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي. اوهان انهن کي حق مهر ڏيئي ڇڏيو ۽ اوهين ڪافر عورتن کي پنهنجي قبضي ۾ نه رکو." (10- ممتحنه)

هن پاڪيزه معاشري ۾ مسلمان ٻانهيءَ جي عزت هڪ شريف زادي کان هزار درجا بهتر آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

”۽ مشرڪ عورت سان اوستائين نڪاح نہ ڪريو ، جيستائين اهي ايمان نہ آڻين. هڪ مومنياني ٻانهي هڪ مشرڪياڻي شريف زادي کان گهڻو بهتر آهي، جيتوڻيڪ اها (مشرڪياڻي) اوهان کي ڪيڏي بہ پلي چو نہ لڳي ۽ پنهنجون ٻانهيون مشرڪن جي نڪاح ۾ نہ ڏيو ، جيستائين اهي ايمان نہ آڻين. هڪ غلام مومن آزاد مشرڪ کان تمام بهتر آهي، توڙي جو اهو (مشرڪ) اوهان کي پسند ايندو هجي.“ (211- بقره)

هن سماج ۾ برادري ۽ ڀائپيءَ جي پيڙهہ نسل، نسب، ٻولي يا وطن جي بجاءِ ايمان، اسلام ۽ عقيدي تي رکيل آهي. انما المومنون اخوة ”ايمان وارا پاڻ ۾ ڀائر آهن.“

مسلمانن جي صفتن ۾ هڪ صفت اها بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ اهي پاڻ ۾ ڏاڍا رحمدل ۽ محبت ڪندڙ آهن. جڏهن تہ اهي ڪافرن لاءِ بيحد سخت هوندا آهن يعني اهي ڪافرن کي اهو موقعو نہ ڏيندا آهن، جو اهي مسلمانن جي معاملات ۾ دخل اندازي ۽ پنهنجن ناپاڪ مقصدن لاءِ ڪين استعمال ڪري سگهن.

”محمد ﷺ ، الله تعاليٰ جا رسول آهن ۽ جيڪي انهن سان ساڻ آهن، اهي ڪافرن لاءِ نهايت سخت ۽ پاڻ ۾ ڏاڍا مهربان آهن.“

ڀائپي ۽ برادري جي اها عظيم الشان عمارت اسلام جي ڪري ئي تعمير ٿي هئي. ”هڪڙو مسلمان ٻئي مسلمان لاءِ پٽ ۾ استعمال ٿيل انهن سرن وانگر آهي، جيڪي هڪ ٻئي کي تقويت پهچائين ٿيون.“

”هن پوري اسلامي سماج کي هڪڙي جسم سان مشابهت ڏني ويئي آهي ۽ معاشري جي فردن کي جسم جي عضون سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. هڪ ٻئي سان محبت جي معاملي ۾ مسلمانن جي حالت هڪ جسم وانگر



آهي، جنهن جي ڪنهن حصي کي جيڪڏهن ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ سڄو جسم بي آرامي ٿي پوي ٿو.“ (مسلم)

هن نئين سماج ۾ جنهن وقت قوميت، رياست جو روپ اختيار ڪيو تہ ان جي رهواسين لاءِ ”مسلم“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو . لفظ مسلم قرآن ۽ حديث پاڪ ۾ ٻن معنائن ۾ استعمال ٿيو آهي. هڪ خدا ۽ رسول الله ﷺ جن جي مڪمل فرمانبرداري ۽ اطاعت لاءِ ۽ ٻيو اسلامي رياست جي هڪ عام فرد لاءِ .

”حضور ﷺ جن فرمايو تہ جنهن اسان وانگر نماز ادا ڪئي، نماز لاءِ ڪعبتہ الله ڏانهن منهن ڪيو ۽ اسان جو ڪُٺل کاڌو تہ اهو (اسلامي رياست جو شهري) مسلم آهي ان جو ذمو الله ۽ ان جي رسول تي آهي. الله جي پاران انهيءَ ضمانت ۾ خيانت نہ ڪجوءِ.“ (بخاري شريف)

ميمون بن يسار ، ان بن مالڪ کان پڇيو! اي ابو حمزه انسان جي جان مال جي احترام لاءِ ڪهڙا شرط آهن؟ هن جواب ۾ چيو تہ جيڪو شخص لااله الاالله جي شهادت ڏيئي، ڪعبتہ الله ڏانهن منهن ڪري، اسان جي طريقي موجب نماز ادا ڪري ۽ اسان جو ڪٺل کائي تہ اهو شخص مسلم (اسلامي رياست جو شهري) آهي ان کي مسلمانن جهڙا حقوق حاصل هوندا ۽ مٿس مسلمانن جهڙيون ذميداريون ۽ جوابداريون عائد ٿينديون. (بخاري)

## آخر قوميت جو بنياد اسلام ئي چو؟

انهن واضح دليلن کان پوءِ اهو چوڻ جي گنجائش باقي نٿي رهي تہ اسلام کان سواءِ بہ اسلامي قوميت وجود ۾ اچي سگهي ٿي. پر هڪڙو ڪچي ذهن وارو فرد چئي سگهي ٿو تہ دراصل اهو بہ ٻين مذهبي تعصبن وانگر هڪ عام تعصب آهي، جو اسلام پاڻ کان سواءِ ٻين کي قوميت جو بنياد مڃڻ لاءِ تيار ناهي. جيئن تہ موجوده زماني ۾ مذهب ۽ سياست ڌار ڌار شڪلون اختيار ڪري چڪا آهن، تنهنڪري نہ رڳو غير مسلم، پر اڪيچار مسلمان

پڻ انهيءَ غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن. ان ڪري ضروري آهي تہ ان جا اسباب بيان ڪجن ۽ اهو ٻڌائجي تہ اسلام قوميت جو بنياد ڇو آهي؟

ان جو پهريون سبب تہ اهو آهي تہ اسلام هڪ اهڙو مذهب آهي، جيڪو دين ۽ دنيا يا مذهب ۽ سياست جي ڌار ڌار هجڻ جو قائل ناهي. اسلام زندگي جي ڪنهن بہ حصي کي توڙي اها انفرادي هجي يا اجتماعي، آزاد ۽ ڇڙواڳ نہ ڇڏيو آهي. اسلام جيئن انفرادي زندگي گذارڻ لاءِ هدايتون ڏي ٿو ، تيئن اهو اجتماعي ۽ سياسي زندگي لاءِ بہ گس ٻڌائي ٿو ، جيڪو عالمگير ۽ همہ گير دين هجي، تنهن لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي تہ اهو قوميت جي جوڙجڪ جو اختيار پاڻ کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي ڏيندو هجي. جيڪڏهن اسلام کان سواءِ ڪنهن ٻئي اصول تي اجتماعي زندگي جي اڏاوت ڪئي ويندي تہ ان جو مطلب ان کانسواءِ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ قوم اجتماعي طور تي اسلام جي اصولن ۽ هدايتن تي هلڻ لاءِ تيار ناهي.

اسلام قوميت جو بنياد ڇو آهي؟ ان جو ٻيو سبب اهو آهي تہ اسلام جي نظر ۾ انسانن جي وچ ۾ عقيدن ۽ اصولن جي اختلاف کان سواءِ ٻيا سڀئي اختلاف غير فطري ۽ غير عقلي آهن. اسلام چوي ٿو تہ آدم جي اولاد ۾ رنگ، نسل ۽ ٻوليءِ جي آڌار تي اختلاف ۽ دشمني پيدا ٿيڻ، اها بي وقوفي آهي. آخر هڪ ئي آدم ۽ حوا جي اولاد، جن جون گهرجون هڪ جهڙيون آهن. جن جا جذبا ۽ احساس ساڳيا آهن، جن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي لاءِ يڪسان ماحول درڪار آهي. ضرورتن ۾ ايڏي يڪسانيت جي باوجود آخر ظاهري شين جي آڌار تي سندن وچ ۾ فرق ڇو روا رکيو وڃي. انسان جي حقيقي خاصيت اها آهي تہ هو عقل جو مالڪ آهي، خاص فطري صلاحيتون موجود اٿس. اسلام جي دعوي آهي تہ ان جو ڏسيل طريقو انسان جي عقل ۽ فطرت جي عين مطابق آهي، پنهنجي مڃيندڙن کي هو صراط مستقيم يعني سڌي راه جو پانڌيئڙو چوي ٿو ۽ پنهنجن منڪرن کي هو ڀٽڪيل ۽ گمراه



قرار ڏئي ٿو . اسلام پنهنجي مڃيندڙن کي بنا رنگ، نسل ۽ وطن جي فرق جي متحد ٿيڻ جي دعوت ڏي ٿو، جڏهن تہ نہ مڃيندڙن کي انهيءَ قوميت کان جدا ڪري ڇڏي ٿو . اسلام انسانن جي وچ ۾ فقط ايمان، عقيدي ۽ اعتقاد جي فرق کي مڃي ٿو . باقي ٻين انهن سڀني هٿراڌو ويڇن کي ختم ڪري ڇڏي ٿو، جيڪي انسانن کي تقسيم ڪن ٿا.

ٽيون سبب هي آهي تہ موجوده قوميت جا جيڪي ڪارڻ آهن يعني نسل، وطن، ٻولي وغيره ، اسلام انهن جي فطري حيثيت کي پوري طرح تسليم ڪري ٿو ، اهي سمورا حق خود اسلام جو حصو بڻجي چڪا آهن. هڪڙي سچي مسلمان لاءِ پنهنجي نسل، ٻولي ۽ وطن وارن جا حق ادا ڪرڻ ائين ضروري آهي، جيئن نماز ادا ڪرڻ ۽ روزو رکڻ ضروري آهي. البتہ جيڪي ماڻهو نسل، رنگ ۽ ٻولي کي ان کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ چاهين ٿا يا ڏيندا رهن ٿا، حقيقت ۾ اهي هنن شين جا فطري حق ناهن، بلڪ الله تعاليٰ جا خاص حق آهن. جيڪي هو قوميت کي ڏين ٿا. قوميت لاءِ انهن شين کي بنياد بنائڻ جو مقصد ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي تہ انسانيت کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهايو وڃي ۽ انسان ذات کي تعصب، حسد ۽ جهيڙن جهڳڙن ۾ مبتلا ڪيو وڃي. ان کان پوءِ پنهنجي پنهنجي وطن ۽ قوم جي ڀهبودي خاطر هڪ ٻئي سان جنگيون شروع ڪرڻ قومن جو مشغلو ٿيو پوي .

### اسلامي ملت ۽ غيرمسلم:

انهيءَ تفصيل مان اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ غيرمسلم اسلامي ملت جو حصو ڇو نٿا بڻجي سگهن، اها حقيقت پڻ سامهون اچي وئي تہ ان جو سبب ڪو مذهبي تعصب يا حسد نہ آهي، بلڪ اصل سبب اهو آهي تہ هو قوميت جي انهن وسيع تصورات ۽ نظرين جا قائل ناهن، جيڪي اسلام پيش ڪيا آهن.

هاڻي سوال هي آهي تہ جيڪڏهن غيرمسلم ”اسلامي ملت“ جو جزو يا حصو نٿا بڻجي سگهن تہ هڪ صحيح اسلامي نظام ۾ انهن جو مقام ڪهڙو آهي ان سوال جو جواب هن ڪتاب جي پيِن بابن ۾ ڏنو ويو آهي .

(تفصيل لاءِ ڏسو ”اسلامي رياست“ مصنف مولانا امين احسن اصلاحي)